
ناول
ڀٽائيءَ جو عشق
هوش محمد ڀٽي
ڀٽائيءَ جو عشق
هوش محمد ڀٽي
ڪنول پبليڪيشن قنبر
189

# پتائيءَ جو عشق

(ناول)

هوش محمد پتي

2017ع

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# BOOK NO: (189)


- Bhatti jo Ishq
- ڀٽائيءَ جو عشق

(Novel) (ناول)

- Hosh Muhammad Bhatti
- هوش محمد ڀٽي

FIRST EDITION 2017

ڇاپو پهريون: مئي 2017ع

ٽائيٽل ۽ لي آئوٽ: سعيد سومرو

ڪمپوزنگ: محمد خان ڪانڌڙو



*All Rights Reserved With*

© KANWAL

Publication Kamber



ڪنول

پبليڪيشن قنبر

ملهه: 200 روپيا


## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

ڀٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد.

ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.

سمباره پبليڪيشن هائوس، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد.

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - مهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ

مدني بڪ شاپ، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر

ترڪتاب گهر، مني - ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد

تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس- سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

**امان جيجل جي نالي...**
جنھن جي لاءِ مان اڄ ڏينھن تائين ڪجھ
بہ نہ ڪري سگھيو آھيان.

هوش محمد ڀٽي....

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”پٽائيءَ جو عشق“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نوجوان ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **هوش محمد پٽيءَ** جو لکيل پهريون ناول آهي.

تخليقي ناول ”پٽائيءَ جو عشق“ پنهنجي جوهر ۾ هڪ خوبصورت رومانوي ڪهاڻي رکي ٿو، جنهن ۾ نه رڳو سماج جا ابتڙ ٽيندڙ عڪس پيش ڪيل آهن جنسيات کان پوءِ، قومي ۽ شخصي پيچ ڊاهه کان وٺي معاشرتي مسئلن کي به نظرانداز ناهي ڪيو ويو. هوش محمد پٽي جي ٻولي نهايت سرل ۽ هر پڙهيل فرد کي سمجهه ۾ ايندڙ آهي. سندس پهرين ناول ۾ منظرنگاريءَ کان وٺي ڊائيلاگ تائين پختگي هوش محمد پٽي جي ناول تي گرفت موجود آهي.

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن، قنبر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري هوش محمد پٽيءَ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## اداري پاران:

هوش محمد ڀٽي، نئين ٽهيءَ جو نہ رڳو جاڪوڙي ليکاري آهي پر ”سڱلتا“ ميگ ذريعي پنهنجي ٽهيءَ ۽ اڳئين ٽهيءَ کي يڪ جاءِ شايع ڪري ڪين ادبي اتساهہ ڏيندڙ ڏاهو ايڊيٽر بہ آهي.

هڪ پاڙ بهترين ليکڪ ئي ٻئي بهترين ليک جي سهڻي پرک ڪرڻ ڄاڻي. هوش محمد ڀٽي جي بنيادي سڃاڻپ سنڌي جديد ڪهاڻيڪار ۽ شاعر واري رهي آهي. جنهن جا اڳ آيل ڪتاب ”انگن جي راند“ (ڪهاڻيون) ۽ ”پوپٽ ڏاڍا پيارا آهن“ (ٻارن لاءِ شاعري) سندس ادبي جدت جا گواهہ آهن.

ان کان پوءِ سندس اوچي ادبي اڏار ڏانهن وک سندس پهريون تخليقي ناول ”پٽائيءَ جو عشق“ پنهنجي جوهر ۾ هڪ خوبصورت رومانوي ڪهاڻي رکي ٿو جنهن ۾ نہ رڳو سماج جا ابتڙ ٽيندڙ عڪس پيش ڪيل آهن جنسيات کان پوءِ، قومي ۽ شخصي پيچ ڊاهہ کان وٺي معاشرتي مسئلن کي بہ نظرانداز ناهي ڪيو ويو. هوش محمد ڀٽي جي ٻولي نهايت سرل ۽ هر پڙهيل فرد کي سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. سندس پهرين ناول ۾ منظرنگاريءَ کان وٺي ڊائيلاگ تائين پختگي هوش محمد ڀٽي جي ناول تي گرفت موجود آهي. سنڌي ناول ۾ پيش ٿيندڙ چند رومانوي ناولز کان ٻاهر نڪري جيڪڏهن موضوعاتي وسعت ڏانهن ڌيان ڏجي، تہ سنڌي ناول عالمي ناول سان منهن مقابل ٿيڻ جوڳو آهي. اميد تہ ”پٽائي جي عشق“ جي جوڳي ميڄتا کان پوءِ، سنڌي ناول جي هن سفر ۾ هوش محمد ڀٽي پنهنجا ٻيا بہ تخليقي ناول پيش ڪري سنڌي ناول نويسن ۾ اهم جاءِ والاريندو.

سعيد سومرو
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Cell: 0333_7523132
Saeedsoomro4@yahoo. Com

مهاڳ

# ناول جو نئون لهجو...

هينري جيمس چيو هو، ”ناول بنيادي طور تي ليکڪ جي زندگيءَ جو ذاتي تجربو ۽ سڌو سنئون تاثر هوندو آهي.“ ٿامس هارڊي چوي ٿو، ”ناول بحث مباحثو يا دليل نه بلڪ هڪ اهڙي نوعيت جو تاثر آهي، جنهن ۾ ناول نگار پاڻ سڌو سنئون موجود هوندو آهي“.

سنڌي ناول ترجمي کان سفر ڪري طبعزاد حيثيت ماڻڻ تائين وڏو سفر ڪيو آهي. ۽ سنڌي سماج جو سڌو سنئون عڪاس بڻجي پنهنجي حيثيت مڃائي چڪو آهي. سنڌي ناول نگاري جي فن کي جيئدان ڏيندڙن ۾ قليچ بيگ، خليق موريائي، محمد عثمان ڏيپلائي، آغا سليم، علي بابا، طارق عالم ابڙو، سراج، ماڻڪ، اسحاق انصاري، اخلاق انصاري، قبول ابڙو، پرويز، سليم چنا، ڊاڪٽر رسول ميمڻ، منير چانڊيو، نور جوڻيجو، مهتاب محبوب ۽ ج.ع.منگهاڻي جا نالا شامل آهن. جن نه صرف فني حوالي سان ناول کي جدت ڏني بلڪ پيشڪش ۽ ٻوليءَ ۾ پڻ نواڻ آندي. سنڌي ناول نگاري جي تاريخ تي طائرانه نظر ڊوڙائڻ سان اسان کي اطمينان ملي ٿو ۽ اها ڪوٺ جيڪا ڪجھ سال اڳ تائين ناول نگاريءَ جي دنيا ۾ محسوس پئي ڪئي وئي گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ هاڻي اطمينان جوڳي صورتحال پيدا ٿي آهي ۽ اسان چئي سگهون ٿا ته سنڌي ناول هن وقت سٺي انگ ۾ لکجي رهيو آهي. اجان به اطمينان جوڳي ڳالھ اها آهي ته ناول پنهنجي پر ۾ مختلف طرز ۽ انداز سان لکجي رهيو آهي، خاص طور تي تاريخي، نفسياتي، سماجي، رومانوي، جمالياتي، مزاحمتي، سياسي ۽ شخصي ناول گهڻا اچي رهيا آهن.

اسانجي دوست هوش محمد ڀٽي جو ناول، ”پتائيءَ جو عشق“ به سنڌي ناول نگاريءَ جي فهرست ۾ اهم جاءِ والارڻ جا ڳڻ رکي ٿو، خاص طور تي هن ناول ۾ نفسياتي، مزاحمتي ۽ رومانوي ٽچ ناول کي الڳ ڪري بيهارڻ لاءِ ڪافي آهن. ناول اڄوڪي سماج جي مختلف ڪردارن سان جڙيل آهي ۽ ان جي ٽريٽمينٽ جديديت کان جديديت پڄاڻان جو سفر ڪري ٿي. خاص طور تي جڏهن اسان مڃون ٿا ته جديديت پڄاڻان، ڪاميابي واڌو ڪاميابي برابر ڪاميابي جو دؤر آهي ته پوءِ هيءُ ناول اهڙي ڪٿا جو چٽو عڪس آهي. ڪهاڻي جا ڪردار هر فيلڊ ۾ ڪاميابيون چاهين ٿا، عشق ۾ ، پيار ۾، فلرٽ ۾، زندگيءَ ۾ ، رشتن توڙي سماج ۾ هن ناول جا سڀ ڪردار ڪاميابيون چاهين ٿا ۽ ڪاميابيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪي ڪردار هاڪاري ۽ ڪي ناڪاري سرگرمين ۾ ملوث ٿين ٿا. ناول جو مکيه ڪردار پتائي هڪ ئي وقت مختلف نفسياتي مامرن مان گذري ٿو.

ناول جا سڀ ڪردار لوئر مڊل ڪلاس سان تعلق رکن ٿا، ۽ سنڌ جي ڀرازين سان ڳنڍيل ننڍن توڙي وڏن شهرن سان جڙيل آهن. جيڪي بنيادي طور تي اين جي اوز ڪلچر سان وابسطه آهن. منهنجي

خيال ۾ اين جي اوز ڪلچر اسان جي وڏي ڪيپ کي متاثر ڪيو آهي، ڪن ڏاهن جو خيال آهي تہ اين جي او ڪلچر سنڌ جو 'ڪريم مائينڊ' ڪپائي ڇڏيو آهي تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ اين جي او ڪلچر سنڌ جي جاڪوڙي ماڻهن کي امداد جي نالي تي نڪمو ۽ ناڪارا بڻائي رهيو آهي تہ ڪن جو چوڻ آهي تہ اين جي او ڪلچر نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ ۾ سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ناول ۾ توڙي جو سڌو سنئون اين جي او ڪلچر کي تنقيد جو نشانو ناهي بڻايو ويو نہ ئي وري ليکڪ ان جي تعريف ڪري ٿو پر ليکڪ انتهائي برجستائيءَ سان اين جي او ڪلچر ۾ ٿيندڙ واقعن کي خبرداريءَ سان بيان ڪري ويو آهي ۽ هر معاملي ۾ پاڻ کي غير جانبدار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ اين جي او ڪلچر جي چانو ۾ پلجندڙ ڪهاڻيءَ تي لکيل سنڌيءَ جو هيءُ پهريون ناول هوندو ، جنهن ۾ باريڪ بينيءَ سان 'آفيس انوائرنمينٽ' کان وينديءَ اتي جي 'دوستي ڪلچر' کي بيان ڪيو آهي.

هن ناول ۾ ڊائلاگ ڏاڍا خوبصورت آهن، ڪي ڊائيلاگ تہ ننڍڙا نثري نظم ٿي پيا آهن، جيئن،

"محبت مڪمل نفسياتي معاملو آهي."

"رميسا جي مک تي محبت جو نيرو رنگ نہ پر ڪام جو ڳاڙهو رنگ چڙهي ويو هو."

رنگ واقعي بہ علامتون آهن، ۽ شايد 2002ع ۾ عالمي سطح تي مختلف رنگن کي مختلف علامتن جو يونيڪوڊ ناهيو ويو هو. جنهن تحت، سائو رنگ، زندگي، نئين جواني، عورت جي آزادي، تناسب، فطرت،، ڳپ، لالچ ۽ حسد جي علامت مڃيو ويو، ڪارو رنگ، ڏک، موت، شيطان، خوف ۽ پر اسراريت جي علامت مڃيو ويو، سفيد رنگ، پاڪائي، ڪنوارپ ۽ معصوميت جي علامت طور تسليم ڪيو ويو، ڦڪو رنگ، خوشي، راحت، دانش ۽ بيماري جي علامت طور مڃيو ويو، ڳاڙهو رنگ، قرباني، جنگ، خطري ۽ سگهہ (ڪام جي سگهہ جنهن ڏانهن هن ناول ۾ اشارو ڪيل آهي) جي علامت سمجهيو ويو، نيرو رنگ، ڏک، خوشي، امن، آرام، اعتبار، وفا، ڏاهپ، اعتماد، سچ، جنت ۽ محبت جي علامت تسليم ڪيو ويو. گلابي رنگ، پيار محبت، عورت، عشق، دوستي ۽ قرب جو رنگ مڃيو ويو. نارنگي رنگ، جنسيت، شهوت، وهشت ۽ تصوف جو رنگ تسليم ڪيو ويو. سونهري رنگ، غرور، چونڊ، دوستي ۽ دعا جو رنگ مڃيو ويو پر سونهري رنگ کي ميرانجهڙي ڦڪي/زرد رنگ جي ويجهو هوندي بہ ان کي الڳ ڪيو ويو. اهڙي ريت پيا رنگ پڻ علامتن لاءِ استعمال ٿيندا رهيا ۽ ٿيندا رهن ٿا. هن ناول ۾ ليکڪ جو رنگن کي علامتن طور ڪتب آڻڻ سندس علمي ادراڪ جو ثبوت آهي، جيڪو وڻندڙ لڳي ٿو. ناول جون هي سٽون بہ ڊائريءَ ۾ لکڻ جهڙيون آهن تہ،

"رميسا جو پيار منهنجي لاءِ ائين ٿي ويو آهي، جيئن ڪنهن پياسي کي چئجي تہ هو خواب ۾ ئي پاڻي پي پنهنجي اڃ اجهائي ڇڏي."

"مينهن ڪٽيون جسم جو ٻاهريون حصو پچائينديون آهن ۽ پيار جسم جو اندريون حصو آلو ڪندو آهي."

"تون هن جي نفسياتي خواهشن جو ضد بڻجي چڪو هئين."

ناول جي ہي خوبي اها آهي تہ هيءَ ناول احساساتي ناول آهي، جنهن ۾ احساسن کي تمام گهڻو ’ڊيپِڪٽ‘ ڪيو ويو آهي. دوستي، عاشقي، شاعري، زندگيءَ تشنگي هن ناول جا خاص استعارا آهن. ناول جون هيروئنس (سقلتا ۽ رُميسا) جتي پاڻ ۾ دوستيءَ جو دم ڀرين ٿيون اتي اهي ٻيئي وقفي وقفي سان ساڳي هيرو (پتائيءَ) کي پسند ڪن ٿيون ۽ ٻئي چاهيون هيرو کي پيار جي امرت سان سيراب ڪندي بہ پياسو ڇڏي هليون ٿيون وڃن، هڪ فلرٽ جي رستي تي ٻي مامتا جي جذبي تحت. هوش محمد ڀٽيءَ ڏاڍي نازڪ بيانيءَ سان پيار، محبت، وصل، وڇوڙا، درد، خوشيون، مجبوريون، اڃ، حسد، لالچ، حوس، شهوانيت، لڄ، حيا ۽ قرب جهڙا جذبا ستيا ۽ چٽيا آهن. بنيادي طور تي هيءَ ناول آهي ئي احساساتي؛ ڇاڪاڻ تہ هن ناول جو هر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن احساس هيٺ اڳتي سفر ڪري ٿو. پتائي پيار، محبت، عشق، مزاحمت، ڪروڌ، ڪاوڙ، ساڙ ۽ قومپرستي جهڙا متزاد ۽ منفرد احساس هڪ ئي وقت گڏ ڪٺي هلي ٿو تہ سقلتا پڻ پيار، محبت، اڃ، شهوت، شهرت ۽ دولت کي پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. سقلتا جو ڪردار گهڻو ناڪاري هوندي بہ محبوبہ واريون سڀ ادائون پاڻ سان گڏ ڪٺي هلي ٿو ۽ گهڻن قدرن جي پاسداري ڪري ٿو. جيئن جڏهن ڪيس خبر پئجي ٿي تہ پتائيءَ کي سندس بيماني جي پروڙ پئجي وئي آهي تہ هوءَ ڪائنس هميشہ جي لاءِ موڪلائي هلي ٿي وڃي. سندس اهو فيصلو هن جي خودداري ظاهر ڪري ٿو جيڪو پڻ هڪ خوبصورت احساساتي قدر آهي. سقلتا جي وڃڻ ڪانپوءِ رميسا جو پتائيءَ جي ويجهو اچڻ هڪ فطري احساس آهي ۽ پتائي توڙي جو هڪ ’شاڪ‘ مان گذريو هو پر هو رميسا جي ويجهو اچي پنهنجي درد جو جهڙو ڪر ڪٿارسس ڪري ٿو. ان نُڪتي تي پهچي ناول زندگي جي سچي تصوير بڻجي سامهون اچي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هن ناول ۾ ڪي وڏيو ڳالهيون ناهن ڪيون ويون بلڪہ هن ناول ۾ عام زندگيءَ جي ڪهاڻي آهي. هيروئن جڏهن هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهن سان پنهنجا لاڳاپا جوڙي ٿي تہ هيرو بہ ڪو وڏين آدرشن جي جنگ نٿو وڙهي بلڪہ ’بريڪ اپ‘ ڪان ٿورڙو ئي پوءِ پنهنجي ڇڏي ويل محبوبہ جي ساهيڙيءَ سان دل لڳائي ٿو. جيڪا وري جنهن ٻي هنڌ شادي ٿيڻ ۽ اولاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڀرپور ممتا جو روپ حاصل ڪري ٿي. جو آخر مجبور ٿي ناول جو هيرو پتائي ڇوي ٿو،

”هڪ عورت ماءُ بڻجي ايڏي پرسڪون ڇو ٿي وڃي ٿي؟ شايد عاشق جي جنسي رشتي ڪان يا محبت ڪان اولاد جو رشتو وڌيڪ سگهارو هوندو آهي. هوءَ مونکي اڻٿ ماري چڪي آهي. پر هوءَ پنهنجي اولاد کي ڇڏڻ جو تصور بہ نٿي ڪري سگهي. ماءُ ۽ اولاد جو سڱ اهڙو آفاقي آهي جو ان جي گهرائيءَ تائين پهچڻ نہ رڳو ڏکيو بلڪہ شايد ناممڪن هجي.“

يورپ ۾ ناول تي گهڻو ڪم ٿيو ٿئي، جن ۾ جديد نقاد مختلف زاوين ڪان ناولس جو نہ صرف تجزيو پيش ڪري رهيا آهن، بلڪہ انهن تي سخت تنقيد پڻ ڪري رهيا آهن. هڪ هڪ ناول جا 10 ڪان وڌيڪ ايڊيٽر مقرر ٿين ٿا جيڪي ناول جي ٻولي، مڪالمن، ڪردارن، تاريخ، نفسيات، جماليات ۽ آرٽ تي ڪم ڪن ٿا ۽ ان ڪانپوءِ ڪو ناول ميدان ۾ اچي ٿو ۽ نتيجي طور يورپ ۾ خاص طور انگريزي، فرينچ ۽

جرمن ٻولين جي ناول نگاري دنيا جي سيني ٻولين کان وڏيڪ طاقتور آهي. پر اسان وٽ صورتحال تبديل آهي. هتي ناول نگار سڄو ڪم پاڻ اڪيلي سر ٿو ڪري، پاڻ ئي ليکڪ، پاڻ ئي پروف ريڊر، پاڻ ئي ٽائپسٽ، پاڻ ئي پيج ميڪر، پاڻ ئي ايڊيٽر ۽ پاڻ ئي پريس تائين پچ ڊڪ ڪري ٿو. يورپ وارن ڪي جي اها تفصيلي ڪتا ڀڏائي وڃي تہ هو جيڪر چريا ٿي وڃن. هنن وٽ ڪم ونڊيل هوندا آهن. ڪو جيڪڏهن تاريخي ناول ٿو لکي تہ اهو تاريخي ناول نگار طور مشهور هوندو، ڪو نفسياتي ناول ٿو لکي تہ اهو نفسياتي ناول ئي لکندو، ائين هر شعبي ۽ شعبي جي هر پاسي ۾ يورپ ۾ اسپيشلائيزيشن جو رجحان وڏيڪ آهي. اسان جي آرٽ جو جهان ئي الڳ آهي.

هن ناول جي هڪ خاص خوبي اها بہ آهي تہ هن ۾ 'ڪوڊسئچنگ' ڪتب آندي وئي آهي. ڪوڊ سئچنگ هڪ قسم جي ٻولياتي ٽيڪنيڪ آهي، جنهن ۾ هڪ ئي وقت هڪ کان وڏيڪ ٻولين جي لفظن، محاورن، استعارن، اشارن ۽ تشبيهن توڙي تلميحن کي ڪتب آندو ويندو آهي. اسان جا جهونڙا ان ٽيڪنيڪ کي وڏي عرصي تائين عيب سمجهندا رهيا آهن ۽ شايد اڃا بہ ڪي سمجهن ٿا ۽ ان خيال جا آهن تہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڌاريا لفظ استعمال نہ ڪجن. حالانڪہ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڌاريا لفظ استعمال ڪري ڪا بہ تحرير سامهون آڻڻ هڪ آرٽ آهي، جنهن کي ڪوڊ سئچنگ چئجي ٿو ۽ لسانيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ اهڙي ريت ٻوليون هڪ ٻي جي وڏيڪ ويجهيون ايندڙيون ۽ انهن مان اوپرائپ ختم ٿي ويندي. اسان جا جهونڙا وري نج ۽ خالص ٻولي جي حق ۾ رهيا آهن، پر نوجوان ان طرف ڌيان نٿا ڏين اڪبر لغاريءَ جو چوڻ هوندو آهي تہ نج صرف ديسي گيهہ آهي ٻولي ڪا بہ نج ناهي ٿيندي. ڪوڊ سئچنگ واري ٽيڪنيڪ کي سڀ کان پهريون پيرو جان بلوم ۽ گمپرز نالي يورپي ڏاهن پنهنجي هڪ تحرير "Social Meaning in Linguistic Structures: Code Switching in Northern Norway" ۾ بحث هيٺ آندو ۽ ان کي آرٽ طور تسليم ڪيو. تازو ئي ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ سردار بهادر خان وومينس يونيورسٽي ڪوئٽہ جي انگريزي شعبي جي چيئرپرسن زينب اڪرم جو هڪ آرٽيڪل شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هن سنڌ ٽي وي جي لڳاتار 15 مارننگ شوز ۾ سنڌيءَ سان گڏ استعمال ڪيل انگريزي لفظن جي گريميٽيڪل ۽ لنگئسٽڪ حيثيت تي بحث ڪيو آهي. هن ناول ۾ پڻ ڪوڊ سئچنگ جي ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي وئي آهي جنهن کي آئون سنڌي ناول نگاريءَ جي فن ۾ هڪ سٺو اضافو تسليم ڪيان ٿو. ان سان گڏ رومن سنڌي ڪتب آڻي ليکڪ هڪ نئون تجربو ڪيو آهي، جيڪو پڻ ساراهہ جوڳو آهي. اميد تہ ناول پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

**ڊاڪٽر شير مهراڻي**
**سنڌي شعبو**
**ڪراچي يونيورسٽي**
**21 آگسٽ 2016ع**

ليکڪ پاران :

# ناول منهنجو ڪهاڻي ڪان پهريون عشق آهي

ها ناول سان منهنجي ويجهڙائي ڪهاڻي ڪان اڳ ۾ ٿي هئي. ڪهاڻيون پڙهڻ ۽ لکڻ جو لاڙو گهڻو بعد ۾ اپنايم. ناول جي محبت ۾ ڪو ناول نہ ڇڏيو، جيڪو بہ هٿ چڙهندو هيم پڙهي پوءِ ئي ساهي کڻندو هوس. ناولن جا ڪردار، انهن جون ڪهاڻيون ۽ واقعا مون کي بي حد خوشي ڏيندا هئا تہ ڪيترين راتين تائين سمهڻ بہ نہ ڏيندا هئا.

ناولن جي دنيا ۾ رهندي مون ناول لکڻ شروع ڪيو، جنهن کي "پليدان" جو نالو ڏنو هئم. اهو ناول هڪ شهري ڇوڪري جي ڪهاڻي هو ۽ مون ستر يا اسي صفحا لکي ڇڏيا، الائي تہ ڇو لکندي لکندي اڌ ۾ ڇڏي ڏنم ۽ اهو 2002ع جو زمانو هو پوءِ ڦاڙي ڇڏيم يا لائبريري جي ڪنڊ پاسي ۾ ڪٿي پيل بہ هجن اهي ڪاغذ..

2014ع ۾ پيٽرڪ مديانو جي نوبل خطاب کي پڙهڻ جو موقعو مليم ۽ پيٽرڪ مديانو فرانس جي بهترين ناول نگار طور نوبل انعام ڏنو ويو هو. ان ناول لکڻ بابت چيو تہ "تخليق ڪار کي ان وقت جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي تہ ٿورو پڙهي وٺان، يا اجان ٿورو وڌو ٿيان، وڏيڪ ڏاهو ٿيان تہ پوءِ ناول لکندس وغيره. پر ليکڪ کي جيڪو بہ جنهن بہ وقت تخيل ۾ اچي ان کي لکي ڇڏڻ گهرجي. ٻئي صورت ۾ شيون ليکڪ جي ذهن مان نڪري ويندون آهن.

ائين ڪيڏا پلاٽ ۽ ڪردار انهن گذريل ڏهاڪو سالن ۾ آيا ۽ ذهن جي پڪڙ مان نڪري ويا. پر مديانو جي خطبي پڙهڻ کان پوءِ مون فورن پنهنجي ناول واري شعبي ڏانهن پر اعتماد نموني سان اچي ويس. لکڻ شروع ڪيم. منهنجي پي ايچ ڊي ٿيسسز جي ڪم دؤران مون کي منهنجي ناول جا ڪردار ڪافي ڇڪيندا رهندا هئا. مون ان ڪم ڪندي ناول بہ لکي ورتو. جنهن جي خبر اگر منهنجي پي ايچ ڊي رهبر سائڻ ڊاڪٽر تهمينہ مفتي کي پوندي تہ ناراض ٿيندي. جڏهن منهنجو ناول ڇپيل ڏسندي. ڇو جو ان جو منع ڪيل هو تہ تون پهريان پنهنجي پي ايچ ڊي پوري ڪر پوءِ ٻيا ڪم ڪجان! پر ناول تہ مون کان لکجي ويو هاڻي ڇا ٿي سگهندو!

ڏسان ٿو سنڌي ناول نويسيءَ جو سڄو ميدان خالي آهي. امر جليل هڪ ناول لکي ميدان کان ٻاهر پويلين ۾ ويٺو آهي، طارق عالم ابڙو هڪڙو ناول لکي شهرت ماڻي مري ويو. سراج بہ ناولن جي

ثريالاجي لکي ۽ پوءِ ناولن کي ڪڏهن وقت نہ ڏنو. آغا سليم بہ ٽڪجي سمهي پيو. سنڌي ناول جي دنيا هڪ اهڙي مسافر جي تلاش ۾ آهي جيڪو هن سان توڙ نہ نڀائي تہ ڳپل پنڌ ڪري. سنڌي ناول نگار مون مشاهدو ڪيو آهي هڪ ناول کان اڳتي نہ ٿا وڌن. خير ڪي اهڙا ناول نگار آهن جن هڪ کان مٿي ناول لکيا آهن ۽ سٺا لکيا آهن غلام نبي مغل انهن منجهان آهي.

آءُ سنڌي ناول جو جهنڊو کڻي ميدان ۾ لٿو آهيان. ناول جي دنيا منهنجي دنيا آهي. جنهن ۾ هر وقت جيئندو رهندو آهيان. ناول پڙهڻ، انهن تي ڳالهائڻ ۽ هاڻي انهن تي لکڻ مون لاءِ هڪ اهم ڪم بڻجي ويو آهي. ناول نگار، ناول پڙهڻ وارا ۽ ناولن تي لکڻ وارن سان گهڻو چاهہ اٿم.

منهنجو هي Debut پهريتو ناول آهي. دنيا جو سمورو ادب عورت جي ڪري تخليق ڪيو ويجي ٿو. ان سان جڙيل محرومين ۽ حاصلات جا احساس ئي شاعري، ڪهاڻي، ناول، غزل ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙين ڪهڙين صنفن ۾ پرتجي لازوال تخليقون ٿي وجن ٿيون. عورت ئي ادب جي تخليق ٿيڻ جو سرچشمو آهي. دنيا جو هر تخليقي ماڻهو قدرت جي خوبصورت ترين تخليق کان متاثر ٿيڻ کان رهي ئي نہ سگهيو هوندو، تہ پوءِ آءُ ڪهڙي باغ جي موري آهيان. آءُ بہ انهن عورت متاثرن جي قطار ۾ پٺيان بيٺو آهيان. مون پنهنجي پهريتي ناول جو مسودو آخري محبت ڏانهن اماڻيو، هن پڙهيو. الائي ڇو منهنجي دلي خواهش هئي تہ هوءَ پهريان پڙهي! هن پڙهيو پوءِ ئي آءُ اڳتي وڌيس.

اداس نسلين جي خالق عبدالله حسين چيو آهي تہ ”پهرين ناول ۾ هميشہ غلطيون رهجي وينديون آهن.“ سو منهنجو هي پهريون ناول پڙهندڙن جي نظر.. آءُ سنڌي ناول نويسيءَ ۾ پنهنجي داخلا ڪرائي رهيو آهيان. مون کان ڪي غلطيون ٿي بہ ويون هونديون. ڪي سٺايون بہ هونديون. جيڪي بہ پڙهندڙ دلي رايا ڏيندا، اهي بہ اکين تي ۽ جيڪي ساڙ ۽ بغض مان باهہ ڪيندا، هي بہ قبول هوندا.

10-02-2016

**هوش محمد ڀٽي**

حيدرآباد

0333-3788478

hosh6292@yahoo.com

هي ان وقت جي ڳالھ آهي

جڏهن سنڌ ۾ ٻهراڙي جا شهر، جديد شهرن جون شيون اپڻ ڪري پنهنجي تهذيب تيزي سان تبديل ڪري رهيا هئا.

سڦلتا ۽ رميسا... ٻئي گڏجي اسڪول وينديون هيون. هو پوري طرح اجا نہ سامايون هيون. پر هر روايتي ڇوڪرين جيان خوشحال مردن جا خواب نيڻن جي آڳر ۾ پوڪينديون وينديون هيون. ٻئي هيون تہ الڳ جسم پر جان هڪ هئن!! ساهہ گڏ گڏ کڻنديون هون.

سندن خيال ۽ تصور ۾ خوبصورت شهزادا هوندا هئا. جيڪي خوبصورت هجڻ سان خوب سيرت بہ هجن تہ دولت مند بہ... ۽ ساٽن وڏي واڪي پرڻو ڪري کين پنهنجو بڻائين... سندن ٻار بہ ٿين، دنيا جي سيني ٻارن کان مختلف ۽ خوبصورت ٻار... اهي آسون من ۾ آنڌ مانڌ مچائي ويٺيون هونديون هئن.

سڦلتا جو پيءُ عام واپاري هو. رميسا جو پيءُ حڪومت سنڌ ۾ هڪ ننڍڙو ملازم هو. سندن مائر گهرو عورتون هيون. اويل سويل ٽوپو ٽڳو ڏينديون هيون تہ ڪجهہ ڪمائي وٺنديون هيون. اهِو ئي ڪم سڦلتا بہ پنهنجي امڙ کان سکندي هئي.

سنڌ جي ٻهراڙي واري علائقي ۾ هڪ ننڍڙي شهر (جنهن ۾ ميونسپل ڪاميٽي هوندي آهي) ۾ سندن گهر هو. سندن گهرن ۾ گهڻو مفاصلو بہ نہ هو. ان شهر ۾ هي ٻئي خواب ڏسنديون هيون... انهن ڇوڪرن جا جيڪي سندن سوچ ۾ پيهل هوندا هئا. اهي ايندا ۽ هنن کي وٺي ويندا. هو ٻئي پوءِ ٻي دنيا جوڙي جيئڻ جو لطف ماڻينديون.

ائين ئي سڦلتا ۽ رميسا اوسيئڙي جي ڏکي خفي ۾ هر پل رُڌل رهنديون هون. هنن جي عمر انهن ڏينهن ۾ 14 سال هئي. گڏجي اسڪول وينديون هون. هلڪي نيري چولي، سفيد رئي ۽ شلوار واري اسڪولي لباس ۾ ڪنهن ٻئي گرهہ جون ڪي سهڻيون عورتون لڳنديون هون. اسڪول ويندي ڪو نہ ڪو ڇوڪرو سندن ساڳئي سفر ۾ راهي ٿي پوندو هو. جنهن تي هو ٻئي دل ۾ خوش تہ ڪڏهن حيران پريشان بہ ٿي وينديون هون. گهر کان اسڪول تائين جي سفر ۽ اسڪول کان گهر جي سفر جون گهڙيون هنن لاءِ پوري رات ڏينهن جي سڀن گهڙين کان مسرتن واريون هونديون هون؛ خوشي، ڪاوڙ، مصيبت، پياس ۽ عذاب واريون گهڙيون..

هونئن تہ هو اڪثر چپ رهنديون هون. هڪ ٻہ جملو نہ ڪڇنديون هون. روز جي اهائي ڪرت هوندي هئي. ڪڏهن سڦلتا ڪوڙي ڪاوڙ جو ڏيکاءُ ڪندي... ڇوڪري کي چڙپيندي چوندي هئي..
"ڇورا اسان جي پويان ڇو ٿو اچين؟"

ڇوڪرو چوندو: "ادي مان تنهنجي نہ هن (رميسا) جي پويان ٿو اچان." موڙو ڏئي مشڪي وري تيز هلنديون هون. ٻئي دفعي وري رميسا اهو ساڳيو ڏيک ورجائيندي هئي...
"ڇورا! اسان جو پيڇو ڇو ٿو ڪرين؟"

ڇوڪرو نماڻائي سان چوندو هو. "ادي رميسا توهان ڇو ٿا چڙو مان تہ سڦلتا جي پويان ٿو اچان." جنهن تي رميسا جا دوڏا ڦوتارجي ويندا هئا ۽ هوءَ سڦلتا کي ڪلهي تي ٺڦڪي هٽي تڪڙو هلڻ جي هدايت ڪندي هئي.

هڪ صبح جو اسڪول ويندي، اهو ڇوڪرو جيڪو سڦلتا جي پويان ايندو هو. سندن ويجهو آيو ۽ ڪجهہ ڏيڻ چاهيائين، اهڙي اوچتي حرڪت تي ٻئي ڇٽيون ونجي ڦڪيون ٿي ويون ۽ تڪڙيون وکون کڻڻ لڳيون. ڇوڪري کي ويجهو ايندو ڏسي ٻڃي ويون متان ڪوئي ڪين ڏسي وٺي! شهزادن جو خواب ڏسڻ واريون.. شهزادي ڪان ايترو خوف ڪائي رهيون هون. اهو ڇوڪرو ڏسڻ ۾ ايترو ويل بہ نہ هو.

اهو سڄو ڏينهن سڦلتا پڙهائي تي خاص ڌيان نہ ڏئي سگهي. ڇوڪري جي اهڙي عمل تي ڪيس تڪليف ٿي رهي هئي. حد درجي جو خوف ڪيس ورائي رهيو هو. ڇوڪرو تہ روز ڳالهائڻ جا بهانا ڳوليندو هو ۽ اڄ ڳالهائي بہ ورتائين. سڦلتا کي سمجهہ ۾ نہ اچي رهيو هو تہ هوءَ ڇا ڪري؟ اسڪول ڪان واپسي تي اهو ڇوڪرو وري ڪجهہ ڪري تہ.....!؟ هو اهو سوچي لڏي وئي. پر ائين نہ ٿيو.

رميسا کي پڙهڻ ڪان عدم دلچسپي وڌندي وئي هئي. هوءَ گهر ۾ وقت کي ڌڪڻ لاءِ سڄو ڏينهن ٽي وي تي اسٽار پلس جا ڊراما ڏسڻ ۾ وڃائيندي هئي. ٻين هم عمر ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ هي انتهائي جدا سوچ جون مالڪ هون. ايترڙي عمر ۾ ڪا ٻئي ڊِک ڏينديون هون. سندن طبعيت ۾ بي چيني ۽ اٿل پٿل واري ڪيفيت هوندي هئي. سمورو وقت سوچيندي بہ ڪٽينديون هون.

اهو ڇوڪرو هاڻي سڦلتا ڏانهن پيار واريون نگاهون کڻي ڏسندو هو. سندس ڳالهائڻ ۾ محبت لاءِ سڪندو ڦٽڪندو هو. پر هوءَ ڊڄ ۾ هڪ اک کڻي نہ ڏسندي هيس. ڇوڪرو سڦلتا جي طبعيت کي سمجهي ويو هو تہ هاڻي ٿورن قدمن جي وٿي تي پري ٿي ساڻن پنيان هلندو هو. ائين ئي امتحان ٿيا ۽ سال پورو ٿي ويو.

سڦلتا ان ڇوڪري جي لاءِ سوچي ڳڻتي ۾ ونجي ويندي هئي تہ آخر هو ان ڇوڪري جي محبت جو جواب ڏئي تہ ڪيئن ڏئي؟ هن جي پيار سڦلتا کي پيار ڏي ڌيان ڏيڻ جي ويجهو آندو هو. هوءَ هڪ چڪر سوچيندي تہ هن کي قبول ڪري، هن سان ڳالهائي ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي.. پر محبت لاءِ هن ٻڌو هو تہ اهو گناهہ آهي... ان تي هوءَ ڊڄ جي عالم ۾ ڌڪڻ لڳندي هئي. پوءِ هن فيصلو ڪيو تہ هوءَ خاموش رهندي ۽ ڪا بہ موٽ نہ ڏيندي.

اسڪول جي موڪلن ۾ سقلتا مذهبي رواج مطابق امام بارگاهه وئي ۽ اتي گڏيل دعا ۾ حصو ورتي، دل ۾ گهريائين: جيڪڏهن اهو ڇوڪرو ئي سندس سچو هم سفر ۽ نصيب آهي ته اهو ڪيس ملي جي نه ته مالڪ اهو عطا ڪري، جيڪو اجا تخيل ۾ به نه آهي ۽ هِن هُن لاءِ هڪ باس به باسي.

رميسا به ڪيس ٻڌايو ته هن به خدا ڪان سٺي ساٿي ڏيڻ جي دعا ڪئي. جنهن تي ٻئي مشڪي پيون.

موڪلون پوريون ٿيون ته نئون سال شروع ٿيو، سقلتا ۽ رميسا اسڪول وڃڻ لڳيون. ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا. ڇوڪرو نظر نه آيو. هڪ ڀيري رميسا ڪان پڇي ويٺي:

"رميسا اهو ڇوڪرو ڪيڏانهن هليو ويو؟"

"تون اهو ئي ته چاهين پئي!" رميسا طنزيه چيس.

ائين سقلتا مات ٿي وئي. سوچڻ لڳي ته ڪو نئون شهزادو ملندو. هڪ صبح جو اهو ڇوڪرو نظر آيو ۽ پيٽان پنيان به اچڻ لڳو. اهائي خوف واري شڪل سقلتا جي ڇهري جي نهي پئي.. سقلتا کي ائين لڳو: غازي عباس هن جي نه ٻڌي آهي ۽ پيار خوفناڪ هوندو آهي. هن جيڪا عبادت ۽ باس باسي هئي ان مان شايد ڪو نتيجو نه نڪتو. هن اهو گهريو به هو ته پوءِ ان ڇوڪري جي اچڻ سان هن کي خوف ڇو پئي ٿيو!!

****

سقلتا هاڻي اسڪول نه ويندي هئي. هڪ دفعي ان ڇوڪري اسڪول ويندي سندس هٿ کان پڪڙيو. جنهن تان سچو معاملو ٿيو ۽ هن جو اسڪول وڃڻ بند ڪيو ويو. اهو فيصلو سندس پيءُ جو هو. هن جي اصل پيءُ کي ته ڪا بيماري هئي. جيڪو ان کي برداشت نه ڪندي گذاري ويو. بعد ۾ ماڻس ٻئي شادي ڪئي. مائٽيلو پيءُ ڪيس ايترو نه پائيندو هو ۽ اها پڪهستا جيڪا اصل پيءُ وٽان ملندي هيس. اها ڪڏهن هن پيءُ نه ڏنس. سندس پيءُ کي ڪينسر هئي.

سقلتا ڇائي نپني هالا ۾ هئي. جنهن شهر جي پرسان دنيا جي آفاقي شاعر شاهه عبداللطيف جي آخري آرام گاهه هئي. هر جمعي تي ڊرائيور سقلتا ۽ ڀين ڀارن کي شاهه سائين جي درگاهه تي وٺي ويندو هو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهس ۽ پڪهس به گڏ ويندا هئا. سقلتا شاهه لطيف جي روضي جي آڳنڌ ۾ ڊڪندي ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندي رهندي هئي. جڏهن ٿڪجي پوندي هئي ته ويهي پٽ ڏٽي جي روضي کي گهوريندي هئي ۽ ڪنهن گم نام سوچن ۾ چپ ٿي ويندي هئي. شاهه جي ڪلام جون سماعتون سقلتا جي ڪنن سان ٽڪرائبيون هون ته هوءَ ويتر خاموش ٿي ويندي هئي شايد ننڍڙو دماغ اهو ڳوڙهو درد ۽ پيغام سمجهي وٺندو هو يا سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. گيڙو رتا ڪپڙا پهريل شاهه جا فقير... ساز سرندن جا من

موهيندڙ آواز.. پانڌيئڙن جي آمد.. ڀٽڪا ٻڌل مرد.. وڏين شلوارن ۾ ڪلهن ۾ اجرڪ ويڙهيل.. ثقافت جا سڀئي رنگ.. سڦلتا جي مشاهدي ۾ ايندا ويا.

اهو ماحول، اها سکيا ۽ تجربو سندس سڳي پيءُ کان مليو. جنهن مٿس پڙهستا جون بي انتها بار شون ڪيون. هاڻي جڏهن اهو گهر، اهي هالا جون گهٽيون.. اهي ساهيڙيون جن سان هوءَ گهر جي ويجهو ٿلهي تي ويهي راند رهندي هئي.. سڀ ڇڏي ويون.. اهي شاهه سائين جا ميلا.. ملالها ۽ ملاکڙا.. هن جي پيءُ کي ملهه راند گهڻي پسند هوندي هئي. ان ڪري هوءَ ان کان شناس ٿي سگهي هئي.

هُن جي ماءُ ڪجهه وقت ناناڻن ۾ رهي پوءِ جڏهن عدت ختم ٿي ته سندس شادي ٿي وئي. سڦلتا پنهنجي ماءُ جي ٻئي مڙس جو رت ته نه هئي ان سبب ڏانهس پيءُ جا ڪجهه گهٽ ئي جذبا اپرندا هئا. هاڻي هوءَ اسڪول صرف امتحان ڏيڻ ويندي هئي. سڦلتا سوچيندي رهندي هئي. پنهنجي وجود ۾ پابندين تي ته هي ڪهڙو سماج آهي جتي ساڻس اهڙووَرتاءُ ڪيو پيو وڃي. هڪ ڀيري هن ماءُ سان شڪايت ڪئي.

"امان تنهنجو بابا سان ايڏو پيار هو پوءِ تون ڇو ٻي شادي ڪئي؟" ماڻهس کو به مناسب جواب نه ڏئي سگهي هيس.

هن کي ٻاروتڻ وڏيڪ لاپائتو لڳو هو ۽ وڌندڙ عمر جي پيٽ ۾ وڏيڪ پسند هو. عمر سان گڏ پابنديون به وڌي رهيون هون. سڦلتا جي من ۾ محبت جو ديو ڪاٽ هٽي ويهي رهيو هو. هوءَ زندگي جي پندرنهين بهار سان وچي ملي هئي. مٿس محبت جي احساسن جو سايو جيئن پوءِ تيئن ويو وڌندو، هوءَ هاڻي ان جذبي کان چڱي طرح آشنا ٿي چڪي هئي. هوءَ خواب ڏسڻ لڳي هئي. ان ماڻهو جا خواب، جيڪو پناهه گاهه بڻجي هن جي خوابن جي، هُن جي خواهشن جي.. جنهن سان هوءَ من جي هر مونجهه ۾ مسرت ونڊي سگهي. اهي ڏکائيون به اڳيان رکي سگهي جيڪي ڪيس زندگي گهارڻ ۾ درپيش اچي رهيو هون.

سڦلتا پوري قد جي، گول منهن، ڪڻڪ رنگي، اپرندڙ ڇاتي جيڪا ڪنهن به مرد کي هڪ پل ۾ گگ ڳڙائي ٿي سگهي. اکيون ايڏيون وڏيون ته نه هيون، گهور گهاءُ ڏيندڙ هون. هن جي رئي جي پلوءُ ۾ صرف خواب ٻڌل هئا. هن کي رانديڪا ڏاڍا وڻندا هئا. معصوم ٻارن وانگر جهٽ ۾ ڳالهه ڳالهه تان روئي به پوندي هئي! سندس ميڪ اپ سان گهڻي دلچسپي نه هوندي هئي. هوءَ سادگي ۾ به مقناطيسي ڇڪ کان وڌ ڪشش رکندڙ لڳندي هئي. اکين ۾ ڪجل پائڻ گهڻو پسند هئس. نيڻن ۾ ڪجل گهڻو سهڻو به لڳندو هئس. هن جا نيڻ ڪنهن مها ساگر جا ڪي ٻه ڪنارا لڳندا هئا.

شادين تي وڃڻ تي اداس ٿي ويندي! خوشي جا لمحا ماڻڻ لاءِ ڪو ڇا ڇا نه ڪندو آهي. هڪ ڇوڪريءَ لاءِ شادي تمام وڏي نصيب ۽ ڀاڳ جو اچڻ آهي. سڦلتا جي اداسي ڪو پيو ئي ڏيک ڏيندي هئي. جنهن ۾ هوءَ پنهنجي پرڻي جا خواب جوڙيندي هئي. ڪو مرد هن پسند ته نه ڪيو هو پر خيالن ۾ هڪ ڏنڌلو چهرو رقص ڪندو رهندو هو.

بدلو وٺڻ، وير رکڻ سقلتا جي فطرت ۾ نہ هو. اها صفت گهٽي مقدار ۾ هن ۾ پريل هئي. هن زندگي جون تلخيون ڏسي، سمجهي ورتيون هونءَ ڪچي عمر ۾ ئي.. جڏهن والد وعده وفا ڪرڻ بنا ئي ڪنهن ڏور انهن ڏيهہ جو راهي ٿيو هو. ضديت، اناپرستي ان ڏينهن ئي مري ويا هيس. هوءَ پاڻ کي گهٽو ڪمزور پائيندي هئي. ها هڪ ڏيءَ لاءِ پي ئي طاقت، رڏيءَ جي علامت ۽ سبب هوندو آهي.

امتحانن تائين محدود ٿيل سقلتا جي اسڪولي زندگي ۾ هڪ نئون موڙ آيو. هوءَ امتحان ڏئي پنهنجي سهيلي رميسا سان گهر پئي آئي. اهُو ئي ڇوڪرو اڳ وٽي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو: "مان اوهان کي چاهيان ٿو؟ خدا جي واسطي اوهان مون کي مؤثر جواب ڏيو."

جنهن تي سقلتا هن کي چماٽ وهائي ڪڍي. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ سندس سڄو جسم لرزي رهيو هو. ان ڇوڪري جي اکين ۾ اتي لڙڪ لڙي پيا. رميسا، سقلتا کي گهليو هلي آئي.

اهو واقعو ڪنهن اڇي سقلتا جي پيءُ کي بہ ٻڌايو. ان ڪان پوءِ تہ مڪمل طور سقلتا جو گهر ڪان ٻاهر نڪرڻ بند ٿي ويو. اهو هن جي اسڪول جو آخري سال هو.

محبت جي احساسن ڪان شناسائي ۽ اڪيلائي جي پت سقلتا ۾ تخليقي قوت پيدا ڪري ڇڏي. سقلتا اسڪول ۾ ٿورو گهڻو جيڪو سکيو هو ان جي مدد سان هوءَ نوان نوان منظر ۽ عڪس پنهنجي اندر مان برش جي مدد سان ٻاهر آڻيندي هئي. هاڻي اڪيلائي ۾ مصوري ڪرڻ تہ هن جي عادت ٿي وئي هئي. هوءَ اڪثر اهڙيون پينٽنگز ناهيندي هئي. جنهن ۾ ڪو نہ ڪو خوبرو جوان ڪنهن جوانڙي کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي وڃي رهيو آهي. شهزادن وانگر خوبصورت جوانن جون تصويرون ناهڻ ۾ هن کي ڏاڍي لذت ملندي هئي. اها ڇڻ هن لاءِ پناهہ گاهہ ٿي وئي... پنهنجي بي آرامي ۽ لڄ کي اتي فن ۾ ختم ڪندي هئي. سهٽي، سسئي ۽ مارئي جا اسڪيچ ناهڻ هن لاءِ وڏي ڳالهہ هئا. جن تي هوءَ فخر محسوس ڪندي هئي.

واندڪائي جي ڇڇڙن ڪان بچڻ لاءِ هن کي گهر ۾ ماٺهس توپي تڳي ۾ رڌل رهڻ لاءِ زور پريندي هئي. سقلتا ٿوري وقت ۾ ڪپڙا سبڻ ۽ پرڻ سکي ورتا هئا. هاڻي هوءَ پاڙي اوڙي جي نوجوانڙين جا ڪپڙا سبي وٺندي هئي. پيءُ جي مرڻ بعد هن جي مستي مري وئي. سقلتا کي سڌ هئي تہ هاڻي ڪيس پنهنجون خواهشون پاڻ ئي پوريون ڪرڻيون آهن.

****

پيار جو عالمي ڏڻ رميسا جو جنم ڏينهن هو. هوءَ ان ڏينهن ڄائي هئي. جنهن ڏينهن تي پوري دنيا جا عاشق معشوق محبتن جا ڏيئا ٻاريندا آهن، وچن ڪندا ۽ ورجائيندا آهن تہ هو وفا جي پيڙي کي ڪڏهن ٻڏڻ نہ ڏيندا. رميسا جڏهن ڄائي تہ ڪوئي بہ مٽ هِن جي سونهن جي ڪٿ نہ ڪري سگهيو. خدا کيس سڌو سنئون جنت مان ڇڻ اچليو هو. مٽ مائٽ اوڙو پاڙو رميسا جي خوبصورتي ۾ سوپيان کي ڏسي ماشاالله چوندو ويو. هوءَ ليوڪريشيا جو تسلسل هئي يا ايفروڊائيٽ جي دين.. اهو سمجهڻ بنھ مشڪل هو.

رميسا ڀنڊٽن ۾ هئي تہ پٺهس پنهنجي جگر کي چيري ان کي پنهنجي مربي ڀاءُ کي ڏئي ڇڏيو، جنهن کي شادي ڪئي ورهيہ ٿيا پر کيس اولاد نہ ٿي رهيو هو. هو ان نعمت لاءِ سڪي مئو هو. رميسا جي ماءُ ان سڀ تي ڊنيرڪجي رني هئي. اهو کيس قطعن پسند نہ هو. هوءَ پنهنجي مرد اڳيان ڪجي بہ تہ وڙهي بہ، پر ٿيو اهو ئي جو چنبيليءَ جو گل ڪانئس ورتو ويو. مڙس دلاسن سان داپا بہ ڏنس. عورت ذات مرد اڳيان ڇا پئي ڪري سگهي؟ مرد تہ سدا عورت جي حق تلفي جي پٺيان وڏو محرڪ رهيو آهي. رميسا جو اصل گهر ماءُ پيءُ هن کان ويا هئا ۽ هوءَ ان بابت ڄاڻي بہ نہ سگهي هئي نہ ئي هن جي مرضي يا اِڇا پڇي وئي هئي. هوءَ هاڻي نئين گهر ۾ نئين پيءُ ماءُ جي هنج ۾ هئي. هن جو نئون پيءُ حڪومت جي ڪنهن ڪاتي ۾ ڇوٽو موٽو ملازم هو. ٻئي زال مڙس رميسا کي خدا جي نعمت ۽ انعام سمجهي ان لاءِ هر آسائش ۽ سهولت ڏيڻ ۾ پيش پيش هئا.

رميسا سيڻ جي دادلي ۽ من ميت ٻڻجي وئي. سندس سڳي ماءُ پيءُ کي وڏي تڪليف ٿي. پر هنن کيس وساري نہ ڇڏيو. روز هن سان ملڻ ۽ ڏسڻ ايندا هئا. پر جلد اهو سلسلو بہ بند ڪيو تہ متان رميسا جي من ۾ سندن لاءِ ڳالھ نہ اڙي پئي! رميسا پيڻ جي گل جي ول جيان وڌندي وئي.. اڇي ڳاڙهسري بھ جهڙي رنگت ۽ سفيد ڪبوتر جهڙا ڳل ۽ اکيون، اهي گول گول پيون ڦرنديون هون مشعالون هجن ڇڻ... رميسا کي مڪمل آزادي هئي. هُن جو پيءُ هاشم ۽ ماءُ بشرا ڪنهن طرح کيس ڏکيو نہ ڏسي سگهندا هئا. رميسا کي روئڻ جا ووٽ هئا. ذري ذري شيءَ تي روئي پنهنجي من ماني ڪندي هئي. هاڻي تہ اچي ڏکھ ٿي هئي. سڦلتا هن جي خاص سهيلي هئي. جنهن سان هوءَ اسڪول ويندي دل جو هر راز چئي ويندي هئي. سڦلتا بہ من جي اٿاھ پاؤنائن سان چاهيندي هيس ۽ پنهنجو سڀ ڪجھ سلي ڇڏيندي هيس.

رميسا، سملن، سنڌ ۽ نيلوفر سان بہ گهاٽي گهري هوندي هئي. پر سقلتا سان ڪا سهيلي ڳالهائيندي يا ڏيگهہ ڪندي تہ رميسا وڙهي پوندي هيس، پڇي نہ سگهندي تہ ڳوڙها لارون ڪري وهڻ شروع ٿي ويندا هئس.

****

زندگي جنهن ۾ سڀ احساس آهن. جن کي سڀ انسان ڀرپور نموني سان ماڻڻ جا جتن ڪري جيئڻ چاهيندا آهن. اها احساسن ۽ جذباتن سان ٽٻ ٽار زندگي ڪيڏي نہ خوبصورت ۽ پياري ٿيندي آهي. ان کي اهو ئي انسان سهي معنيٰ ۾ بيان ڪري سگهي ٿو، جنهن اڏمن ۽ پاڻائن جو شعوري مزو ورتو هجي. جنهن سچيون خوشيون ماڻيون هجن. جيڪو زندگاني ۾ ايندڙ ويندڙ سڀن احساسن کان آشنا هجي، جيڪو ڏک ۽ خوشي جي گهراين کي محسوس ڪري سمجهندو هجي!!

رميسا اهڙن ئي احساسن ۽ جذبن سان سرشار انسانن سان ڀريل هن جهان ۾ هڪ عام انسان هئي. هر شيءِ سان سندس جذباتي رشتو جڙي پوندو هو. هوءَ هر شيءِ کي انتهائي جذباتي نظر سان ڏسندي هئي. پوءِ رشتا هجن يا شيون هجن يا وري رويا... ها روين جي معاملي ۾ هوءَ وڌيڪ حساس هئي. ننڍي عمر ۾ هن اها سمجهہ ۽ احساس جهپي ورتا هئا.

زندگي جا ويهہ سيارا ۽ اونهارا گذري ويا هئا. هن کي تتين ۽ ٿڌين جي ڪا ڪل ئي نہ رهي هئي! جلدي جلدي سيارو گذرندو هو.. سورن ۽ سوچن جا عذاب ۽ اداسي جو نہ ڪٽندڙ سلسلو اونهاري ۾ بہ ڪاهي ايندو هو. سورن ۽ سوچن جو منڊن ۽ موسمن سان شايد ڪو بہ تعلق نہ هوندو آهي. رميسا زندگي جي سفر ۾ ڪنهن تاريءَ تي گلاب جي مهڪندڙ گل جيان ٽڙيل هئي. جيئن هن ڪاليج ڏٺو. هن کي سوچن، ڳڻتين ۽ احساس جي اٿندڙ بي شمار لهرن ٻوڙي لوڙهي ڇڏيو.

پنهنجي وجود جي سڃاڻپ، مستقبل جو اونو، هر وقت پنهنجي اڪيلائي جو شدت سان احساس، رشتن جون ذميواريون، دوستيون ۽ دشمنيون، رويا ۽ سلوڪ، رميسا جي گلابي رنگت ۽ خوشبوءَ تي اثرانداز ٿيڻ لڳا. هوءَ مهڪندڙ گلاب جي سڃاڻپ کان بي خبر.. ڪنهن ٻئي سڃاڻپ جي ڳولا ۾ تڙپڻ لڳي.

زندگي جي تمام ننڍڙي سفر جا اهي صفا ننڍڙا سفر گذرندا رهيا. هوءَ زندگي کي ويندو پنيان ڏسندي رهي.. زندگي راهن تي اڳتي هلندي رهي.. هوءَ مجبورن هن جي پٺيان هلندي رهي..

ڪاليج جي تعليم پوري ٿي وئي. هوءَ گهر ۾ هاٽي گهٽي تنگ ٿيندي هئي. روزگار جي ڳولا ۾ نوڪري ڪرڻ جو پهه ڪري، ڪوشان رهي. پر جنهن ملڪ ۾ هوءَ رهي پئي اتي سرڪاري نوڪري جو خواب ئي ڏسي سگهجي ٿو. هوءَ گهڻيون ئي درخواستون ڪندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪنهن آفيسر جي غلطي ڪري انٽرويو تائين پڇي ويندي هئي. سٺي سفارش ۽ ”قائداعظم“ نه هجڻ ڪري سدائين پوئتي ڪئي ويندي هئي. ڪن آفيسرن جنسي طور راغب ڪرڻ جي به ڪوشش ڪئي. هن جي قابليت ڪا شي نه هئي. واندڪائي ڪنهن اروڙ بلا وانگر ڪيس ڪائيندي هئي. گهر ڪمرو الڳ.. روز ساڳي ڪرت هن جو جيئڻ جنجال ڪري وڌو هو. هوءَ گهر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻندي رهندي هئي. ڇو ته دنيا ۾ هٿ پير هڻڻ ۽ ڪنگهڻ ڪڙڪڻ سان ئي ڪجھ نه ڪجھ هڙ حاصل ٿيندو آهي.

ملڪ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو، ان جو ڪو پتو ئي نه هو. جتي قابليت ڪي روڊ رستن تي ۽ ڪوٺين ۾ خودڪشي ڪرڻ لاءِ ڦٽو ڪيو ويو هو. ميرٽ جيڪا فوٽ پيرين تي فاقاڪشي ڪندي تڙپي تڙپي دم ڏئي رهي هئي.!!

پين ڇوڪرين جي اڪثر نفسيات وانگي رميسا ڪي به آپگهات جا خيال ايندا هئا. هوءَ سماجي نظام ۾ پدرشاهي کي ڏسي اهو سوچيندي هئي ته ”عورت وڃي ته وڃي ڪيڏانهن؟؟“ جنهن ملڪ ۾ پيئڻ جي پاڻي جو گلاس به زنجيرن سان ٻڌل هجي.!! اتي ڇا ملندو؟

رميسا خانگي ادارن ۾ هلي وئي پر هن ملڪ ۾ هر هنڌ سفارش جي چيچ وٺي وڃڻ لازمي هئي. نه ته آفيسرن جون نظرون هن جي ڪبوترائي اڇن ڳلن تي هونديون هيون. هن هڪ سماجي ڀلائي واري اداري ۾ درخاست ڪئيي. انٽرويو ٿيو، اتي رميسا ڪم ڪرڻ جي جذبي ۽ قابليت جي پرک ٿي هئي. ڪنهن قدر سڪون مليو هوس.

اين جي او سپ ٽوپي ڊرامو آهي. پيو ڪجھ ئي ناهي! NGO معنيٰ Non Government Organizations نه پر Non-sense Government Organizations آهي. سپ پنهنجا پڪا پڪا ڪرڻ جي راند آهي، ڀلائي ته صرف نانءُ آهي. ڪنهن بي وجه صفت جو.. اها ڳالھ سنجيدگي سان سوچڻ لائق هئي. ڇو ته الائي ڪيترين اين جي اوز ڪم ڪري رهيون آهن. پر اڄ ڏينهن تائين ڪا اين جي او بي گهر ڏتڙيل ماڻهن لاءِ ڪو ڳوٺ نه جوڙي سگهي آهي. مضبوط اجهو نه ڏئي سگهيون آهن. رميسا کي PPDO يعني Poor People Development Organization ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ويو هو.

***

P.P.D.O جو مقصد غريبن ۽ ڏتڙيل پوئتي پيل ماڻهن جي ترقي هو. مردن ۽ عورتن جي رضاڪارانہ طور خدمت ڪندڙ تنظيمن کي وڌائڻ، انهن ۾ اتحاد ۽ رابطو قائم ڪرڻ هو. تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي جوڙجڪ ڪرڻ ۽ ٻيا ڪم سندس مول ۽ متن ۾ هئا.

ٻئي ڏينهن تي سڀ ڪامياب ساٿي پٽائي سامهون هئا. هو منچ تي انهن کي ڪم ڪار جي طريقي ۽ ضروري معلومات ڏيڻ لاءِ تيار بيٺو هو. سڀن ۾ هوءَ بہ هئي. جنهن جي نظرن پٽائي جي دل جي اهڙي حالت ڪئي هئي جو دعا ڪئي هئائين تہ شل انهن ۾ ٻڏي پار پئجي وڃي. اوچتو پٽائي جي نظر رميسا جي نظر جي رستي ۾ اچي وئي هئي. نظرن جو هڪ زبردست ميلاپ ٿيو هو. پٽائي گهبرائجي نظرون هٽائي تقرير شروع ڪري ڏني هئي..

"سنڌ ۾ تعليم عام ڪرڻ واري سال جي رٿا" اڄ جي هن تيز ترين دنيا ۾ جيڪو علم، عقل ۽ ترقي آهي اها سڀ علم جي ڪري آهي. اهو توهان سڀ ڄاڻو ٿا. پڙهڻ لکڻ سان ماڻهو علم جو ڏيک پسي ٿو. ۽ ان مان ٻيا بہ رستا نڪرن ٿا. سڀ ڳجهہ، حقيقتون ۽ سائنسز اسان جي ان آڌار تي پرکي سگهون ٿا. هن ڌرتي جي گولي تي رهندڙ جيون مان انسان ئي اشرف الجيو آهي. جنهن پاڻ ڄاتو ان سڀ ڄاڻي ورتو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ تعليم، علم هجڻ تمام گهڻو اهم آهي. علم سواءِ انسان انڌو آهي ۽ جڏهن انسان علم حاصل ڪري وٺي ٿو تہ هن کي هڪ ٻئي اک بہ ملي وڃي ٿي. جنهن سان هو دنيا جي حقيقتن ، سچائين ۽ ڪوڙاين کي سمجهي سگهي ٿو. علم جي لاٽ سان هن دنيا ۾ محبت جي روشني ڦهلائي ، ڀائيچارو امن پيدا ڪري سگهجي ٿو.

"اسين دنيا ۾ ڪٿي بيٺا آهيون تعليم جي لحاظ کان؟" هونئن بہ اسان جي ملڪ جي باري ۾ اسان کان وڌيڪ ٻاهرين ملڪن جي رهندڙن کي وڌيڪ ڄاڻ آهي. تہ اسان وٽ ڇا آهي؟ ڇا ٿئي ٿو؟ ڇا ٿيندو؟ اسان جي پيٽ ۾ بهترين ڄاڻ انهن وٽ آهي. اسان جا ڪم اڄا پوئتي پيل قوم وارا آهن. اسان جا ادارا جڪ هڻڻ ۾ پورا آهن. اسان وٽ تعليم ڪٿي پهتل آهي اهو يونيسڪو هيئن ڄاڻايو آهي..

يونيسڪو مطابق پاڪستان ۾ پڙهائي جي گهٽ شرح جا سبب جهڙوڪ گهٽ بجيٽ مختص ڪرڻ، سياسي ادارن جي کوٽ، فنڊن جي ڦهلاءَ ۾ دير ڪري اڄا تائين 50% تي اٽڪيو پيو آهي. جڏهن تہ خطي ۾ پاڪستان رڳو نيپال ۽ بنگلاديش کان مٿئين درجي تي آهي. جن جي پڙهائي جي شرح ترتيبوار 49 ۽ 43 سيڪڙو آهي. ٻين پاڙيسري ملڪن جي تعليمي شرح بهتر آهي. مالديپ 96 سيڪڙو، سريلنڪا 91 سيڪڙو ۽ انڊيا 61 سيڪڙو آهي.

"پارليامينيٽري ڪائونسل آن لٽريسي ان پاڪستان" پاران اهتمام ڪيل هڪ تقريب ڪي خطاب ڪندي يونيسڪو جي نمائيندي چيو آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ پنج ڪروڙ پنجاهہ لک اڻ پڙهيل آهن. جنهن ڪري ملڪ لاءِ نئين ملينيم ترقي وارن حدفن موجب ماڻهن ۾ ناڪامي جا خطرا پيدا ٿي پيا آهن. جيڪڏهن سهي اپاءُ نہ ورتا ويا تہ ايندڙ سال تائين اهو انگ وڌي 61 سيڪڙو بہ ٿي سگهي ٿو. سنڌ تعليم ۾ سڀ کان اوچي شرح رکي ٿي جيڪا 54 سيڪڙو آهي انهيءَ پويان پنجاب 52 سيڪڙو، سرحد 40 سيڪڙو ۽ بلوچستان جي شرح سڀ کان گهٽ 33 سيڪڙو آهي.

1973 ع جي آئين ۾ ائين چيو ويو آهي تہ "رياست گهٽ ۾ گهٽ ممڪن وقت اندر بي علمي ۽ ثانوي سطح تائين لازمي ۽ مفت تعليم جي بندوبست لاءِ ذميوار هوندي."

يونيسڪو ڄاڻايو آهي تہ ڪمزور تنظيمي ڍانچي گهٽ پيشوراڻي صلاحيت، تحقيق جي اڻ هوند، موافق تربيتي ادارن جي عدم دستيابي، گهٽ عوامي جاڳرتا، نظرداري ۽ ڪارڪردگي جي جاچ جي سرشتي جي کوٽ وارن عنصرن جي ڪري پڙهائي جي شرح هيٺين سطح تي آهي.

هن ٿوري ساهي پٽي ۽ پاڻي پئي وري تقرير شروع ڪئي هئي. انهن ڳالهين مان اهو صاف ظاهر آهي تہ جيڪڏهن اسان جي تعليم جي انتهائي اهم مسئلي ڏانهن ڌيان نہ ڏنو تہ دنيا جي سڌريل قومن جي قطار ۾ اچڻ تہ نهيو پر پوئتي پيل ۽ جاهل قومن جي فهرست ۾ پهرين انگ تي اچي ويندا سين. ان لئہ اسان کي مضبوط ارادن سان تعليم جي مسئلي کي وٺڻ گهرجي، تعليم عام ۽ سڀن جي لاءِ ڪرڻ گهرجي ۽ "تعليم سڀن جي لاءِ" جي نعري کي عام ڪري پنهنجي حصي جو فرض ادا ڪجي.

يونيسڪو جي چوڻ مطابق اسان کي خوش ڪرڻ جي لاءِ سنڌ جي تعليمي شرح سڀ کان وڌيڪ ڏيکاري وئي آهي. اها شرح تہ سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد لاءِ چئي سگهجي ٿي. جڏهن تہ 80سيڪڙو آبادي جيڪا ڪچي آبادين ۽ ٻهراڙين ۾ رهي ٿي. جيڪڏهن آبادي جي بنياد جي بہ ڳالهہ ڪجي تہ ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهہ ۽ سکر ۾ هڪ ڪروڙ اڻ پڙهيل ماڻهو رهن ٿا. تہ پوءِ سنڌ جي ٻهراڙي جي آبادي ڪاڏي ڪيون جيڪا 4 ڪروڙ جي لڳ ڀڳ آهي. ٻهراڙي جي علائقن ۾ تعليمي شرح وڌ ۾ وڌ 5 سيڪڙو ٿيهي ٿي. ان ۾ رهندڙ عوام آهي. پڙهائي جي شرح جو ڪاٿو لڳائجي تہ اهو 18 سيڪڙو ٿيهندو. جيڪو يونيسڪو جي ڄاڻايل 54 سيڪڙو جي ڀيٽ ۾ صفا گهٽ آهي.

سنڌ جي ٻهراڙي ۽ ڪچي آبادي ۾ تعليم جي حالت اجا ڪجهہ ٻئي آهي. جيڪڏهن ٻهراڙي ۽ ڪچي آبادي جي پڙهائي جي حوالي سان صحيح انگ اکر گڏ ڪيا وڃن تہ اسان سڀن جي لاءِ حيران پريشان ڪندڙ هوندا، اهي انگ اکر...!! ٻهراڙي ۾ پرائمري اسڪولن جي حالت بدترين آهي.اسان جي وسيلن کي ٻيا استعمال ڪري اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ اسان اصلوڪا رهواسي پوئتي پوندا پيا وڃون. هڪ ٻئي کان بي خبر اونداهي جي زندگي گذاري رهيا آهيون. اسان جون عورتون مٽي تي ٻهڙا ڪٽي کوهہ پنڌ تان پاڻي پرڻ وڃن ٿيون. اسان اجا تائين بنيادي سهولتن جي نعري ۾ الجهيا پيا آهيون. "روٽي ڪپڙا اور مڪان"..... دنيا ۾ نوان نوان نعرا اچي چڪا آهن قومون اڳتي نڪري چڪيون آهن.. اسانکي اجا

تائين "اٽي، لٽي ۽ اجهي" جو چٽي رجهايو پيو وڃي. سنڌ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ غريبي جو راڪاس ٻڙ ٻاڪاس موجن سان موجود آهي. اسان جا ماڻهو بنيادي سهولتن کان وانجهايل خبر نه آهي ڪهڙي ڪرشمي جي انتظار ۾ آهيون.

اسان کي هن رٿابندي جي ذريعي شهري ۽ ٻهراڙي جي تعليم کي برابر ڪرڻو آهي. اهو سڀ ڪئين ٿيندو اچو ته سمجهون.

اوهان سڀني کي مختلف ڏڙن ۾ ورهايو ويندو. "تعليمي جاڳرتا ٽيمون" جوڙي انهن ۾ ورهائي سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۽ ڪچين آبادين ۾ موڪليوويندو. جيڪي ضلعي سطح تي ڪم ڪنديون. اهي ٽيمون سنڌ جي سمورن ضلعن جي ٻهراڙي ۽ ڪچي آبادي جي علائقن ۾ هرهڪ گهر ۾ وينديون ۽ انهن کي "تعليم سڀن جي لاءِ" رٿيل ڪم کان آگاهي ڏينديون. هر گهر جي مائٽن کي پنهنجي ٻارن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي اسڪول ۾ داخل ڪرڻ لاءِ اتساهينديون. ان کان سواءِ وڏي عمر جي ٻارڙن توڙي بالغن کي تعليم پرائڻ جي لاءِ اپارينديون.

هر هڪ جاڳرتا ٽيم کي اهڙي مهم کي پوري ڪرڻ واسطي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڇهن مهينن جو وقت ڏنو ويندو. اها سڀ معلومات مان توهان تائين پهچائڻ پئي چاهي. منهنجي طرفان بس ايترو ئي هاڻي توهان سوال ڪري سگهو ٿا. بعد ۾ سڀني کي ٽيمن ۾ ورهايو ويو ۽ انهن کي نالا به ڏنا ويا. مصيبت اهيا هئي ته هڪ ٽيم ڀٽائي کي به ڏني وئي هئي. جنهن ۾ هڪ حسين اتفاق اهو ٿيو هو جو آءُ به ان ۾ شامل هيس. اسان جو ٽيم جو نالو "موهن جو دڙو ٽيم" هو. اسان کي لاڙڪاڻي جي ٻهراڙي جي علائقن ۾ وڃي "تعليم سڀن لاءِ" جي جاڳرتا مهم هلائڻي هئي.

***

اها مارچ جي صبح هئي. بهار پنهنجون الوداعي ٽنڊڙيون هيرون گهلائي رهي هئي. اس وڏيڪ چٽي ٿيڻ جو ڏيک ڏئي رهي هئي. پرديسي پکي پنهنجي ديس ڏانهن واپس وڃي چڪا هئا. ان ڏينهن رميسا سقلتا سان ملي هئي. ٻنهي ڀاڪر پائي هڪ ٻئي کي ڳلن تي چميون ڏنيون هيون. سندن چمين ۾ غضب جي چاسني هئي.

"تنهنجي لاءِ هڪ خوشخبري آهي؟" رميسا چيو.

"وري ڇا ٿيو ڪو ملي ويو ڇا؟" سقلتا هٿ پڪڙندي پڇيس.

"ها يار! ڪمال جو ڇوڪرو آهي. بس ڳالهه نه پڇ... پر تون خوشخبري ته ٻڌاءِ نه ڀريان...!"

"ها ٻڌاءِ"

“مون کي نوڪري ملي آهي.”
“اري واهه” مون کي خبر هئي.!”
“ngo آهي زبردست ماحول آهي. هن جي تہ ڇا تعريف ڪيان. هو تمام سٺو آهي. اکيون گول متول.. گهريون.. ڳاڙها چپ.. ايترا ڳاڙها تہ لپ اسٽڪ لڳل ڇوڪرين جا بہ نہ هوندا آهن. ڊگهو قد.. سنهڙو سهڻو.. منڙو مڌر آواز, ڳالهائي ٿو تہ کهي ٿو ڇڏي..” رميسا هيڏي هوڏي، اکيون هيٺ مٿي ڪندي سڦلتا کي ٻڌايو.
“سڦلتا توکي خبر آهي، تعارف وقت جڏهن هُن نالو ٻڌايو تہ سڀ حيرانگي سان گڏ مشڪي پياسين. پتائي نالو اٿس.”
“اري واهه..!” سڦلتا احساس ڪمتري ۾ هن ڏانهن ڏسي چيو. “پتائي واقعي هڪ الڳ نرالو نانءُ آهي.”
“ها هُو پنهنجي نالي جيان نرالو ۽ خوبصورت لڳندو آهي.” رميسا سارا هہ ڪندي نہ ٿي ٿڪي..
“اڙي تون بہ مون سان اين جي او ۾ نوڪري ڪر. مان پاڻ اڪيلي آهيان تون هوندين تہ ڀي ٿي پونداسين.” رميسا جي ائين چوڻ سان سڦلتا جي چهري تي رونق موٽي آئي. هن کي پتائي کي ڏسڻ جو شوق جاڳي پيو.
ٻئي ڏينهن تي رميسا، سڦلتا کي پاڻ ساڻ آفيس وٺي آئي. سڌو پتائي جي آفيس ۾ داخل ٿيون.
“السلام عليڪم سر!” رميسا سلام ڪيو.
پتائي مرڪندي جواب ڏنو. “وعليڪم السلام سر”
هو رميسا سان بيٺل سڦلتا ڏانهن نهاري رهيو هو.. رميسا هڪ ئي ساهي ۾ چئي ڏنو..
“سر! هي منهنجي ويجهي سهيلي سڦلتا آهي. تمام پياري ۽ بهترين مصوره بہ ڪندي آهي. هي بہ هتي نوڪري ڪرڻ چاهي ٿي.”
“پياري اهو وري ڪيئن؟؟” پتائي شرير انداز ۾ پڇيو.
ٻنهي وڏو ٽهڪ ڏنو. سڦلتا ٿورو اڳتي وڌي چهري تي مرڪ آڻي پتائي کي ڪيڪاريو. پتائي موٽ ۾ صرف مسڪرايو. سڦلتا لان جي هلڪي ڳاڙهي وڳي ۾ سچ پچ پراثر پئي لڳي. سندس هٿ ۾ موبائيل هئي. جيڪا ايتري مهانگي نہ ٿي لڳي. رميسا سرمئي ويس ۾ ڪنهن سرمي داني جو ڏيک پئي ڏنو.. هن رئو سڄي بدن کي اوڍي رکيو هو. هن جي جسم جا انگ اکر سمجهڻ ڏکيا هئا. هن جو چهرو خوابن ۾ ايندڙ پرين جي مک وانگر پُرنور ۽ پرڪيف ٿي لڳو. اکيون وڏيون.. وري انهن ۾ ڪجل.. ويتر گهائيندڙ هو. اهي ڇوڪريون تہ نہ هيون. گلن جو ڪو باغيچو هون. جيڪو پتائي جي آفيس ۾ اچي ٽڙي پيو هو. سڄو ڪمرو خوشبوءِ سان واسجي ويو هو. پتائي هنن جي سوچن کان آجو ٿي سوال ڪيو..
“توهان ڇا پڙهيا آهيو؟”
“مون گريجوئيشن ڪئي آهي. فائن آرٽس ۾.” سڦلتا ورندي ڏني هئي.

“ٺيڪ آهي توهان پنهنجا ڪاغذ جمع ڪرايو. آءٌ ڪجهه ڪيان ٿو.. سڀاڻي اچجو توهان..”

پتائي جي ائين چوڻ سان ڀنهي جي مک تي مرڪ هارجي وئي. موهينڊڙ ۾ ڇڪيندڙ مرڪ.. جيڪا شايد پتائي کي به گهائي وئي هئي. هو ڀئي ڪنن ۾ هڪ ٻئي کي ڦسڪا هڻنديون آفيس مان ٻاهر نڪري هليون آيون.

****

اسان موهن جو دڙو ٽيم گاڏي ۾ اچي ويٺا هئاسين. اسان جي ٽيم تقريبن سڀ نوجوان هئاسين ۽ ڇوڪرين ۾ برڪت هئي. مطلب ته ڇوڪريون سوايون هيون.سڀ ٽيمون نڪتيون ته اسان به پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿياسين. اسين علم جي جاڳرتا مهم جو اعليٰ مقصد کڻي نڪتا هئاسين. منهنجي حواسن تي تون ڇانيل هئين. پنهنجي وجود کي تنهنجي اڳيان برقرار رکڻ ڏکيو لڳي رهيو هو. پل پل ۾ وکرجندي ته ڪڏهن سميٽجندي رهيس.

مون اڳيان آئيني ۾ ڏٺو ته تون مونکي ڏسي رهيو هئين. دل ۾ پاڻ کي وڏو نصيبن واري ڀانئيو هيم. تنهنجي ٿڪن جا پوپٽ سڄي گاڏي ۾ هيڏانهن هوڏانهن اڏري رهيا هئا. توسان سڦلتا نه ڄاڻ ڪهڙين ڳالهين تي ايڏو زور سان کلي رهي هئي. مان توهان جي ٽهڪن تي سوچي رهي هيم. ڇوڪريون ڪيڏيون زنده دل هونديون آهن.

سفر وڏو هو. سو هر ڪوئي ٿڪي پيو هو. سڀن جي مک تي خاموشي ويهي رهي هئي. مون تو ڏانهن نهاريو هو، تون گاڏي جي شيشي جي دري مان ٻاهر نهاري رهيو هئين. سڦلتا موبائيل تي پيغام اماڻڻ ۾ مصروف هئي. عيني کي ننڊ جا جهوٽا اچي رهيا هئا. مون کان کل نڪري وئي.. ڇو ته سليم کي به پوانٽيون اچي رهيون هيون. سليم ئي اسان سڀني ۾ وڏي عمر جو هو. پنهنجي ڪٽنب جي خوشين لاءِ هر وقت ڪوشان رهندڙ سليم، پتائي کان گهڻو اڳ هن اداري جو حصو آهي. سڀئي پنهنجي ڌُن ۾ هئا. پر منهنجي اندر ۾ صرف توکي ڏسڻ جي بي چيني ۽ بي آرامي هئي. منهنجي نظرن کي توکي ڏسڻ مان ڍؤ ئي نه ٿي رهيو هو.

ڄامشوري کان سيوهڻ پهتاسين ته سڀ چوڻ لڳا. قلندر جي درگاهه تي حاضري ڀريون... پتائي ان پيرپرستي کان ونءُ ويندو آهي. پر سڀن جي اسرار ڀاڙيو ڪري ڇڏيس.

آءٌ سڦلتا سان گڏ گڏ هئس. سڀ گاڏي مان لهي درگاهه طرف وڌڻ لڳا. تون اکيون بند ڪري دعا گهري رهيو هئين.. مون کي ائين محسوس ٿيو هو جڻ لعل شهباز قلندر تنهنجي سامهون ويٺو هجي ۽ تون ڪيس التجا ڪندو هجين.. “مالڪ تائين رسڻ جي اسان کي به ڪا رمز ٻڌاءِ، مالڪ سائين کي اسان جي

سفارش ڪر تہ اسان تي ٻاجھہ ڪري جئين اسين دنيا جي سفر ڪي سٺي نموني گذاري سگهون.” سڦلتا بہ پاڻ تي روحاني ڪيفيت طاري ڪري اندر ۾ جهومي رهي هئي. پتائي جي مک تي هڪ شرارتي مرڪ هئي، جيڪا اسان ٻنهي کي ڏسي آئي هئي. مان ۽ سڦلتا هڪ ٻئي کان وڌ آهيو.. نٽ کٽ .. نکرا تہ اسان ٻنهي جو ڏاج آهن.

“معصوم گلاب هئي تہ سڦلتا چنبيلي هئي. مان ڇا گهران ها. منهنجي من ۾ هڪ ئي دعا نہ پر هڪ ئي لفظ هو نالو هو “معصوم معصوم...” پتائي ائين سوچيو پئي.

اهو سفر حياتي جي هر ننڍي وڏي سفر کان منفرد ۽ الائي ڪهڙي سحر ۾ مبتلا ڪندڙ هو. جلد سفر پورو ٿيو ۽ اسين آفيس پهتا هئاسين. سفر بہ خير خوبي سان پڄاڻي تي پهتو ۽ ڪم بہ ڪافي اڳتي ٿيو. ٿڪل مرڪن سان سڀ پنهنجي گهر روانا ٿياسين.

****

مون ۾ ڪافي تبديليون اچي رهيو هيون. منهنجي ڳالهائڻ ۾ چرچو گهڻو اچي ويو هو. مان نچڻ ڪڏڻ لڳي هئم. پنهنجي منهن پئي ڪلام پئي ڳائيندي هئم. فلاپ گانا. نقلون ڪندي هئم. ان جو سچو پسمنظر پتائي هو. منهنجي جيون ۾ جيڪو انقلاب آيو هو. جيڪا بهارن جي آمد ٿي هئي. انهن سڀني جو سبب پتائي هو. لمحو لمحو ان جي ياد سان پرڪيف ۽ مدهوشي جي عالم ۾ گذرڻ لڳو هو. صرف پتائي کي سوچڻ ۾ سرور ملڻ لڳو هو. پتائي جو مکڙو اکيون ٻوٽ يا کول رکُو هُو نظر اچڻ لڳو هيم. “جيڏانهن ڪريان پرک تيڏانهن سڄڻ سامهون.” واري ڪيفيت ٿي وئي هئي. مان مڪمل پاڳل ٿي وئي هئس تنهنجي لاءِ.. تنهنجي خيالن مان نڪرڻ لاءِ دل نہ چوندي هئي. پتائي جا ڪلهہ وارا ٿهڪ ۽ قربائتي انداز ۾ ڳالهايل جملا دماغ ۾ گونجي رهيا هئا. مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڪا طاقت آهي، جيڪا مون کي توڏانهن گهلي رهي آهي. تون تہ هئين بہ اهڙو ڪا بہ ڍنگ خان تنهنجي لاءِ چرئي ٿي پوي، مان وري بہ هڪ ڪمزور حساس دل رکندڙ هيس. جنهن جي حواسن تي تون ديرو ڄمائي ويهي رهيو هئين.

مون من ئي من ۾ تنهنجو نالو لکي ڇڏيو هو. ڪو نالو تون منهنجي نازڪ ۽ نفيس ادائن جي ڪري رکيو هو. منهنجي هر ادا ۾ معصوميت جي لهر هوندي هئي. تون چوندو هئين، ان ڪري رميسا نہ پر معصوم... تون منهنجو نانءُ رکيو هو.

آءُ اڄ ليلن جي ڪاري رنگ جو ويس اوڍيو هو. منهنجي لبن تي هلڪي ناسي رنگ جي سرخي لڳل هئي. مون پرس بہ ناسي رنگ جو کنيو هو. ڪاري ويس ۾ رميسا ٻاٽ اونداهي ۾ چوڏهين جي چنڊ جو ڏيک ڏئي رهي هئي. هن جو حسن پتائي تي ڏاڍو حاوي ٿيندو هو. هونئن بہ حسن پتائي جي وڏي

ڪمزوري هو. ڪا بہ حسين شيءِ، نظارو ڏسندو هو تہ بجاءِ خوشي جي پريشان ٿي ويندو هو. دماغ پانپولجي ويندو هئس.

“السلام عليڪم سر! ڪئين آهيو؟”

“وعليڪم السلام، مان نيڪ آهيان. توهان ٻڌايو..؟” پتائي خيالن مان نڪرندي تڪڙ ۾ جواب ڏنو هو.

“مان خوش آهيان.” تبسم مرڪ سان رميسا مختصر جواب ڏئي هلي وئي هئي.

پتائي جي دل جو ڌهڪو، ڪمپيوٽر جي پروسيسر جيان جنبش ۾ اچي ويو هو جيئن ڪنهن واڌو سرگرمي لاءِ آواز ڪندو آهي.

تعليم جاڳرتا واري مهم جو آغاز ٿي چڪو هو. تون، مان، سليم صاحب ۽ ڪجهہ ڇوڪريون هيون. پاڻ سان گڏ ضروري شيون بينر، پمفليٽ ۽ چارٽ وغيره کنياسين. پتائي اڳيئن سيٽ تي سائين سليم کي ويهاريو، مون کي محسوس ٿيو سائين کي اها ڳالهہ نہ وڻي تہ تون ڇوڪرين سان ويهين.

تون جيئن منهنجي پر واري سيٽ تي ويٺين تہ مون زبردستي ڪلندي تنهنجي آجيان ڪئي. تنهنجي پر ۾ ويهڻ تي هڪ مستي جي لهر ڊوڙي وئي جسم ۾.. ۽ خوش قسمت پائڻ لڳي هئم. سليم صاحب جي حڪم تي اسين سيهڙ پهتاسين، جتي اسان جي ٽيم جي سوشل موبلائيزرس کي گهر گهر وڃي تعليم جي اهميت تي والدين خاص طور عورتن کي سجاڳ ڪرڻو هو تہ هو ڇوڪرين کي وڌ ۾ وڌ اسڪول موڪلين.

منهنجون نگاهون جن کي تنهنجي ئي پياس هوندي هئي، مون چور نظرن سان توکي ڏسڻ چاهيو پر تنهنجون اڳ ۾ ئي نگاهون مون تي ڪتل هيون. اندر ۾ مور نچڻ لڳا. تنهنجون اهي نظرون مونکي سوچ ۾ وجهي ڇڏينديون هيون. آءُ انهي اسرار کي ڄاڻڻ لاءِ پريشان ٿي ويندي هئم. توتي ڏاڍو پيار اچي رهيو هو. تنهنجو مک اڄ، ڪالهہ کان وڌيڪ موهي رهيو هو.

“توهان ايترو ڪلو ڇو ٿيون پيا؟” پتائي توڪ مان ڇيو.

ان سوال تي اسان اجا وڌيڪ ٿهڪڙا ڏيڻ لڳاسين.

ٿوري دير بعد سڦلتا جواب ڏنو “اهو ان جي لاءِ جو اسان خوش آهيون.”

“سر ڇوڪريون چريون هونديون آهن. ڪا ڳالهہ نہ مهاڙ هرويرون ڏند ڪيڏنديون آهن.” عيني ائين چئي وري پاڻ ئي کلڻ لڳي. ڇوڪرين جي عجيب دنيا آهي. پتائي انهن جي جواب تي بس مسڪرائيندو رهيو.

سيهڙ ۾ نج ڳوٺاڻو ماحول هو. ايترا دڪان يا وري ڪا خاص بازار نہ هئي. ٻار ننگا، ميرا گدلا گهمي رهيا هئا. اسان کي ڏسي مڇو ٺاهي بيهي رهيا. آءُ ۽ سڦلتا ٻارن کي ڏسي کلي پيوسين تہ وري چپ ٿي ويوسين. پتائي جو سوال مون کي ياد اچي ويو. اتان کان پوءِ ڪوڙ سارا ننڍا وڏا ڳوٺ لتاڙي اتي جي

ماڻهن ۾ تعليم سيکڻ لاءِ تعليم ڇوڪرين لاءِ جو هوڪو ڏيندي واپس ٿياسين.

شام ٿي وئي هئي. آسمان تي ڪجهه ڪڪر به ڊوڙي رهيا هئا. ان ڪري شام جو رنگ سرمئي ٿي ويو هو. سڀ گهٽو ڳالهائڻ ڪري چپ چپات ۾ ويٺا هئا. اهي اپريل جا ڏينهن هئا. اونهاري جي شرعات ٿي چڪي هئي. رميسا شام جيان خاموش هئي.. هن جي مک جي لالاڻ جي اڳيان شام جي سرمئي رنگ جي خوبصورتي هار ائي وئي هئي ۽ پتائي ان جو گواهه هئو.

***

آءُ

درد جي انهن

ڪوهن جي

مالڪ آهيان،

جنهن تي دنيا جو ڪو به انسان

قبضو ڪري

ونڊڻ ورهائڻ

لاءِ تيار ناهي!

اهو هڪ عام ڏينهن هو. پر تون ان ڪي خاص چوڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هيم. اج جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ ڳوٺن ۾ نه ويڃو هو پر رپورٽون ٺاهڻيون هيون.

پتائي پنهنجا قرمچي چپ مون سان مخاطب ٿيڻ لاءِ ڇوريا هئا.

"اوهان موبائل تي پيغام موڪليندا/لکندا آهيو؟ ڀلا توهان ڪي پيغام اماڻڻ ڪئين لڳندو آهي.."

"جي موبائل سڃي هلائڻ ايندي اٿم. ۽ پيغام به خاص ڪري شاعريءَ جا سٺا سٺا ، دوستن ڪي موڪليندي آهيان."

مون جواب ڏنو ته تون ڪجهه دير لاءِ خاموش ٿي ويو هئين..

"پر توهان مونکي ته پيغام نه اماڻيندا آهيو؟!!" تنهنجي ان چوڻ ۾ سوال هو يا شڪايت مان اوچتي ڳالهه تي منجهي پئي هئس.

" ها... نه... او...!! توهان جو موبائل نمبر نه اٿم، انڪري.. نه ته پيغام موڪلڻ ۾ ڪو حرج نه اٿم."

"اڇا.... توهان جو نمبر به نه آهي مون وٽ.. هتي لکو."

تو پنهنجي ڊائري منهنجي اڳيان کولي رکي هئي. مون چپ چپات ۾ ان تي پنهنجو نمبر سيڪنڊن ۾ لکي ڇڏيو هو. اسان جي ان ڏي وٽ کي ڪنهن به ڌيان ۾ نه آندو هو.

تون سمنڊ هئين جنهن ۾ ڇا نہ ٿو سمائي سگهجي!!؟؟ تون ۾ خبر نہ هيم ڇا ڇا سمايل هو. مها ساگر ۾ ڇا ڳولي ڇا سمجهي سگهيس پئي...

تون پاڻي وانگر هئين. جنهن ۾ جيڪو رنگ وجهبو آهي اهو ان جهڙو ٿي ويندو آهي. ڳاڙهو وجهو تہ ڳاڙهو.. سائو وجهو تہ سائو.. تون ۾ رل مل جي وڏي خاصيت موجود هئي. مان بہ پاڻي ۾ رنگ جيان تو ۾ رچي وئي هيس. هڪ ڳار.. رچيل ڳار ٺهي پيو هو تنهنجي منهنجي وجودن جو ڳار..

تون باهہ وانگر هئين جيڪا ڇا نہ ٿي ساڙي سگهي.. جنهن کي هر شيءِ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻڻ جي خطرناڪ سگهہ آهي. تنهنجي حسن جي باهہ جي لپيٽ ۾ مان بہ خاڪ ٿي وئي هيس.

***

آءُ تہ هوا ۾ اڏامي رهي هيس..

دفتر ۾ توسان رلجڻ جا موقعا تمام ٿورڙا ملندا هئم. آءُ ڀيا غير واجبي جوڙڻ بہ نہ چاهيندي هئم. جيڪو ضمير گوارا نہ ڪندو هو. اڄ جو ڏينهن خوشي جو هيم، جو تو موبائل نمبر ورتو هئم. گهڻي گهڻي سرهي هيس تہ هاڻي اسين گفتگو ڪري هڪ ٻئي بابت ڪجهہ ڄاڻي سگهنداسين.

آفيس جي وقت کان پوءِ منهنجي اٽڪڻ وڌي وئي هئي. موبائل جي پيغام جي گهنٽي تي بار بار ڇرڪي ٿي پيس. ان تجسس مان تہ پتائي جو هوندو پر اڃا نتظار جون ڳنڍڙيون کولڻيون هيم کوليندي رهيم.. رات جو دير سان تنهنجو پيغام آيو هو.. مون کي پاڻ تي يقين ئي نہ اچي رهيو هو تہ تو مونکي پيغام مڪو هوءِ تو مون سان مخاطب هئين.

"توهان ڪئين آهيو؟" موڪليندڙ: پتائي"

"مان ٺيڪ آهيان. توهان ڏيو احوال؟" مون جوابي پيغام مڪو هو.

اسان جي اها موبائل پيغام ڪچهري عام رواجي گفتگو ۾ ختم ٿي وئي هئي. ءِ تو آخري پيغام ۾ چيو تہ مونکي شاعريءَ جا پيغام موڪليندي رهندي ڪر. ان کان پوءِ تنهنجو ڪو بہ پيغام نہ آيو هو. بهرحال تنهنجي ان موٽ تي منهنجي من ۾ بهار جي مند اچي وئي هئي. مان خوش خوش توکي سوچيندي مسڪرائيندي ننڊ کي ڀڪجي وئي هيس.

***

ٻئي ڏينهن جڏهن پتائي آفيس آيو. اسان سُس پس ڪري رهيا هئاسين. اسان ٻئي تنهنجي اچڻ سان ڇرڪي/گهبرائجي چپ ٿي ويوسين. توکي ائين محسوس ٿيو هو تہ ڪا ڳالهہ آهي. جيڪا توهان مونکان لڪائي رهيا آهيو.

گهٻرائڻ ۽ اوٻهرائي کي لڪائيندي مون توکي سلام ڪيو هو. تون رسمي سلام جو جواب ڏئي پنهنجي آفيس ۾ هليو ويو هئين.

ان ڏينهن مون اڇو وڳو پهريو هو. جنهن تي ڳاڙهن گلابي گلن جي گلڪاري ٿيل هئي. روز وانگر اڄ بہ تنهنجي هٿ ۾ ڊائري هئي. جيڪا توکي ڪافي سٺي لڳندي هئي. الائي ڇا جي ڪري سڦلتا ڪان توکي چڙ ٿي پئي هئي. هوءَ هر وقت منهنجي ويجهو جو رهندي هئي. ڪنهن جو گهڻو مون سان گڏ رهڻ، هاڻي تون ڪان برداشت نہ ٿيندو هو.

اوئين بہ ڪنهن بہ خيال جي معنيٰ جو دارومدار انسان جي من تي آهي. منهنجي من ۾ تہ تنهنجي ملڻ جا جشن هلي رهيا هئا. بهرحال اسان جي پراسرار گفتگو تي تون گوموگو واري صورتحال ۾ هئين. جاڳرتا مهم ڪان واپس ايندي اڄ شاعريءَ جو ذڪر نڪري پيو.. سڀئي پنهنجي ڏوروايِن (موبائيلن) تي ڪو شعر آيل پيغامن مان ڪڍي پڙهندا پئي ويا. سچ ۾ ڏاڍو مزو اچي رهيو هو. شاعريءَ ڪيتري قدر نہ احساسن ۽ جذبن تي اثر ڪندڙ ۽ اپاريندڙ هوندي آهي. حواس ۽ هوش خطا ڪري عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. پر شاعريءَ موسيقي ۾ وڌيڪ اثر ڪندڙ هوندي آهي. ائين تون تي اچي تلوار لڙڪي.. "سائين هاڻي توهان شعر ٻڌايو..؟" تون خاموش ٿي ويو هئين، ڪجهہ گهڙين تائين تون سيني ڏانهن ڏسندو رهين. حقيقت ۾ تون ان وقت منهنجي پرڪيف نگاهن مان سمجهي ورتو هو تہ نشو ڇا هوندو آهي..! آءٌ هوش ۾ نہ هيس.

پوءِ تنهنجي لبن تان اهو شعر نڪري ويو هو..

**"منهنجي چپن جي خواهش آهي ڪجهہ ڪٽن ورهائي،**
**تنهنجي لبن تي سرخيءَ جو ڪجهہ بار تہ آهي."**

مان توڏانهن نهاريو هو ۽ وري نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. گوڙ ۽ واهہ واهہ جي آوازن ۾ مون سرخ چپن تي مرڪن جا پوپٽ اڏائيندي ڏينهن جي پڇاڙي ڪئي هئي.

****

رات جو دير سان ڏور وايو (موبائيل) تي توکي sms ڪيو هئم.

"سلام.. سائين ڇا پيا ڪريو؟"

"وعليڪم السلام.. ڪجهہ خاص نہ ليٽيو پيو آهيان." تون جوابي پيغام لکيو هو.

"اڄ اوهان شعر واهہ جو ٻڌايو هو. پر اهو ڪنهن جي لاءِ هو."

"توهان سمجهيو نہ هو...؟" تون مسڪرائيندي جواب لکيو.

مون جواب لکيو هو.. "مون نہ سمجهيو.! ڇا مطلب؟"

"مون جنهن لاءِ شعر لکيو هو. ان مسڪرايو بہ هو." تون جواب ڏنو.

“توهان ڇا پهريو آهي.؟” تون اهو پيغام ڪلندي پڙهيو هو.
“سنهي ڪاٽن جو پهراڻ ۽ شلوار..” جواب موڪو هئي.. ڪلندي
“واهه..وا” مون جواب موڪو هو.
۽ مان چپ ٿي سوچن ۾ هلي وئي هيس. وري ڪافي گهڻي وٿي ڪان پوءِ ڏورواپي جي گهنٽي وڳي هئي...
“توهان تمام گهڻا سنا ۽ خوبصورت آهيو.” مون توکي ايس ايم ايس ڪيو هو.
منهنجون ڳالهيون توکي حيران به ڪنديون هيون ته پريشان به ٿيندو هئين. تعريف وارا اهي احساس تنهنجي دماغ تي شايد گهڻو ئي اثر ڪري ويا هئا. بعد ۾ تون وري چپ به ٿي ويو هئين.

****

ڀتائي پنهنجي سڀاءُ ۾ نرم.. سادو.. جواني ۾ هر مرد پاڻ کي هيرو سمجهندو آهي. پر هو اهڙو بنهه هو. فطرتن سچ ڳالهائيندڙ شوبازي ۽ ناهه نوهه کان ٿاهه ڪائيندڙ.. هن جي من ۾ ننڍپڻ جون يادون ۽ ڏک، سور ۽ عذاب مايوسيون گڏ ڪري رکيل آهن. طبعيتن رومانوي مزاج رکندڙ. سندس هڪ خواب آهي. يا ڪا وڏي خواهش ته انتهائي خوبصورت ڇوڪري هُن کي چاهي. هُو هن جي عشق ۾ ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوي.
ڀتائي ڪتابن جو عاشق آهي. ڪيس ڪتاب ۽ ڇوڪريون ڏاڍو ڇڪينديون آهن. ڪتابن جي ڏي وٺ تي هو گهڻو خوش ٿيندو آهي. هن جي زندگيءَ ۾ ڪا خاص ترتيب نه آهي. هو اندر جي گهٽ پوسٽ کي وائکو ڪرڻ لاءِ لکندو آهي. قلم ۽ ڪتاب هن لاءِ زندگي جو وڏي ۾ وڏو سچ آهن.
رميسا جڏهن هن کي گهوري ڏسي ٿي ته هن جا حواس جهانورجي ٿا وڃن. رميسا ۾ ڪيس اها خوبتري سجهي هئي. جنهن سبب هو هاڻي هن جي لاءِ گهڻو سوچڻ لڳو هو.
اسپيني پهاڪو آهي: خدا جو حڪم آهي ته دنيا بازار آهي، ان مان جيڪو وٺي سو خريد ڪريو پر قيمت ضرور ادا ڪريو. ڀتائي هن دنيا مان رميسا جي محبت خريدي ان عيوض هن پنهنجو پاڻ ڏنو هو. هن جي من ۾ اهو آهي هوءَ جڏهن به هن جي ٿي ته هو پنهنجو سڀ ڪجهه هن ۾ وڃائي ڇڏيندو ۽ هن وڃائي به ڇڏيو هو.
ڀتائي جي موبائيل جي گهنٽي وڄي ٿي. هو سمجهي ويو ته ڪير هوندو!
“ڪٿي آهيو؟” رميسا جو پيغام هو.
“توهان جي دل ۾..” ڀتائي ڪلندي جواب لکيو.
“مذاق ٿا ڪريو.” ڀنهي پاسي ڪلڻ جا آواز...

“ايتري رات تي وئي آهي. اوهان جاڳو ٿا؟”
“ها ننڊ نہ پئي آئي... ان ڪري..!! پر توهان بہ تہ جاڳين ٿي؟”
رميسا جو پيغام.. “مون کي بہ ننڊ نٿي اچي.”
“ننڊ نہ ڪرڻ جو ڪو خاص سبب؟”
“هميشہ مون سان ائين ٿيندو آهي. ڇا درد منهنجي لاءِ ٺهيو آهي.” رميسا جو اداسي وارو پيغام اچي ٿو.
پتائي ڪافي دير تائين خاموش ٿي وڃي ٿو.. “ٺڌو ساهہ...”
“توهان مون کي ڪجهہ ڏيندا؟” رميسا جو ميسيج..
“مون وٽ سواءِ پنهنجي پيو ڪجهہ ناهي؟!” پيو درد جو واپاري آهيان. خوشيون ۽ درد گڏ ڪيا آهن. آءٌ توهان کي ڇا ڏئي سگهندس.” ائين لکندي هن جون اکيون پرجي اچن ٿيون.
توهان پاڻي پيو. پنهنجي سنڀال ڪجو. مان فون رکان ٿي.
پتائي کي سپني ۾ رميسا ياد اچڻ لڳي. اڄ هو هن کي ڏاڍي اداس ٿي ويو هو. رميسا کي ڪهڙو درد ٿي سگهي ٿو؟ هو هن سان محبت جو اظهار ڪيئن ڪري؟!”

***

فون اچي ٿي.. پتائي فون کڻي ٿو.. رميسا پڇي ٿي، “ڇو جاڳين پيو؟”
“تون ڪهڙو ننڊ پئي آهين!”
“تون ڪلهہ مون ڪان ڪجهہ گهريو پئي. ڇئو ڇا پيا ڇئو..؟”
“مون کي اوهان جي دل ۾ جاءِ گهرجي!” رميسا رڪي رڪي ڏڪي ڏڪي چيو.
ٻئي پاسي پتائي سڏڪي پوي ٿو. ڪيس اعتبار نٿي آيو تہ رميسا ساڻس پيار جو اظهار پئي ڪري..
“توهان روئي ڇو ٿا پئو.”
“خبر ناهي الائي ڇو باقي هن دل جي سڄي جڳهہ تنهنجي لاءِ حاضر آهي.”
“توهان چنتا نہ ڪيو. مان اوهان کي سک ڏيندم.” رميسا تسلي ڏيندي چيو. فون رکان ٿي..
پنهنجو خيال رکجو. تون بہ پنهنجي سنڀال ڪجان.”

***

رات جا ٻي ٻجا وقت ٿيو آهي. هوا جا گهوگهاٽ پوري ماحول ۾ پڙڏي ۾ اچي رهيا آهن. چنڊ جي روشنيءَ پوري وايو منڊل کي موهي ڇڏيو آهي. پتائي پينگهي ۾ ليٽي رميسا سان ڪال تي ڪچهري ۾ مگن آهي. ڪين وقت جو اندازو ئي نہ رهيو آهي.
رميسا ايڏو پتائي جي ويجهو آئي هئي. اها پتائي جي خوش قسمتي هئي يا رميسا جي ان ۾ دلچسپي پر رميسا اڳيرائي ۾ وڌيڪ اڳتي هئي. ان تي ئي پتائي سنڌرو ٿڏي بيٺو هو. پتائي جي مک تي

مرڪ ۾ پرسڪونيت واري ڪيفيت طاري آهي. هوڏانهن رميسا جي ٿڪن جا جلترنگ موبائيل مان پئي پريا...

هوءَ ڪنهن بي چين سمنڊ جيان لڳي رهي هئي. جنهن جي اٿندڙ هر ڇولي ڀٽائي جي پياسي بنجر جسم سان ٽڪرائڻ لاءِ آتي هئي.

رميسا پڇيو: "پنهنجا ايترا ڏک ڇو ڏيندا آهن؟"

عربيءَ ۾ چوڻي آهي: الاقارب ڪالعقارب—رشتدار وڇون وانگر ڏنگ هڻندا آهن. مطلب ته پنهنجن کان ئي وڏيڪ تڪليف پهچندي آهي."

"اوهه! اوهان ڪيڏو سهي چيو.." هنن جي گفتگو جنهن ۾ پهريان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون هون پر هاڻي اها سنجيده ٿي وئي.

"مون کي ڪوئي سمجهي نه سگهيو آهي." رميسا مايوس ٿي چيو.

"مان هميشه سڀن سان ڀلو هلي آهيان. هر ڪنهن جو ڇڱو چاهيو اٿم."

"خانداني تعلق مان پيار/پنهنجائپ، احساس ۽ همدردي کي ڇيري ڦاڙي الڳ ڪيو ويو آهي. هاڻي خانداني فردن جو تعلق ڏوڪڙن جي بنياد تي آهي." ڀٽائي اوپاسي ڏيندي چيو.

"توهان تمام سٺا آهيو. سڄي دنيا کان الڳ. منفرد سوچ جا مالڪ ۽ جدا نظريو رکندڙ.. مون کي سمجهو ٿا، ان ڪري ئي اوهان سان محبت ٿي ويم. چارجنگ ختم ٿي وئي آهي. موبائيل بند ٿي ويندي. سمهون ٿا." ائين چوڻ بعد هن جي فون بند ٿي وئي.

رميسا جي موبائيل پيغامن جي شروعات ڀٽائي سان نهايت آساني سان ٿي هئي. بي حجاب، بي ڌڙڪ هن جون ڳالهيون هونديون هون.

**Bhattia:**
**Tu uho shakhs ahen**
**Jenhn je mukhe zarurat hue.**
**Recived: 10: 05 PM**
**17 June 2008**

**Rumesa:**
**I love you.**
**I miss you.**
**Muhanja saaen!**
**Sent: 11:15 PM**
**19 June 2008**

**Rumesa:**
**Bus ean jean twan**
**Bina budhaan je dil me**
**Ache waya..!! twan budhayo mukhe**
**Chho tha sutha lago?**
**Sent: 7: 33 PM**

**30 June 2008**

**Bhattia:**
**Miss you, I love you.**
**Good Night.**
**Sent: 02: 07 AM**
**1 July 2008**

ڀٽائي جو رميسا کي جوابي موبائيل پيغام...

**منهنجو ساهه سمونڊ، لهرون لهرون تون،**
**ڪڏهن نه ڀانيو مون، پري توکي پاڻ کان.**

**Sent: 09:45 AM**
**1st July 2008**

***

سقلتا کي ڀٽائي ۽ رميسا جي هر ڪ هارڻ جي ڄاڻ پئجي وئي هئي. هوءَ اڪثر رميسا کي ڳوليندي اچي ڀٽائي جي آفيس ۾ نڪرندي هئي ته ڀٽائي ۽ رميسا قرب ڪچهرين ۾ مست لڳا پيا هوندا هئا. پوءِ جڏهن رميسا ۽ سقلتا هڪ ٻئي کي ڀڪ هڻي ملنديون هون ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي ويهنديون ته ڀٽائي کي ڏاڍو ساڙ ٿيندو هو.

رميسا رب انار هئي ته سقلتا انگور رس هئي. ٻنهي جي حسن جا الا ڀٽائي کي ساڙي رکندا هئا. پر هو رميسا جي محبت ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويو هو. سقلتا ڏاهن سندس ايڏو ڌيان نه هو. سقلتا ڪجهه مرڪون ونڊيون ۽ ڪل پوڳ بعد عجيب نظرن سان ڏسندي آفيس مان هلي وئي.

هستي ۽ سمنڊ هڪ جهڙا گهرا ۽ فريبي هوندا آهن. جيئن سمنڊ جي پنهنجي اندروني وسيع دنيا هوندي آهي. ائين انساني هستيءَ جي به وسيع ڪائنات هوندي آهي. هو ٻئي سمنڊ هون. ڀٽائي هڪ غواصو بنجي ويو هو. ڀٽائي لاءِ هنن کي سمجهڻ بنهه مشڪل هو.

رميسا ڀٽائي جي قريب هئي. خطرناڪ نظرن سان ڪيس ڏسي رهي هئي. ائين پيو ڀانسجي جهڙوڪ کائي ويندس. هوءَ ڀٽائي جي ڇهڻ سان ڀري پئي. جئين واري جو گهر ڊهي پوندو آهي.

ڀٽائي هن جو هٿ پڪڙي ڪجهه چوڻ چاهيو.

......

هن سندس چپن تي هٿ رکي چيو.. "چپ.."

ائين هوءَ ڇهري جي ڇؤڦير ڇپ رڳڙيندي، ڇپ چوسڻ ۾ جنبي وئي. پتائي موت ۾ هنداٽي جي ڳتري جهڙن ڳاڙهن ڳٽول چپن مان امرت رس پئيندو رهيو. هن پتائي جي هٿن کي وٺي پنهنجي ڪُپن تي رکيو. زور سان چپن جي چسڪن تي آواز پئي نڪتا...

ڪاري رنگ جي انگي مان ڪُپن ۾ پتائي هٿ وجهڻ جي ڪئي تہ رميسا هن کي ڏکو ڏنو ۽ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ لڳي... وري جوش ۾ هن پتائي کي ڇڪي پنهنجي ٻانهن جي گرفت ۾ مضبوط ڪري چپن ۾ انگوڙي هڻني. هوءَ ڇنگهندي... هن جي پوري بدن کي زور سان دٻائي... چپن ۾ چڪ هڻڻ تي پتائي جي رڙ نڪري وئي. "آهہ.." رميسا هن کي وارن کان جهلي اچا تيزي سان زبان کي پنهنجي چپن جي پاڪرن ۾ پيري، ڪلهن کان گهٽو زور ڏنو... رميسا جو مڪڙو ۽ بدن اڱرن ۾ سون جيان ٻري رهيو هو.

پاٽي جي ٻڙ ٻڙين جيان پتائي ڦسي پيو ۽ رميسا هن کي ڇڏي پنهنجي انگي کي سهي ڪري ويهي رهي. ڪا دير پئي خاموش ڪمري ۾ موجود سامان ۽ تصويرن کي ڏسندا رهيا.

"رميسا! ايڏو جوش ۽ جنون تو ۾..؟؟" پتائي سوال ڪيو.

"مون کي ڪجهہ نہ چوندو ڪر، پنهنجي بڪواز بند رکندو ڪر." رميسا ڪاوڙ مان جواب ڏنو.

ان کان پوءِ هوءَ تي هلي وئي. آفيس وقت پورو ٿيڻ کان ٿورو اڳ۾ سقلتا ۽ رميسا اچي ويون.

"سر! اسان ويهون؟" ٻنهي گڏجي اجازت گهري..

"ها ها.. اڪين تي.." "اوهہ.." پئي کلي پيون.

"توهان جي چاهت ڪا محبت؟ توهان شادي تہ ڪئي هوندي؟" سقلتا هجت ڪندي چئي وئي.

اتي رميسا تارا ڦوتاري پتائي کي ڪنڌ لوڏي نہ نہ ڪري پنهنجي بابت ٻڌائڻ کان منع ڪئي.

"شادي نہ باقي چاهت آهي هڪڙي...!" پتائي سوچيندي وراڻيو.

"نالو—ڪا نشاني..؟"

"معصوم.. دنيا جي معصوم ترين ڇوڪري.."

"هون.." رميسا شرمايو هو ۽ مرڪيو بہ.. ائين موڪلاڻي تي هئي.

***

**سانوڻ رات: 11 وڳي**

**حيدرآباد 02 آگسٽ 2008ع**

**سقلتا**

**سلام...**

هي وقت منهنجي عبادتن جو هوندو آهي. هن وقت مان پنهنجي سائڻ سان ڳالهيون ڪندو آهيان. يا وري هن جي تصوير سامهون رکي ان جي پوڄا ڪندو آهيان. يا هن جي يادن کي ياد ڪندي، سموري رات وهامي ويندي آهي. مطلب هوءَ منهنجي لاءِ تمام ضروري آهي. جيترو ساهه کڻڻ جي لاءِ آڪسيجن ۽ جيترو توهان جي لاءِ مهدي..!!

ڪلهه اوهان مون کان منهنجي چاهت جي باري ۾ پڇي ورتو... ۽ اهو به پڇيو ته "توهان کي ڇا ٿيو آهي؟" مون کي ڪجهه نه ٿيو آهي. بس انسان آهيان، ڪڏهن چپ ٿي ويندو آهيان.. ڪڏهن وري.. آءُ ڳنڀير آهيان گهڻو..

خبر اٿوَ اڄ جا رشتا ٽشو پيپر وانگر ڳرندڙ ۽ عارضي آهن. توهان کي محبت آهي مهدي سان ۽ مون کي معصوم سان.. سڀ محبت جي رڻ جا راهي آهيون. اوهان جي محبت جي هن پيش قدمي جو آءُ احترام ڪيان ٿو. پهرين مون اوهان بابت ڪا پٽي راءِ قائم ڪئي هئي. اڳتي هلي ڄاتم: توهان ڪيترا روشن خيال ۽ صاف دل آهيو.

توهان جي بيمار ٿيڻ جي سڌ هيم ۽ ڳڻتي به، مون کي بيمار ٿيڻ جي سبب جي ڄاڻ هئي. "توهان مهدي سان ايترو پيار ڪندا آهيو؟" مون کي يقين نه پئي آيو. جو هن جي ڪري اوهان پنهنجي اهڙي حالت بڻائي سگهو ٿا.

خير پهرين آءُ توهان کي خوش قسمت سمجهان پيو. توهان جو پيار پرڙو ٿيندو هاڻي ائين ٿو سمجهان. خوش نصيب مهدي آهي. جنهن کي توهان جهڙي پيار ڪرڻ واري ملي آهي. بس ايترو چوندس خوش رهو ۽ پريشان نه ٿيو. اهي ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن. دنياوي سوچ ۽ چوڻ تي ڪڏهن نه هلجو. مونکي خبر ناهي. ته اوهان منهنجي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟

چو ته دنيا جي ڳالهين تي هلڻ وارا، پنهنجي خيالن کان بي سڌ ٻين جي سوچن تي هلي پوندا آهن. توهان کي ٻين جيان مون بابت ڪي غلط فهميون ضرور هونديون.

جيڪو ظاهر ۾ هوندو آهي اهو حقيقت ۾ نه هوندو آهي. سو جيڪي غلط فهميون اٿوَ اهي ڏور ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن توهان پڇيو ان ڪري اڄ هي سڀ ڪجهه لکجي ويو... باقي ڪو خاص مقصد نه هو ۽ ها توهان جيڪو مان ۽ عزت ڏني آهي ان لاءِ ٿورائتو آهيان. سچ ۾ توهان جي خلوص ۾ حقيقت پسندي آهي. اميد ته منهنجي ڳالهين کي سمجهي ويا هوندا. منهنجون دعائون توسان آهن. شل سدائين مرڪندا رهو. ڪوڙ ساريون خوشيون ماڻيو جو توهان اهي سنڀالي به نه سگهو. آخر ۾ اهو چوندس پنهنجو ۽ پنهنجي پيار جو خيال رکجو ۽ مون لاءِ خدا کان دعا گهرجو ته جيڪو چاهيان ٿو اهو ملي.

**اوهان جو**

**پتائي**

****

ڀِتائي جڏهن خط سڦلتا کي ڏنو، هوءَ حيرت ۽ خوشي جي گاڏڙ ڪيفيت ۾ وڪوڙجي وئي. جلدي ۾ خط وٺي پرس ۾ رکي شرمايو هئائين. ان ڏينهن هن ڀِتائي کي پنهنجي مڱيندي جو فوٽو ڏيکاريو. ڀِتائي فوٽو ڏسي من ۾ اپاڻڪو ٿي ويو ۽ الائي ڇو ساڙ به ٿي رهيو هوس.

“سر! ڪيئن آهي مهدي؟” سڦلتا جلدي ۾ هن جا تاثرات ڄاڻڻ پئي چاهيا.

ڀِتائي عام راوجي جواب ڏنو: “سٺو آهي سهڻو آهي.”

“ها سر! سڦلتا مهدي کي گهڻو چاهيندي آهي.” رميسا ڀِتائي جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي وچ ۾ چيو.

رميسا ڪرسي تي ويهي مسڪرايو. ڀِتائي بي دليو چيو “هان...” ۽ هو پئي هليون ويون.

ڀِتائي لاءِ سڀِن سوچن جو انت رميسا هئي. خواب خوشيون.. پوري زندگي هئي هوءَ.. گلاب جو گل.. چي: نه نه.. هوءَ ته پورو گلشن هئي. دنيا جي سڀِن خوشبودار گلن جو سنگم... خوبصورتي سان تارون تار.. ايتري ڇڪ هئي هن ۾.. جيڪا بجلي ۾ به نه هئي.

“هن هڪ نهار ۾ منهنجو سڀ ڪجهه کسي ورتو هو. هن ڪيڏيون تبديليون آڻي ڇڏيون آهن مون ۾..” هو سوچي رهيو هو.

منهنجو لب و لهجو، انداز، منهنجي چهري جي رونق ۽ چمڪ.. اها معصوم جي محبت جي ڪري آهي.”

محبت انسان جي من ۾ مهڪ ڀَڄي ايندي آهي ۽ پورو وجود ان سان واسجي ويندو آهي. هتي محبت اچا تيزي وارو روپ اختيار ڪري آئي هئي. روشني.. ها معصوم جي محبت روشني هئي. جنهن ڀِتائي جي اندر جي سڄي اونداهي کي ختم ڪري ڇڏيو هو. دل ان سان پُرنور ٿي وئي هئي.

رميسا جي فون اچي ٿي..

سوچن جي ننڊ مان اٿي فون کڻي ٿو: “يا علي مدد” آهستي ڏڪارو آواز ڪنن تي پويس ٿو.

ڪلندي جواب ڏئي ٿو: “مولا علي مدد”

“ڪلو ڇو ٿا ۽ ڇا پيا ڪريو؟”

“اوهان جي انداز تي ڪلان پيو ۽ توهان کي ئي سوچيان پيو.”

“او منهنجا سائين..” رميسا بي اختيار ٿي چيو.

“آوهه سائين... س...س” ٿڌو ساهه پري ٿو.

“توهان شاعر آهيو نه، ڪهانيون لکندا آهيو نې؟”

“ هاها... ڪهانيون نه پر ڪهاڻيون لکندو آهيان. ها ڪهاڻيڪار آهيان.”

“توهان منهنجي ڪهاني لکندا نه؟ ها توهان سڦلتا جي ڪهاڻي لکي هئي. مون پڙهي هئي. جيڪا ڏاڍي سٺي هئي. مون کي وڻي هئي.”

“آءُ توتي لکندس.” پتائي دل سان چيو.

“نہ منهنجي کهاني لکو..”

“اڙي يار کهاني نہ پر کهاڻي..” پتائي سمجهائيندي چيو.

“ها ها کهاڻي منهنجا سائين”

“تنهنجو مون کي، منهنجا سائين چوڻ ڏاڍو وڻندو آهي، ڇا آءُ تنهنجو سائين آهيان؟”

“ها کو شڪ اٿوَ؟”

“نہ نہ پڪ اٿم. آءُ تو ڏي اي ميل ڪندس.”

“ڇا اي ميل؟ پر آءُ تہ کهاني چيم...؟”

“تون پڙهاءِ پنهنجي باري ۾.. پوءِ مان لکندس اهو ءِ ميل ڪندم.”

“سڀئا منهنجي کهاڻي ۾ رڳو تڪليفون ۽ سور آهن.”

“ڪهڙيون تڪليفون ۽ سور آهن؟ مون کي ڏيو پنهنجا درد تڪليفون...”

“توهان اي ميل لکندا نہ پوءِ مان ان جي جواب ۾ پنهنجي باري ۾ لکندم..”

“ٺيڪ آهي. هان..”

“ها ٺيڪ آهي.”

“پر هڪ ڳالهہ ٻڌايو توهان کهاڻيون شعر ڇو لکندا آهيو؟” رميسا سمجهہ خاطر پڇيو..

گهڻي دير تائين ماٺ ٿي وئي.

چيائين: “آءُ لکندو ڇو آهيان.”

“ڇو تہ رگويدن ۾ لکيل آهي تہ ڳالهائڻ چاندي ۽ لکڻ سون آهي. ان لاءِ آءُ لکندو آهيان. سون ۽ چاندي جي فرق کي عورت کان وڌيڪ ڪير ٿو ڄاڻي سگهي.”

“اهو رگويد ڇا هي؟” رميسا وري سوال ڪيو.

“رگويد، سنڌو ڪناري پراچين دوَر ۾ ڏاهپ جا خلقيل ڪتاب آهن.”

اوچتو رميسا بيٽري ختم ٿي وڃڻ جو بهانو ڪري فون بند ڪري ڇڏي هئي. پتائي کي ان اوچتي عمل تي حيرت ڪاوڙ ٻئي آيون. هو رميسا کي ڪافي دير تائين رات جو موبائيل تي ميسيج موڪليندو رهيو.

***

پتائي جي رميسا کي اماڻيل اي ميل:

To, rumesa@yahoo.com.

**سڀ ڪجهہ تنهنجي نالي...**

**تنهنجي پاڪي پاتي کان پوءِ پنوَر پليا،**

## ڪيڏي منهنجي ڪپڙن ۾ سرهاڻ رهي ٿي.

**منهنجي رميسا!**

ڪلهه تو ڇيو منهنجي ڪهاڻي لکو. ان کان اڳ هي ڪجهه پهريون ڀيرو لکڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان.

محبت لفظ ئي اهڙو آهي. جنهن جي چوڻ سان ٻئي چپ ملي وڃن ٿا ۽ من ۾ خوشبو جو احساس اڀري پوي ٿو. منهنجي محبتن جو سفر تنهنجي اڳيان آهي. مون محبت ۾ هميشه ناڪامي جو منهن ڏٺو آهي. مختلف وقتن تي عمر جي حساب سان پيار ۽ محبت ڪي ان وقت جيئن سمجهه ۾ آيو آهي ڪندو رهيو آهيان.

پر مليو ڇا؟ بيوفائي ۽ بي رخي ۽ فريبي!!؟ انهن شين کان تون گهڻو نه ته ٿورو ضرور واقف آهين.. مان چاهيان ٿو منهنجي من ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه هجي، جيڪا تون کان ڳجهي هجي، جيڪو به هجي تنهنجي سامهون هجي ۽ اڄ مان پاڻ کي تنهنجي اڳيان پيش ڪيان ٿو.

رميسا! آءُ توکي ڪنهن فريب ۾ نه ٿو رکڻ چاهيان. مرد(ڇوڪرا) وڏا فريبي ۽ خودغرض ٿيندا اٿئي، ان جي ٿوري ڄاڻ شايد توکي هجي! مون کي خبر آهي، مون کان منهنجي جيون ۾ انيڪ ساريون غلطيون ٿيون هونديون، مون به ضرور ڪنهن جي دل ڏکائي هوندي. مون به ڪوڙ ڳالهايا هوندا. نڱيون ڪيون هونديون... پر سچ ۾ اهي ٿوريون هونديون.

مون ڄاڻي واڻي ڪنهن جي به دل نه ڏکائي آهي. هن وقت تائين... مون کان ڪنهن جا به لڙڪ ڏٺا نه ويندا آهن. مان هي کهڙيون ڳالهيون لکي رهيو آهيان. مون کي صاف صاف ۽ چٽيون ڳالهيون چوڻ گهرجن. جيڪي هي آهن ته هاڻي مون کي اهو بار بار چوڻ ۾ ڏاڍو عجيب محسوس ٿئي ٿو ته "مون کي توسان پيار آهي. روئان ٿو تنهنجي لاءِ، رهي به نه سگهندس. آءُ تنهنجي لاءِ جان ڏيندس. تنهنجي لاءِ خوشيون آڻيندس. اهي سڀ مون کي هاڻي ڪوڙ ۽ ورجاءُ لڳن ٿا.

ڇو ته جن سان مون محبت ڪئي. انهن لاءِ مون اهو سڀ عملي طور ڪرڻ چاهيو... جن لاءِ آءُ هئس. اهي منهنجا نه ٿيا.؟! مون اهو سڀ انهن کي ڏيڻ چاهيو، جيڪو هڪ سچو پريمي ڏئي سگهندو آهي. مون ڪڏهن سچائي جو منهن نه ڏٺو آهي. پلئه پئي ته بس تنهائي، سوچون، اڪيلائي ۽ اهي منهنجا ويجها ساٿي رهيا آهن.

ڪن مون سان همدردي طور پيار ڪيو. ڪن لالچ ۾ اچي، ڪن وري منهنجي خوبصورتي ۽ جسم سان ته ڪن وري نه ڄاڻ ڪيئن مون سان پيار پئي ڪيو آهي ۽ صرف پيار ئي ڪيو آهي، محبت ڪو نه ڪئي آهي. عشق نه ڪيو آهي. جيڪو پيار جي انتها آهي. مون همدردي نه پر هميشه محبت چاهي آهي ۽ اها محبت جنهن ۾ الف کان وٺي ي تائين مون پاڻ کي ڏسڻ چاهيو آهي. آءُ ڪڏهن نه چاهيندس ته

توکي کوڙ لکان توسان فريب کيان. تنهنجي منهنجي کهاڻي ڏاڍي وڏي آهي پر جيترو لکي سگهيس لکان ٿو ۽ لکندو رهندس. کجھ زباني بہ ٻڌائي چڪو آهيان.

محبت انسان کي ڏاهيندي آهي. سنواريندي آهي. منهنجي پيار هميشہ مون کي پوئتي کيو آهي. ڪڏهن مون پنهنجو مستقبل داءُ تي لڳائي ڇڏيو، ڪڏهن مون خود کي ڪيرائي ڇڏيو، ان ڪشمڪش ۾ اڳتي وڌي نہ سگهيو آهيان. هاڻي جڏهن ڪان اوهان هن زندگي ۾ پير پاتو آهي، تڏهن ائين پيو لڳيم، منهنجو وڃايل سڀ ڪجھ تنهنجي روپ ۾ واپس ملي رهيو هجيم. تنهنجون ڳالهيون، تنهنجون سوچون ۽ تنهنجا خيال ڏاڍا اونچا آهن. جن کي پرکي، سمجهي پاڻ کي تنهنجو ٿيڻ کان روڪي نہ سگهيم. هن ايتري مختصر عرصي ۾ اسان جو هڪ ٻئي کي ويجهو اچڻ محبت جي سچي هجڻ جو چٽو پٽو ثبوت آهي. جيڪو مون کي ملي چڪو آهي.

پنهنجي محبتن جو جنم ٿي چڪو آهي پر هي سماج ريتون رسمون ۽ رشتا ناتا ان کي زنده رهڻ بہ ڏيندا؟؟ الائي نہ؟؟ الائي اسان جي بيوس محبت کي گهٽا ڏئي ماريو ويندو. ۽ اسان ڏسندا ئي رهجي ويندا سين. جيڪو مون توکان پاتو آهي. اهو ئي سچو پيار ۽ محبت آهي. جنهن لاءِ مان ساري حياتي ڀٽڪندو ۽ تڙپندو رهيو آهيان.

دعا آهي تہ اسان جو عشق شل وڏي حياتي ماڻي، جنم جنم جيئندو رهي. آءُ تہ چئي چڪو آهيان تنهنجي جذبن جي سموري ڳالھ ۽ انهن جي ترجماني ڪندڙ منهنجا لڙڪ... جيڪي پل پل تنهنجي ڏور ٿيڻ جي خوف کان وهندا رهندا.. وهندا رهن ٿا. تون هميشہ مون ۾ هوندين... هميشہ... پوءِ اسين جتي بہ جڏهين بہ هجون... جئين هن شاعر چواٿي:

**منهنجي دل سورج مکي، ساجن تون آ سج،**
**جاتي ڀي تون هج، منهنجو من تنهنجي طرف.**

پنهنجي سنڀال ڪجان. اسان لاءِ دعا ڪجان.

**تنهنجو اپاڳو**
**ڀِتائي...**
**12 جولائي 2008ع**

**From: bhattia@yahoo.com**

****

ان ڏينهن آسمان ۾ ڇڊا ڪڪر رلي رهيا هئا. هوائون پنهنجي مستي ۾ هيون. خدا پاڪ رميسا کي ڏاهڻ مهل حسن جو اهڙو تہ ڀاڱي ڏنو هو جو ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ لحاظ کان لهي نٿي سگهيو...

رميسا جڏهن ڀٽائيءَ کي ڏسندي تہ هرٽي جي اکين جيان هن جون اکيون روشن ٿي وينديون هون.
تون لاثاني هئين. توکي دنيا جي هر حسينہ تي عظمت ۽ فضيلت هئي. ڀٽائي رميسا کي سامهون ايندو ڏسي سوچي رهيو هو.
رميسا کي انديگو ويس پيل هو. سندس شخصيت Prismatic ٿي لڳي.
"مون توهان کي اي ميل ڪئي هئي توهان ڏٺي؟" ڀٽائي انتظار مان پڇيو.
نہ مون اي ميل نہ کولي آهي." رميسا چيو.
هي اي ميل جي پرنٽ آهي توهان جي لاءِ، ڀٽائي پتلون مان ڪجهہ پنا ڪڍي رميسا ڏانهن وڌايا.
"اوهہ.. توهان لکي ويا." هتي پڙهان؟"
"جئين اوهان جي دل.." رميسا پنا پرس ۾ رکي ڇڏيا. "گهر آرام سان پڙهندس."
ان شام جو رميسا جا موبائيل تي پيغام...

**Bhattia:**
**Received:**
**Wah! Zuberdast.**
**I love you, I kiss you.**
**21 August 2008**
**07: 35PM**

**Received:**
**Na jane us ke dil me,**
**Mehfilen abad hon kitni,**
**Ekela jo bhi betha ho,**
**Use ekela naheen kehte.**
**21 August 2008**
**07: 45PM**

**Rumesa:**
**Sent:**
**Um, ilu, email letter**
**Bohat acha tha.**
**21 August 2008**
**07: 47PM**

***

پيار ان خوشبو وانگر ٿي ويو آهي. جنهن تي انسان زندهہ نہ ٿو رهي سگهي. ڇو جو اها رڳو نڪ ۾ وڃڻ جي شيءَ آهي نہ کي خوراڪ جنهن سان انسان جيءُ سگهي.
موبائيل جي اسڪرين تي ٿيندڙ محبتن جا اظهار معمول ٿي ويا آهن. پيار تہ اڄ جي جوانن لاءِ ڪو رونشو ڪو فيشن بڻجي ويو آهي، جيڪو موبائيل جي هجڻ سان ئي مڪمل ٿو ٿئي.

شام جو وقت هو. پتائي جي موبائيل فون وڄي ٿي.

"بادشاهي برقرار رهي." پريان رضا جو آواز هو.

"سائين سائين!" پتائي قرب مان چيس.

"واندڪائي هجي تہ چانهہ جي چڪي پيون." رضا پڇيس.

"ها آءُ اچان ٿو." پتائي فون ڪٽي ڇڏي...

رضا پتائي جي ننڍپڻ جي ويجهن دوستن مان آهي. ادبي ذوق رکندڙ رضا هڪ پرائيوٽ اسڪول ۾ ڇوٽو موٽو استاد آهي. هن جو وقت غيرسنجيدگي ۾ نڪري ويو ۽ هو ڪا خاشي نوڪري نہ ڪري سگهيو آهي. رضا ڪافي منجهيل پئي لڳو، ٻئي ڀاڪر پائي مليا ۽ بينچن تي ويهي رهيا. پتائي پڇي ورتس.. "ها سهڻا تون ايس ايم ايس تي ٻڌايو تہ توکي محبت ٿي وئي آهي."

رضا کيسي مان موبائيل ڪڍي ميسج کولي پتائي کي ڏيکارڻ لڳو. جن ۾ ڪائنس ان ڇوڪري سوال ڪيا هئا. جنهن سبب هُو پريشان هو.

"يار! هوءَ جڏهن صبح جو ايندي آهي تہ پوري ماحول ۾ لاتعداد خوشبوئون شامل ٿي وينديون آهن. مان پوري طرح سندس محبتن ۾ جڪڙجي ويو آهيان. هوءَ منهنجو جنون بنجي وئي آهي. پر منهنجي محبتن جي موٽ ۾ اها نٿي ڏئي، جيڪو هڪ عاشق جو معراج آهي."

"جيتري قدر مون ماجدا جا مسيج پڙهيا آهن. هن ۾ مئچورٽي گهٽ آهي. هوءَ سڀ ڳالهيون روايتي ڇوڪري وانگر ڪري ٿي." پتائي چيس.

پتائي کي رضا جو پيار گجگاهہ لڳو ۽ رضا معصوم...

"مون کي سيني ڪان مقدس ۽ عظيم مسرت ماجدا جي حسن جي تصور مان ملندي آهي. مان ڪيس هڪ وار بہ لاهي نٿو سگهان. هوءَ منهنجو منڙو آهي."

"پيارا! اميدن تي زندگي گهارڻ بہ عذاب اٿئي، ڇوڪريون اميدن تي ڏاڍو جلد پاڻي ڦيرينديون آهن. تون ڪائنس پهرين پيار جي پڪ وٺ پوءِ پاڻ کي ايترو پريشان ڪر." هن اکيون ۾ چپ موڙيندي چيو.

"مون کي بہ هن جي سچائي تي شڪ ٿيندو آهي." رضا اداس ٿي وراڻيو.

"عورت کي سمجهڻ تمام ڏکيو ئي نہ، پر ناممڪن آهي." هي جيڪو دؤر هلي پيو، موبائيل انٽرنيٽ ٽيڪنالاجي جو، ان ۾ ڇوڪريون ان وانگر تيز ٿي ويون آهن." موبائيل جي محبت جي عمر ڪيتري آهي، نمبر بند.. پيار ختم.. جوڳي نہ ڪنهن جا مت." چانهہ جون چسڪيون ۽ محبت جون مستيون سندن گفتگو جو موضوع رهيون.

ان دوران رضا ڏي ماجدا جا مسيج ايندا رهيا. جن جا هُو پتائي جي صلاح سان جواب ڏيندو رهيو. محبت جي اڻ ڪٽ، ڳوڙهي ڳالهين ڪندي ڪندي پتائي رضا ڪان اجازت ورتي. پتائي ڏٺو تہ رضا محبت جي نيري رنگ ۾ مڪمل طور وگهرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

***

پتائي جو رميسا ڏانهن مارننگ ميسج:

**سچي عمر گڏجي رهڻ ممڪن نہ آ،**
**اڪيلو جيان هرهر ملڻ ممڪن نہ آ.**
**ڪيڏو ڏور ڪٿي بہ هجون پر،**
**هڪ ٻئي جي دل تان لهڻ ممڪن نہ آ.**
**Sent:**
**6:45AM**
**23/07/2008**

رات پتائي رميسا کي فون ڪئي تہ ان جو نمبر مصروف هو ۽ هوءَ ڪنهن ٻئي سان ڳالهائي رهي هئي. هڪ دفعو... ٻيو دفعو... ٽي دفعا.. چار دفعا.. پتائي نمبر ملائيندي درجن دفعا ٿي چڪا هئا.. پوءِ ڪلاڪ ٿي ويو.

پوءِ بہ ڪلاڪ ٿي ويا.. ٽي ڪلاڪ گذريا. هو نمبر هٽي هٽي بيزار ٿي پيو. ٽن ڪلاڪن کان پوءِ فون بند ٿي ويو. پتائي جي اندر ۾ غم جي اهڙي باهہ ٻري پئي هئي، جيڪا ڪنهن آتش فشان کي جلائي ڀسم ڪري ڇڏي ها.

پتائي ڪلهہ رات کان بي قرار هو تہ ائين ڇو ٿيو. هُو جيئن آفيس پهتو تہ ميز تي چٽ پئي هئي. جنهن ۾ لکيل هو: "سوري... فقط تنهنجي معصوم." هن چٽ کي ڦڪي ڪل سان ڪٽي ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو. رميسا نظر نہ پئي آئي. پتائي جي موبائيل جي گهنٽي وڳي... هن ڏٺو رميسا جو پيغام هو.

**هزارون چهرون مين تيري مشهابتن ملين مجهه کو محسن!**
**پر دل کي مرضي هي اگر تو نهين تو تجهه سا بهي نهين.**
**Received:**
**9:49 AM**
**23/07/2008**

پتائي ان ڏينهن رميسا سان نہ ڳالهايو..

رميسا هاڻي اڪثر ائين ڪندي هئي. هن جي فون هميشه مصروف رهندي هئي. سوري واري چٽ ڏيڻ معمول هو. هوءَ موبائيل جي بند ۾ رُذل هجڻ جا انڌا منڊا سبب ڄاڻائيندي هئي. ڀٽائي جيڪو پيار جي سمنڊ ۾ لڙهي ويو هو. اهو ڇا ٿي ڇئي سگهيو، جهٽ ناراض رهندو وري پاڻ ئي پرچي پوندس.

***

هاءِ ڇا نه دؤر اچي ويو آهي!! هر دؤر جي پنهنجي تقاضا ٿئي ٿي، ماڻهو چاهي، نه چاهي ته به ڪيس زماني سان گڏ هلڻو پوي ٿو.

ظاهري طور ته هر شيءَ فنا آهي.

ڪا به شيءَ ناهي رهڻي... دنيا انسان کي ڪو به جتاءُ نه آهي، ڪهڙو لمحو آخري هجي ۾ ڪنهن پل ٿو ساهه پکيئڙو جسم جو پڃرو خالي ڪري وڃي، نه ان جي ڪا پڪ آهي ۾ نه ئي ڪل... تنهن هوندي به ماڻهو بي ڍنگ، بي ترتيب زندگي گهارين پيا، ڪين ان جو احساس به نه آهي.

ان ڏينهن ڀٽائي کي نياز جو ڪتاب مليو، جيڪو هن تازو ڇپايو هو. ڀٽائي واپسي ۾ مهربانين جو پيغام ان کي مڪو هو.

پنهنجي زندگيءَ جي عجيب ڏکئي دؤر مان گذرندڙ نياز وٽ زندگي ۾ صرف ڏنڌ ئي ڏنڌ آهي، گهري ڏنڌ.. ڪجهه به صاف ناهي!

هو چوندو آ: "مون کي ظاهري طور ڪو رستو نظر نٿو اچي."

هن جي ڏکن جي شروعات هن جي ڄم کان اڳ ۾ ٿي وئي هئي. سندس امڙ کي چوٿون مهينو پيٽ هو جو بابنهس کي ٻئي شاديءَ جو شُوق جاڳيو ۾ هُن اهُا ڪري به ڇڏي. سندس امڙ کي هن جي پيءُ ڪيڏي ڇڏيو. هوءَ هن جي ناني وٽ اچي ويهي رهي. نياز اتي پيدا ٿيو، اتي ئي وڏو ٿيو. اتي لکيو پڙهيو.

اداسي نياز جي طبعيت ۾ ننڍپڻ کان ئي شامل ٿي وئي هئي. هو هر وقت سوچيندو رهندو هو. اداس طبعيت ڪتاب هن جي دلچسپي جو سبب بڻيا.

پرائمري ۾ پڙهندو هو، جو غيرنصابي ڪتاب پڙهڻ تي استاد دڙڪا ڏنس. ادبي ۾ رومانوي ڪتاب هن جي طبعيت کي ائين آوڙجي ويا هئا جو هن کي نصابي ڪتابن سان ڪو لڳاءُ ئي نه ٿيو، پوءِ به عجيب حيرت ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو.

هن پنهنجي زندگي جو عڪس نيئن آيل ڪتاب "سُرو وتل جسم" ۾ چٽيو آهي. اڪيلائي ۾ اداسي سان نياز جو ازلي ناتو آهي.

چوندو: "اداسي منهنجي خمير ۾ شامل آهي، اها ڪڏهن ختم ناهي ٿيڻي."

امڙ جو خيال ئي هُن کي خودڪشي کان روڪيندو آيو آهي. نه ته خودڪشي حسين اپسرا جيان پاڻ سڏيندي اٿس.

**چي: نه ڏينهن آجو، نه رات آجي، فڪر هزارين حيات جيجل،**

**نہ جي هجي ها خيال تنهنجو، ڪري ڇڏيان آپگهات جيجل.**

پنهنجي گهڻي اداسيءَ جي باوجود نياز ڪل مک ۾ خوش مزاج هجڻ جي اداڪاري ڪندو آهي.

"نياز توکي ڪتاب جون ڪوڙ مبارڪون.. ڪتاب تمام سٺو ڇپايو اٿئي." پتائي هڪ دفعو وري نياز کي ميسج ڪيو. نياز جي وراڻي: "مهرباني دوست."

***

"درد پراون کي بہ پنهنجو ڪندو آهي. آءٌ تہ ان جو وڏو مائٽ هوس. هن جي مون سان گهڻي وقت کان ياري هئي. سو درد مون کي ڪئين ٿو ڇڏي سگهي." پتائي من ئي من ۾ سوچي رهيو هو.

"رميسا جو پيار منهنجي لاءِ ائين ٿي ويو آهي. جئين ڪنهن پياسي کي چئجي تہ هو خواب ۾ ئي پاڻي پي پنهنجي اڃ اجهائي ڇڏي!"

پتائي جي اکين ۾ سياري جي مند لهي آئي هئي. هن جي اکين مان ڳوڙها ٽپ ٽپ ڪري وهي رهيا هئا. رميسا جو فون پئي ڪال تي هو. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو رميسا جو درد ڪنهن سان سلي.

هن سڦلتا کي ميسج ڪيو پر اوڏانهن جواب نہ آيس. شايد هوءَ ننڊ پئي هئي. بيزاري جي عالم ۾ هن هيڏانهن هوڏانهن جا ميسجز کيا ۽ پڙهيا، ڪنن ۾ هيڊ فون هڻي هُو پنهنجي پسند جي موسيقي ٻڌندو رهيو. جڏهن ڪتين ڪر موڙيا، رات بہ ٿڪي موڪلائڻي جون تياريون ڪيون تہ هن جو انتظار بہ ڪنو ۽ هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون اوٻاسي مٿان اوٻاسي ٿي ڏنائين ۽ پاسي ورائي سٺو تہ ننڊ اچي ويس. ان کان اڳ هن رميسا جو نمبر آخري دفعو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ بند مليس.

صبح جو آفيس ۾ ميز تي رميسا جي معمول جيان چٽ پئي هئي. پتائي اها چٽ پڙهي ڪاوڙ ۾ اچلي پئي تہ رميسا سامهون اچي بيهي رهي...

"منهنجا سائين معافي.."

"يار توسان مسئلو ڇا آهي؟؟ آخر تون ائين ڇو ٿي ڪرين؟" پتائي ڪهرو ٿيندي چيو.

"او.. رات ادي سومل جي ڪال آئي هئي. ان سان دير تائين پئي ڳالهائيم."

"تون وڏي تيرنهن تالي آهين... بس گهڻو ٿيو..."

رميسا ڊيڪر ڏئي روئي پئي. پتائي جيئن هن کي پرچائي سگهي تہ هن جي قريب آيو... رميسا جي زلفن مان هڪ عجيب سڳنڌ هن کي آئي.. ۽ هوءَ بلو ليڊي سينٽ هڻي آئي هئي. هن جي محسوسات پوءِ هن جي قابو ۾ نہ رهي. پتائي جي نڙي سڪي وئي. رميسا پنهنجا سنهڙا گلابي چپ هن جي ڳاڙهن چپن ۾ چنبڙائي ڇڏيا.

پتائي جي ڇهري جو رنگ ڦري ويو... رميسا جو هٿ آمجگاهه ۾ ڪپي ويو. هوءَ ڪاوڙ ۾ اٿي ۽ ڪرسي کي ڌڪو ڏنائين.. پتائي چيو "ڪوئي اڇي ويندو؟"

هن پوپان هٿ ڊگهو ڪري ڪڙڪي کي دٻايو. ٽڙڪ جو آواز ٿيو، ڪڙڪي بند ٿي وئي.

رميسا پنهنجو چولو لاهي ميز تي ڦٽي ڪري ڇڏيو. ڪاري انگي ۾ اڇو ڳاڙهسرو جسم ٻهه وانگر لڳي رهيو هو. پتائي برف جي ڳنڍي جيان ڳري ويو. پياسا پاڻي جي تلاش ۾ ڪوشان هوندا آهن، پر پاڻي کي پڻ خود پياسين جي ڇڪ هوندي آهي. "اندر جنين اڃ، پاڻي اڃيو ان کي."

رميسا جي مک تي محبت جو نيرو رنگ نه پر ڪام جو ڳاڙهو رنگ چڙهي ويو هو. هوءَ ٻگهڙ جيان ڪيس چنبڙي وئي. هوُ ٻئي سمجهي نه رهيا هئا ته هو ڪٿي ڪٿي چمي رهيا آهن. پتائي جا هٿ ارُهن ۾ ائين هئا، جيئن ننڍا ٻار انب پڪڙيندا آهن.

وڏا وڏا ساهه... هوائن جيان جسم مان نڪرندڙ ڪرڙات... ۽ پوءِ رميسا جا ڇڪ هوءَ ڪيس ڇڪ هڻڻ لڳي... ڇپن ۾.. ڳچن ۾... ۽....؟ هن کي تڪليف پئي ٿي پر هو نه ڪڇيو.

ٿوري دير ۾ جيئن ڦوڪڻي مان هوا نڪرندي آهي ته آواز ٿيندو آهي. پتائي ۽ رميسا جي جسمن به اهڙا آواز ڪڍيا. پتائي جي ڪاوڙ به ڦوڪڻي مان هوا جيان نڪري وئي، هُو سسيل ڦوڪڻو ٿي پيو.

****

اهو ڪلائيڊس جي هار جو ڏينهن هو.

بهار پنهنجي آمد جو اعلان ڪري چڪو هو. سيارو پنهنجي آخرين هڏڪين ۾ هو.

محبت جو سفر جيڪو صدين کان جاري هو ۽ هلندو رهندو. پيار جي احساسن، جذبن ۽ اڌمن کي ڪلائيڊس ته ڇا پر دنيا جي ڪا به طاقت ختم نه ٿي ڪري سگهي. ڪلائيڊس انسانن جي دلين مان پيار ڪڍڻ چاهيو پر دنيا جي هر دل ۾ پيار جا جهرڻا وهن ٿا.

سينٽ ويلنٽائن جي پيار عام ڪرڻ واري عظيم ڪارنامي جو ڏينهن هو. اڄ ويلنٽائن ڊي محبتن جو عالمي ڏينهن هو. عاشقن جي عيد...

ان ڏينهن رميسا جو جنم ڏينهن هو. رميسا جيڪا محبتن جو سنگم هئي. ان ڏينهن محبت جي عظيم علامت ٿي رميسا ڇائي هئي ۽ هوءَ هئي به...!!

صبح جو ساجهر... پتائي جو رميسا کي موبائيل ميسيج:

Rumesa:
Pochhata hai jub koe ka dinya main mohbat kahan hai,
Muskrat deta hoon main or yad aa jate ho tum.
Janam Mubarak, Mohbatoon Mubarak.
From Bhattia
Sent

07: 02AM
14-02-2009

رميسا جو جوابي ميسيج:

Bhattia-Jan:
Gali main us ke kia gae, ke khaq ho gae hon main,
Ab tu yeh hawa he aa ke uthaege mujhe.
Happy Valentine Day jana, saein.
Sender:
Rumesa:
07:45AM

ان ڏينهن رميسا کي سفيد گلابي پرنٽ جو لان جو وڳو پهريل هو. اکين ۾ ڪجل، پيرن ۾ پايل، وارن ۾ ڳاڙهي پوني وڌل هئي. رميسا جي نيڻن ۾ پيار جو سمونڊ ڇوليون هڻي رهيو هو، جيئن ساگر چوڏهين جي رات مست ٿيندو آهي اوئين بلڪل...

رميسا اعلان ڪيو.. "ابا ٻڌو ٻڌو..."

آفس ۾ پيار ڏڻ ڪري سڀن جي مک تي هڪ اڻ مٽي خوشي ۽ مرڪ هئي... محبت جي نيراڻ هر چهري تي عيان هئي.

"سڀئي اهو فيصلو ڪري ٻڌايو تہ چپ ڪنهن جا ڳاڙها آهن، منهنجا يا پتائي صاحب جا!" بنا حجاب رميسا چوندي، سڦلتا ۽ پتائي کي ڏٺو.. جيڪي مرڪي رهيا هئا.

"پهريان تون ٻڌاءِ." رميسا سڦلتا جي مٿان اچي بيٺي! خود ثنائي ۾ رميسا ماهر هئي.

سڦلتا مرڪندي... پتائي ۽ رميسا جي چپن کي ڏسي فيصلو ڪرڻ لڳي...

پتائي ۽ رميسا زبان سان چپن کي آلو ڪيو ۽ چٽڪو ڏئي زبان اندر ڪري ڇڏي. سڦلتا بہ ان ڏينهن نيلوفر/چنبيلي جو گل تي لڳي. هن جو سڊول بت ۽ مرڪ تي چاه غب غب تي پئي. (ڳٽن ۾ گهپ)

"پتائي جا چپ وڌيڪ گلابي آهن." سڦلتا ڪلندي فيصلو ڏنو.

"اوهہ! تو دوست بہ مون کي ووٽ نہ ڏنو."

"تهمينہ پلا تون ٻڌاءِ؟"

تهمينہ ڪلي گهٽ شرمائي وڌيڪ رهي هئي. "سر جا زور ڳاڙها آهن."

عبدالنبي سنگيتا، وجي دلشاد سڀني پتائي جي چپن جي ڳاڙهاڻ جي باري ۾ ووٽ ڪيو. آخر ۾ رميسا پتائي کان پڇيو.. "پتائي! تون ٻڌاءَ ڪنهن جا چپ لال آهن تنهنجا يا منهنجا؟"

"تنهنجا" پتائي مسڪرائي وراڻي ڏني.

"شڪر آهي ڪنهن کي تہ منهنجا چپ ڳاڙها لڳا." خوش ٿيندي رميسا سڀن کي چيو.

پتائي ان ڏينهن 5 ڪلو گل گهرايا هئا. هو سڀن ۾ گلاب ورهائي رهيو هو ۽ موٽ ۾ هر ڪوئي ڪيس مرڪي ڏسي رهيو هو.

پتائي ان ڏينهن رميسا سان کو جهيڙو نہ ڪرڻ چاهيو نہ ئي ڪو سوال، جنهن سان سندن وچ ۾ ڪا ڪوڙاڻ پوي. هن کي محبتن جي ڏينهن جي خوشي هئي يا رميسا جي ملڻ جي، يا رميسا جي سالگرهہ جي...

سچ تہ پتائي رميسا کي پائي وڏ ۾ ڏو خوش هو. رميسا جي سالگرهہ تي سيئي هن کي تحفا ڏئي رهيا هئا ۽ ڪيڪ بہ ڪٽيو ويو هو.

پتائي رميسا کي اجرڪ پارايو هو. هوءَ اجرڪ ۾ ائين لڳي رهي هئي جيئن آسمان ۾ چنڊ لڳندو آهي... پوءِ شاهہ جو رسالو... جنهن تي پتائي لکيو هو:

**محبتن جي علامت——رميسا مجيد جي لاءِ....**

**محبتن جي ڏينهن، محبتن مان**

**سندس سالگرهہ تي لازوال سوکڙي...**

**پتائي..**

**2009-02-14ع.**

رميسا شاهہ جو رسالو پڙهي، حسرت سان اٿلائي پٿلائي ڏسي رهي هئي. اکين ۾ چمڪ هيس. چيائين: "وڏي مهرباني سائين."

سڦلتا ڦڪي ٿي پئي وئي ان ڏينهن... رسمي ان بہ سالگرهہ جي مبارڪ ڏيندي، ڳل تي متي ڏني هيس.

پتائي کي ان پل ڏاڍو ساڙ ٿيو هو.

ماڻهو جدا ٿيا تہ هوءَ پتائي جي ڳچي ۾ ٻانهن جو هار وجهي، چوڻ لڳي: "تون مون کي صبح کان چمي نہ ڏني آهي چو؟"

اهو ٻڌندي ئي هن جون اکيون بند ٿي ويون. هوءَ سندس پيشاني، ڳل ۽ چپ چوسڻ لڳي، هو دنيا کان ڏور آسمانن ۾ جهومڻ لڳو. هن کي وقت جي ڪل ئي نہ رهي.

چمين جي چسڪن، اڄ جي ڏينهن ۾ سندن مناڻ ۽ رنگيني پري چڙي هئي.

رميسا چيو "اڄ جو ڏينهن منهنجي زندگي جو يادگار ڏينهن آهي."

"تنهنجو جنم ئي يادگار ڏينهن تي ٿيو آهي. جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن کان نٿو پلجي سگهي."

ان يادگار ۽ خوشگوار ڏينهن تي هنن هڪ ٻئي کان مرڪي موڪلايو هو.

***

رات جا ٻه وڳا ٿيا هئا. ڪوٺيءَ جو دروازو بند آهي. ان جي باوجود به در جي وٿين ۾ گرم هوا ڪيڻ واري پکي جي وٿين مان هوا گهوگهٽ ڪندي ڪمري ۾ اچي رهي آهي. رضا ۽ پتائي هڪ ٻئي کي پٺ ڏيون ستا پيا آهن. ٻنهي مٿان سوڙيون وجهي ڇڏيون آهن. پوءِ به پتائي سيءَ ۾ سوڪٽ ڪيڻي رهيو هو.

اهو موڪل جو ڏينهن هو ته پتائي فون ڪري رضا ڏي اچي ويو هو. اوچتو مينهن پوڻ شروع ٿي ويو هو. فيبروري جا ڏينهن هئا. سارو ڏينهن موسلا ڌار بارش وسي رهي هئي. پتائي کي گهر وڃڻ جو موقعو نه ملي رهيو هو. طوفاني برسات ۾ رڪشا، بس ملڻ انتهائي مشڪل هو. سڦلتا بار بار فون پئي ڪيس ته هو مهل ۾ گهر نڪري وڃي. "مينهن بس ٿئي ته نڪران ٿو.." پتائي هن کي جواب ڏئي.

رضا وٽ هوندي هو سڦلتا سان فون تي نه ڳالهائي سگهي ها. ان لاءِ هوءَ پريشان هئي. هوءَ رهي نه سگهندي هئي. هڪ به رات هن جي مٿن ڳالهائڻ بنا ڪان سواءِ...

بارش به ڇٽي رهي هئي. اڄ نه وسان ته ڪڏهن وسان...!

ان لاءِ هو رضا وٽ ترسيل هو ۽ رضا به ان رضا ۾ راضي هو. هنن گڏجي ماني کاڌي هئي. بجلي هئي ته ٽي وي پئي ڏٺائون.. بجلي هلي وئي ته ٻئي آهلي پيا. اهو رضا جي گهر جو مٿين حصي جو هڪ ويڪرو ڪوٺو هو، جنهن ۾ هڪ ويڪري لوهي کٽ، جنهن تي هو ٻئي ستل هئا ۽ پيو پراڻو پلنگ پيل هو. جنهن تي ڪجهه سامان ٽيلهو، ڦٽي، ڪتاب، اخبارون ۽ پينون ٽڙيل پکڙيل هئا.

پتائي سڦلتا کي موبائيل پيغام اماڻي ڇڏيو ته منهنجي موبائيل جي بيٽري گهٽ آهي ۽ بجلي به نه آهي. مان مينهن سبب رضا وٽ رهي پيو هان. صبح جو بارش گهٽتي ته گهر هليو ويندس. توهان پريشان نه ٿجو. موبائيل بند ٿي وڃي ته آرام ڪجو. توهان جو پتائي..

رضا ۽ پتائي جي اکين ۾ ننڊ ئي نه هئي. ٻئي هر هر پاسا ورائيندا رهيا. ڪڏهن هڪ ٻئي ڏي منهن ڪري ته ڪڏهن پٺ ڏئي پئي ڳالهايائون.

ٻاهر بارش جو ڪڙڪيدار آواز هو، هنن جي من ۾ اٿندڙ، لڇندڙ، ٻهندڙ ۽ نهندڙ سوچن جا جبل ڦاٽي رهيا هئا.

هنن ڳالهائڻ شروع ڪيو..

پتائي پڇڻ واري انداز ۾.. "تنهنجو پيءُ ۽ پائر اتي تنهنجو رشتو ڪرائڻ ۾ راضي ناهن ڇا؟"

“راضي آهن، پر وچڻ لاءِ به اجا تيار نه ٿا ٿين. پيو ته هوءَ به چوي ٿي جڏهن مان چوان پوءِ موڪلجان.”

“سڀ ڀائر شاديون ڪندا سڪيا ٿيندا پيا وڃن، امان هجي ها ته مان ائين نه رولان ها. ڀاڄائين جي اڳيان محتاج... ڀائر ماني ٽڪر ڏين..”

“رضا! مون به جڏهن تنهنجي ماجدا سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي، توڙي مان هن سان نه مليو آهيان. پر هوءَ مون کي شوخ ۽ چالاڪ طبعيت لڳي هئي. روايتي ڇوڪري..”

چوڻ لڳي: “مون سڦلتا سان ملاقات نه ڪئي آهي. مون هُن کي جنم ڏينهن تي فون ڪئي هئي. هوءَ سٺي ڇوڪري لڳي هيم ۽ ها توهان جي معاملي ۾ تمام گهڻي سنجيدي آهي.”

مون اتي ئي ڪائنس سوال ڪيو هو.. “۽ توهان رضا جي معاملي ۾؟”

ته چپ ٿي ڳالهه کي گهمائي وئي ۽ چيو هئائين: “ مان هن کي چاهيان ٿي ۽ ڪيترو ۽ ڪئين اهو توهان کي ٻڌائڻ جي ضرورت نه اٿم.”

مان حيران ٿيو هوس، ان جي اهڙي روش تي...

“ماجي! منهنجي زندگي ۽ دل تي راڄ ڪري ٿي ۽ مون ۾ وسي ٿي، مان هن لاءِ ڪجهه به ڪري ويندس.” رضا چيو.

“ها هوءَ توتي گهڻو حاوي لڳي ٿي.”

“پيار ۾ ٿورو يا گهڻو حاوي هجڻ نه هوندو آهي، بس محبوب ته من ۾ وسي، زندگي پوري تي ڇانئجي ويندو آهي ڀٽائي.”

“پوءِ تون نوڪري ڇو ڇڏي؟” اتي اجا هڪ ٻئي کي ڏسي سگهندا هئا. ۽ موقعي تي ملي ڳالهائي به وٺندا هئا.”

“آخر اهڙو ڇا ٿيو هو؟”

“مون سان جيڪو ٿيو آهي، اهو درد ٻڌائيندم! ته توهان منهنجي انسلٽ سمجهندؤ بس!!” رضا ڀوري آواز ۾ چئي ويو جڻ لفظ نکري نه پئي سگهيس.

ڀٽائي جي من ۾ عجب سوال پيدا ٿي رهيا هئا، جيڪي هُو پڇڻ کان سواءِ رهي نه پئي سگهيو.

“ڀلا تون ماستري ڇو ڇڏي؟” ڀٽائي پڇيو.

رضا وراٽيو.. “آفس ۾ اسان جي پريت جو هُل هُلي ويو هو. هن چيو مان نوڪري نه ڪندس.”

پڇيومانس “ڇو؟”

چوڻ لڳي “منهنجي عزت خراب ٿي ٿئي، تنهنجي ڪري..”

“ات ئي چوڻ لڳي.. رضا تون منهنجي عزت خاطر نوڪري ڇڏي ڏئي. مان توسان فون تي رابطي ۾ هوندس ۽ ملندي به رهندم.”

“پوءِ؟؟” ڀٽائي پڇيس.

“پو مون توکي بہ ٻڌائڻ بنا نوڪري ڇڏي ڏني. جنهن کي اڃي ٻہ مهينا ٿيا آهن. بيڪار آهيان.” هن مايوس ٿي وراڻيو.

“ماجي چوي ٿي، اسان ڏارين ذات ۾ سڱ نہ ڏيون. تنهنجو منهنجو ميل نہ ٿيندو.”

ڪڏهن چوندي: “پنهنجي ڀاڄائي کي موڪل.” وري چوندي “نہ نہ ..” رضا جو سڏڪو نڪري ويو جنهن کي هو ڪيتري دير کان دٻائي ڳالهائي رهيو هو.

“رضا فرينچ ۾ چوڻي آهي: “توهان پنهنجي يقين سان پهاڙن کي بہ لوڏي سگهو ٿا.” هي تہ رشتيداري آهي. اگر سچائي ۽ محبت پنهي پاسن ڏانهن هوندي تہ ٿيندو.”

“تون هن کي سمجهاءِ. راضي ڪري سنجيدو ٿي اڳتي قدم وڌاءِ. ائين نہ ٿئي جو تون پاڻ کي هڪ طرفي محبت ۾ ٻاري ڇڏين. هڪ طرفو پيار اذيت ناڪ هوندو آهي. ان مان نڪري اچ يار!” پتائي نرمائي سان رضا کي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو..

ڪجهہ پل سناٽو ڇانئجي ويو.

رضا وهاڻي ۾ منهن وجهي ڇڏيو. پتائي سڌو ليٽي اونداهي ۾ ڇت ۾ ڏسڻ لڳو.

رضا اٿي در کوليو. اوچتو وڄ وراڪو ڪيو تہ نيري روشني اچي ڪمري ۾ ڪري، رضا جي منهن تي محبت جي نيراڻ سان ملي وئي.

هُو منهن اگهي.. سڏڪ ڪندي.. وري سوڙ ۾ گهري آيو. ٻاهر برسات وسڻ بند نہ ڪيو هو، ائين پتائي کي ننڊ وٺي وئي تہ رضا هن کي جاڳائڻ مناسب نہ ڄاتو..

****

## ڌڪ لڳو، ڏونگر ڀريو، پينر ڪاٽي پون،
## منان لاٿو مون سندو جئڻ آسرو. (شاهہ)

ان ڏينهن زندگي موجن جي موج ۾ مگن هئي. پتائي کو گانو ڳائيندو آفس جون ڏاڪڻيون چڙهندو، آفس اچي ويو. اتر جو آسمان صاف هو، ڪجهہ اڇا بادل هرويرون ڊوڙون پائي رهيا هئا. جهرڪين ۽ ڪبرين جي ٻولن سان ماحول ۾ موسيقي جو سمان هو. پر هن سان اهو ائين ٿيندو؟ هو ان کان بلڪل بہ بي سڌ هو.

هو آفيس ۾ هو تہ آفس جي ڪا ڇوڪري سندس اجازت وٺي اندر آئي.. “سر ڪا ڳالهہ چوڻي آهي اوهان کي؟”

“بابا راحيلا توهان بلڪل چئو ڇا ڳالهہ آهي؟”

“سر ميڊم رميسا مجيد، منهنجي موبائيل تان ڪاڏي ميسيج ڪيو زبردستي مون ڪيس گهڻو منع ڪيو ته بي..” راحيلا هبڪندي چئي وئي..

“بابا sms مون ڏانهن ڪيو هوندائين.” پتائي ڳالهه نتائيندي چيو.

“اوهان جو نمبر ته مون وٽ آهي. هي ته فون بوڪ ۾ آهي ئي نه...” هن پنهنجي موبائيل ۾ اهو پيغام کوليندي ڏيکاريو..

جنهن ۾ لکيل هو: “جان ڪلهه موبائيل ۾ چارجنگ نه هئي. سائين جن اٿيا آهن، نيرن ڪئي اٿو، پنهنجو ڌيان رکجو. تنهنجي رميسا...”

پتائي جو sms پڙهيو ته ائين ٿي پيو جيئن بجلي هلي ويندي آهي هو ڪنهن ڪٽيل تار جيان لڙڪي پيو. نڙي ۾ ڪنڊا ڦاسي پيس. حواس خطا ٿي ويس.

“راحيلا توهان وڃو.” هن پاڻ سنڀاليندي چيو ۽ ڪرسي تي ڪري پيو.

“هوءَ ته مون سان ڪلاوڙ پئي ڪري، اوهه مان عشق ۽ افيئر ۾ فرق ڪري نه سگهيس. آءُ پورڙو بڻجي هن جو هر ڪوڙ ۽ دوکي کي ائين تاريندو رهيس. منهنجي اعتماد ۽ ڀروسي سان ايڏي راند...”

هو متي کي هٿ ڏئي سوچيندو ۽ بار بار اهو ميسيج پڙهندو رهيو. کيس يقين نه اچي رهيو هو ته هي هن سان کهڙي ويل پئي وهي... هو ان کي اجا تائين تسليم نه پئي ڪري سگهيو.

“رميسا” هن طنز ۽ ڪاوڙ منجهان رميسا کي سڏيو..

“هي ڇاهي؟؟” هن موبائيل جي اسڪرين تي لکيل اهو ميسيج ڏيکاريو.

رميسا جيئن ئي راحيلا جو موبائيل ڏٺو.. هن باز وانگي حملو ڪري موبائيل ڦرڻ چاهي. سڄي ڦڪي ٿي وئي. ڪوڙائپ جي ڪري سندس رت بہ جسم جي ڪنهن ڪندن ۾ لڪي ظاهر ٿيڻ کان نابري واري بيهي رهيو هو.

هوءَ ڪنڌ نوايو بيٺي هئي. پتائي جي اکين ۾ رت جا ڳوڙها هئا.

“تون مون سان ائين ڇو ڪيو؟” پتائي سوال ڪيو.

خاموشي...

هوءَ چوري پڪڙجڻ تي بي چيني، وائڙائپ ۾ سنيڊل سان فرش کي ڪرڙڻ لڳي.

“مان هن کي چاهيندي آهيان.” رميسا ڳالهايو.

“هان!” پتائي بي ساهي جسم سان لڏندي رڙ ڪئي. هن کي بلڪل به هوش نه هو.. “آءُ ڇا آهيان پو؟”

“رميسا مجيد صاحبہ...! آءُ ڪير آهيان؟ مون کي سڃاڻو ٿا..؟”

هوءَ چپ بيٺي رهي.. جهڙي ديوار چين هجي.. هن ڪر ڪٽي ڳالهايو..

“هي منهنجي زندگي آهي، مان ڇا ۽ ڪيان؟ منهنجي مرضي آهي.” زوري پتائي کان موبائيل ڦرڻ جي ڪيائين.. هو حيرت ۾ رميسا کي ڏسندو رهيو، نہ ڏيڻ چاهيندي بہ موبائيل کي ڇڏي ڏنائين. رميسا sms ميساري، راحيلا کي گار ڏئي موبائيل ميز تي اڇلي.

“مان وجان ٿي، وري ڪڏهن نظر نہ ايندم توکي..” ائين چئي هوءَ آفيس مان نڪري وئي.

پتائي چؤماسي جي مينهن جيان وسي پيو. در ڏئي اڇي پروڙت ڪيائين... آفيس جون ديوارون بہ غمزده ٿي ويون. “ايڏي وڏي ويساهہ گهاتي..!!؟ منهنجي يقين ۽ محبت سان. هاڻي جيءَ ڪري ڇا ڪندس..” هن پاڻ کان سوال ڪيو. وري پاڻ ئي جواب ڏيڻ لڳو.. “جيڪو هو جنهن خاطر جيئڻ جا سپنا ڏٺم اهو تہ بي ايمان نڪتو.”

هوءَ پتائي کي ڊيسڊيمونا لڳي. ڪوڙي... فريبي..!!

وليم شيڪسپيئر جي ناٽڪ “اوٿيلو” جي هيروئن ڊيسڊيمونا، اوٿيلو کي دوکو ڏئي ان جي دوست سان تعلقات رکي ٿي. شڪ جي بنياد تي اوٿيلو، ڪيسيو کي ماري ڇڏي ٿو ۽ چيو: ڪيسيو جي هڪ جان هن جي انتقام لاءِ ٿوري آهي. ڪاش! ان جون چاليهہ هزار جانيون هجن ها. تہ انهن مان پنهنجي انتقام جي اڃ اجهايان ها.”

“سنڌ ۾ تہ ڇا پر اٽليءَ ۾ بہ غيرت جو قتل جائز سمجهيو ويندو آهي. مان هن کي ماري ڇڏيان، بعد ۾ پاڻ کي ...؟” هن سوچيو.

اهو ڏينهن هن جو آفيس ۾ گذريو سڏڪندي روئيندي.. پٽيندي.. رات جو هو گهر بہ نہ ويو.

****

“مون سان ايڏو خلم ڪري بہ هن اڃا تائين معافي تہ ڇا؟ رابطو بہ ناهي ڪيو...” پتائي ان تي پريشان هو. سڦلتا آفس ۾ اندر آئي تہ هو سوچن جي دنيا مان واپسي ڪري ڪرسي تي سهي ٿي ويٺو.

“توهان جي طبعيت ڪيئن آهي؟” سڦلتا پڇيو.

“آءُ بلڪل ٺيڪ آهيان.” پتائي روئڻ واري آواز کي سهي ڪندي عنابي اکيون جهڪائي جواب ڏنو.

سڦلتا مرڪ جي بجلي ڪرائي.. “ها..ها.. مون سان ڪوڙ ٿا ڳالهايو توهان..”

“توهان مون کي رميسا ۽ پنهنجي باري ۾ ٻڌايو نہ..؟!” سڦلتا ميار ڏيندي چيس.

“تون ڪڏهن پڇيو ئي نہ..” هن مرڪندي وراڻي ڏني.

اڄ اوچتو سڦلتا هن کي غور سان پهريون دفعو ڏٺو، هن کي لڳو پتائي هڪ شريف النفس انسان ۽ معصوم عاشق هو. مائيڪل اينجليو جي هٿن سان پٿرن مان گهڙيل خوبصورت مجسمي جهڙو..”

“مون کي نہ ٻڌائيندا؟”

ٻڌايان ٿو "رميسا مون سان پيار ڪندي آهي."

"هان!!!" هن آڱر چپن تي رکندي رڙ ڪئي. "وڏي ڪا وٺواند آهي."

"هوءَ ڪڏهن راڌا ٿي نٿي سگهي. هوءَ هر ڪنهن جي گوپي ٿيڻ پسند ڪندي آهي. گوپي..." ائين چئي.. سڦلتا کلي پئي.

۽ پتائي معصوم ٻارن جيان سندس اڳيان جهوري—روئي پيو هو. پتائي کي روئيندو ڏسي سڦلتا جي چهري جا پاو بدلجي ويا. جيئن ٿي پتائي رنو... تيئن هوءَ وئي وسامندي..

"توهان روؤ نه پليز.. خدا جي واسطي... پاڻ کي تڪليف نه ڏيو.. توهان ڪنهن جي لاءِ ٿا پاڻ کي ساڙيو.. جنهن وٽ انساني جذبا محض راند آهن." سڦلتا منٿون ڪيس.

منش ڪي ساٿ
نه صرف ان جي
وجود جي
پاڇي جوئي
نصيب ٿيندو آهي
باقي سڀ
هڪ ڀيانڪ
سپنو آهي...

پتائي جا ڳوڙها نه بند ٿيا پر سڏڪن تي سڦلتا سڙي رهي هئي. هوءَ هن کي ان ڏک مان ڪيئن ڪڍي هن کي سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو.

"ائين مٿي نه ڏسو، آسمان ۾ ڪوئي رهندو آهي ڇا؟ هن جهان ۾ هڪ اهائي ڇوڪري هئي ڇا؟ توهان بي چين نه ٿيو. ان کان وڌ ڪوئي اوهان کي ملي ويندو، اوهان بس چپ ڪيو ۽ ڏسو ان کي ملي ويندي اوهان کي.." سڦلتا چيو ته هو چپ ٿي اتان اٿي گهر هليو ويو.

***

ٻئي ڏينهن هو سخت بخار هجڻ ڪري، آفيس نہ وڃي سگهيو. سندس حالت انتهائي بدتر ٿيندي پئي وئي. سڦلتا آفس آئي. هن ڏٺو پتائي آفس ۾ نہ هو. پڇڻ تي ڪيس ٻڌايو ويو تہ ”پتائي صاحب سخت بيمار آهي.“

”هان!!“ سڦلتا جو هيانءُ ڇڏي پيو.

هوءَ شام جو پتائي جي گهر هلي آئي.

پتائي ڪوٺيءَ ۾ بلب بند ڪيو ستو پيو هو تہ هن اچي بلب ٻاريو. سڦلتا سان گڏ پتائي جي پيڻ بہ بيٺي هئي. سڦلتا جي هٿ ۾ ڦولي جوس هئا. هوءَ هن جي ويجهو آئي، پتائي کي هن جي بدن مان لوبان جي خوشبو آئي. سڦلتا سندس پيشاني تي هٿ رکيو.. رڙ ڪيائين.. ”ڇوري هن کي هيڏو بخار آهي ۽ توهان هن جي سار نہ لڌي آهي.“

پتائي جي پيڻ وائڙي ٿي ٻاهر هلي وئي. ٿوري جهٽ ۾ ڊاڪٽر اچي ويو. جنهن پتائي کي دوائون ڏنيون ۽ ٿيلهي هنئي. سڦلتا پرسان ويٺي رهي.. پتائي هُن ڏانهن زرد مرڪ سان ڏٺو.

”تون ان ڇوڪري ڪري ڇو پاڻ کي ڳاري رهيو آهين، ان جو ڪو هڪ نہ آهي. اهو سمجهي ڇو نہ ٿو.“ سڦلتا پنهنجائپ مان سختي ۾ چيس.

پتائي سڦلتا کي ڏسي رهيو هو تہ ٻہ گرم ڳوڙها اکين مان وهي پيس. جيڪي سڦلتا تڪڙ ۾ اگهي وتس. ”هاڻي توهان نہ مڙندا نہ؟“

”هن نفسياتي معاملن کي پيار جو نالو ڏئي مون کي تباهہ ڪري ڇڏيو. اوئين بہ محبت کي عشق، پريم ۽ پيار جو مهذب نالو ڏنو ويو آهي. محبت مڪمل نفسياتي معاملو آهي.“ پتائي آهستي چيو.

”مان توهان کي رميسا بابت ٻڌائيندم، توهان جلدي نيڪ ٿي وڃو.“ سڦلتا جهڙوڪ آٿت ڏيندي دلاسو بہ ڏنس.

”مون کي هاڻي ڏسيو سچي حقيقت ..“ پتائي تڙپندي چيس.

”توهان جنهن لاءِ مرو ٿا، اها ڪنهن لاءِ بہ نہ مرندي آهي، هوءَ صرف احساسن جا جنازا ڪيندي آهي. هن جا ڳوڙها ڳوهہ جا ڳوڙها آهن. رميسا پهريان ادا فريد سان پيار جو ناٽڪ ڪيو، جيڪو اسان جو مائٽ آهي. هاڻي ادا فريد چريو ٿي چڪو آهي. ڪوئي بہ نہ ڄاڻي هن جي پاڳل پڻي جي وجهہ ڪهڙي هئي.. پر مان ڄاڻان ٿي. جتي رميسا هوندي آهي هو ان جي پرسان اچي ويهي رهندو آهي.“

”ادا فريد مان پيٽ نہ پريس تہ راجيو کي بي وقوف ڪري ورتائين. اهو بہ هاڻي خوش آهي تہ هن سان رميسا پيار ڪري ٿي. سو بہ سچو پيار... پيار ويار ڇا جو؟ هوءَ بس انجواءِ ڪندي آهي. راجيو ويچارو توهان وانگر رميسا تي انڌو اعتبار ڪندو هو پر ان کي بہ ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيائين. راجيو

چريو تہ نہ ٿيو پر هن کي سمجهي ضرور ويو. پر هن کي ئي، هن جي ضرورت نہ رهي تہ ان کي بہ ڦٽي ڪري ڇڏيائين."

پوءِ هن جي زندگي ۾ آيو شادي شده زوهيب، جيڪو بہ هن جي حسن تي هر ڪ هاري ٻيهي رهيو ۽ ارڪو ترڪو سڀ هن تي واري رهيو آهي."

"توهان کي خبر آهي، اهو جيڪو ميسج ڪيو هئائين، اهو زوهيب ڏانهن ڪيو هئائين. رميسا جو زوهيب سان گڏريل پڻ سالن کان تعلق آهن. هو ڪيس ڪاليج ۾ بہ روز ملڻ ايندو هو."

"زوهيب سان واسطو هوندي، توهان سان ناٽڪ ڪري رهي آهي. توهان ڪيڏا ڀورڙا آهيو، ان کي پرکي نہ سگهيا." پاڻ کي سنڀالي ان تيرنهن تالي ڇوڪري جي چڪر مان نڪري اچو."

"پائو وحيد جي توهان کي سڌ هوندي." چوندي تہ ان کي پائو آهي پر هر وقت ان کي اهو ظاهر ڪندي آهي تہ هوءَ ان تي وڏي اڪن ڇڪن آهي."

"بس سقلتا بس.. مون کي وڌيڪ نہ ٻڌڻو آهي. هوءَ ائين هوندي، مون تہ ڪڏهن نہ سوچيو." پتائي بيزاري مان چيو.

"۽ ها سر هو جيڪو ساجد جنهن توهان جي نمبر تي فون ڪئي هئي، جڏهن ڳوٺ شادي تي وئي تہ ان سان نيڻ ملائڻ ۾ دير ئي نہ ڪيائين. ان کي بہ پنهنجي پر ۾ اهو جتايائين تہ ڪيس هن سان وڏو پيار اٿس."

هاها.. هن تہ پيار کي مشڪري ڪري رڳيو آهي." روز ٿي نئون پيار ڪري.."

پتائي اوچنگارن ۾ پئجي ويو. هوءَ اٿي بيٺي، پتائي جي حالت ڪانئس ڏٺي نہ وئي ۽ چيائين: "مان وڃان ٿي توهان پريشان نہ ٿيو. توهان سڀاڻي تائين ٺيڪ ٿي ويندا ۽ توهان کي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو." هوءَ پنيرو پتائي کي ڏسندي هلي وئي.

ڪجهہ دير بعد پتائي جي موبائل جي ميسيج گهنٽي وڳي..

هن فون کڻي ڏٺي.. سقلتا جو ميسيج هو:

**"پيارا پتائي! مون اوهان جي صحت جي لاءِ ڏيئو روشن ڪري رکيو آهي ۽ اوهان جلد ٺيڪ ٿي ويندا. بلڪل بہ پريشان نہ ٿيو." اوهان جي سقلتا.**

پتائي پيغام پڙهيو تہ اکيون پرجي آيس ۽ بہ ڳوڙها وهي پيس. ان کان پوءِ سقلتا پتائي کي ڪوڙ ساترا لطيفا موڪليندي رهي هو مسڪرائيندو ۽ روئيندو رهيو.

"تون ڪيڏي سٺي آهين سقلتا" هن کي لڳو هو رميسا جي بجاءِ سقلتا جي چونڊ ڪري ها، پر لڳي کي ڪير ٿو روڪي سگهي. ائين سوچيندي پتائي کي ننڊ اچي وئي.

***

ڀيتائي جمعي تي گرفتار ڪيو ويو هو. ان لاءِ ٻه ڏينهن پورا ڳُھٽ ۾ ٻوسٽ ۾ هيانءُ ڪچو ڪندڙ ڏيپ واري لاڪپ ۾ سڙٽو هو. ڇنڇر آچر موڪل ڪورٽ بند هئي. مٿس ڪيس چالان ٿي چڪو هو. غنڊه گردي ۾ 13-D جو ڪيس هنيو ويو هو. سومر تي ڪيس ڪورٽ ۾ پيش ڪندا. هو سوچي رهيو هو پر ان ڪان اڳ پوليس جيڪا حالت ڪئي هيس. اها ته هو پاڻ به نه پئي ڏسي سگهيو.

"هاڻي ڇا ٿيندو؟ آءُ خبر ناهي ڪيترا سال ڪاٽ ۾ پيو هوندس، سڦلتا جي شادي ٿي ويندي. هوءَ مون کي وساري ڇڏيندي. سڀ ڪجھ ڇڏائجي ويندو، جيل مان ايتري ڊگهي جدائي کان پوءِ واري زندگي ڪئين گذاريندس." سوچن سان گڏ اکين مان ڳوڙها به ٽمي رهيا هوس.

آچر واري رات جاچ آفسر لاڪپ جي شيخن ڪان ٻيهي سڏيو هيس: "ڀيتائي ڪير آهي؟"

مئل نگاهن سان جاچ آفيسر کي ڏسي چيائين: "آءُ آهيان سائين."

"اورتي اچ بابا، ڪجھ پڇڻو آهي." آفيسر چيس.

ٻي ساهو پاڻ گهليندو اچي شيخن کي هٿ وجهي ٻيهي رهيو. "مون کي اوهان جي ڪيس تي جاچ آفسر مقرر ڪيو ويو آهي."

"اوھ! ڪيس داخل ٿي ويو ڇا؟" هن مايوسيءَ مان چيو.

"ها بابا توهان ڏسڻ مان ته صفا به اهڙا نٿا لڳو. جيڪو ڪيس ۾ آهي، ڇا ماجرا هئي؟ مون کي ٻڌايو." آفسر همدردي وچان چيو.

"سر فيڪٽري جو مالڪ هرويرون اسان جي قوم کي گھٽ وڌ ڳالهائي گند اڇلائي رهيو هو مون صرف ان کي منع ڪيو ته هن ڪچيون گاريون ڏنيون، مون به موٽ ۾ ڏنيون ۽ وڙهي پياسين. هاڻي هن هي ڪيس ڪرائي ڇڏيو.."

"پرواھ نه ڪيو! توهان سان وڙهيا ته نه آهن نه؟؟"

"تمام گهڻو.. حالت ڏسو پيا.."

"مان جهليان ٿو. هاڻي توکي هٿ نه لائيندا." جاچ آفسر ائين چئي هليو ويو.

ڀيتائي ڇڳل تڏي تي اچي پيو. پوري ڪمري ۾ ماڪوڙا، ڪوليون ۽ ٻيا جيت گهمي رهيا هئا. رات ٿي چڪي هئي. لاڪپ جو ڳاڙهو بلب به بند ٿي ويو. لاڪپ ۾ ڀيتائي ۽ هڪ هيروني بند هئا. اونداھ ۾ هيروني جي سگريٽ جي ڦلي جو ٽانڊو پئي چمڪيو. دونهي کان سخت نفرت هوندي به هيروني کي ڪجھ چئي نه سگهيو. روشن دان مان ٻاهرين روشني اندر اچي رهي هئي. هن جي دماغ ۾ آنڌ مانڌ هئي. جسم ۾ پٽ ڊوھ ۾ خارش به ٿي پئي هيس. ٻن ڏينهن کان وهنتو جو نه هو.

هن کي سڦلتا ياد اچڻ لڳي. "ڪئين هُو هن جا زوري چپ چمندو هئس ته هوءَ ڪاوڙجي پوندي هيس ۽ چوندي: "چريا ساھ ٿو منجهي."

۾ پٺائي وري چرين وانگر سندس چپن کي چنبڙي ويندو هو. جيئن ٻار انب جي قاڙ چوسيندو آهي.”

هيروني جي ڪنگڻ تي هو سوچن جي تسلسل ٽٽڻ ڪري خيالن مان نڪري اچي ٿو. پٺائي کي اِهو احساس ٿي رهيو هو ته هو اڪيلو نه هو اتي، ڪوئي ٻيو انسان به ساڻس گڏ هو.

“ڪاش مان نه وڙهان ها! سيٺ خبر ناهي ڪهڙو حشر ڪرائيندم. سڦلتا!!؟” سڦلتا جو خيال ايندي ئي سوچون وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي ويس.

“هاڻي سڦلتا کي ڪڏهن ڏسندس. هوءَ منهنجي موبائيل تي پيغام ۾ ڪال ڪندي هوندي. رات جو ته هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کان سواءِ نه رهي سهندا هئاسين. مون کي جذباتي ٿيڻ نه کپندو هو، درگذر ڪيان هان ته اڄ هي حالت نه ٿيم ها.” ائين سوچيندي من وگهرڻ لڳس.

وري معصوم ياد آيس...

“معصوم ئي ته منهنجي ngo واري نوڪري ڇڏائي هئي. مون کي منهنجي گهر کان ڌار ڪيو. آءُ ڪيڏو اياڻو هئم. جو هن جي هڪ چوڻ تي سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنم، هتي جديد جانورن جي شهرن ۾ اچي نڪتو آهيان. هي شهر اسان جو ڪٿ رهيو آهي؟ وري پٺائي کي شهر ۾ ديس جي الڪي وڪوڙي وڌو. جيڪر هي شهر مڪمل اسان جو هجي ها ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي ها.. نوڪرين آمدرفت، هوٽلن، هٽن هر ڪاروبار تي ڌارين پنهنجو ڌاڪو ڄمائي ڇڏيو آهي. معصوم مون سان بيوفائي نه ڪري ها ته هئين منهنجو حشر نشر ٿئي ها.”

رات جو 2 بجي جمعدار هڪ موبائيل چور کي پڪڙي آيا. جنهن جي ڪانچ لاهي مٿس سچو پٽرن جي پرمار لائي ڏني. خوف ۾ حراس ۾ پٺائي جي دل جو دهڪو وڌي ويو ۾ هن جو خاص عضوو سسي ڪنهن رپئي واري ٽافي جيترو ٿي ويو. ڇو جو هاڻي وجود ۾ ساهه نه هوس وڌيڪ مار کائڻ جو. ٻشني جون ريهون ڪيهون ۾ پوليس وارن ڪاڪن جي ٺهڪڙن جي واڄن سان سڄو ٿاڻو وڄي رهيو هو. پٺائي ويو پئي ڊپ ۾ سوڙهو ٿيندو.

رميسا ڪوهيري جي ڏند ۾ ڪٽ وجائجي وئي هئي. پٺائي جي زندگي هاڻ سڦلتا هئي. جنهن ڪيس نئون جنم ڏئي پنهنجو پورو جنم ارپي ڇڏيو هو.

پٺائي اها ngo واري نوڪري ڇڏي ڏني هئي. جت رميسا هن کي رت جا ڳوڙها واهيا هئا. هن جلدي اتان استعيفا ڏئي اهو شهر ئي ڇڏيو هو.

هاڻي ڪراچي جي موٽرن جي دونهين ۾ اچي ويو هو. هن کي هڪ ڪپڙي جي فڪٽري ۾ سپروائيزري ملي هئي. رميسا کي هو اجا پوري طرح نه ڪڍي سگهيو هو پنهنجي دنيا مان... رميسا سان هن جو درد جو رشتو جڙي ويو هو. هوءَ هڪ اهڙو سور ڏئي وئي هوس. جنهن کي مڪمل ختم ڪرڻ پٺائي جي هٿ وس نه هو.

شاهه چيو آهي، ڏکن سکن جي سونهن. جيئن فيض چيو آهي سور جو رشتو وڏو آهي. استيڪل چيو آهي: صحت مند اهو آهي جيڪو پنهنجي ماضي تي فتح حاصل ڪري ٿو.
پتائي پنهنجي ماضي ڪي فتح ڪرڻ لاءِ دونهي جي شهر ۾ هليو آيو هو. جت ڳالهيون ٿي نه سگهنديون آهن. صرف فرض ڪيون وينديون آهن، هن شهر جو محبتون سپوزيشن هونديون آهن.
شهري ماڻهن کان ته فطرت سان رهڻ وارا ماڻهو بهتر آهن. انهن جا جذبا فطري هوندا آهن ۽ انهن جو اظهار به فطري هوندو آهي. سندن طبعيت ۾ فطرتي رنگ شامل هوندا آهن. فطرت سان مشابهت رکندڙ سڦلتا ڪي هو ڳوٺ ۾ ڇڏي هت روزگار لاءِ آيو هو.
روز فڪٽري ويندو هو. شام جو دير سان گهر موٽندو سڦلتا هرپل موبائيل تي پيغام موڪلي خيريت معلوم ڪري، پيار ڏيندي رهندي. هن ڪي اهو به ياد نه رهندو ته هو روز اڻ ڳڻيا پيغام اماڻيندي رهندي هئي.

ان ڏينهن ڏاڍو خوشگوار صبوح هو. ساگر جي ڪناري اڏيل شهر تي آسمان ۾ ڪڪر ڪارن وانگر ڊوڙي رهيا هئا ۽ هارونن جي آوازن وانگر مينهن ڪٽيون وسي رهيون هون. پتائي ڪي آفس پهچندي پهچندي ڪافي دير ٿي وئي هئي.
فيڪٽري ۾ گهڻائي ڊارين جي هوندي هئي. پتائي اصل رهاڪو هو جيڪو سپروائزري جي عهدي تي هو. مئنيجر پنجابي ۽ پٺاڻن جي اڪثريت هئي. هو پنهنجو ڪم سچائي ۽ اورچائي سان نڀائيندو هو. جئين ئي هو پهتو ته سيٺ فرقان ڪيس آفيس ۾ سڏايو..
"توهان سنڌي ايڏا ڪم چور ڇو آهيو؟" سيٺ دڀائيندي چيس.
پتائي پڇا ڪئي.. "سر ڇا ٿيو آهي؟"
"سڀ سنڌي حرام خور، نمڪ حرام، نڪما ۽ سست هوندا آهيو، توهان ڪي شرم حيا ناهي." سيٺ گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيو.
"پر... پتائي ڳالهائڻ جي ڪئي.."
"توهان ۾ غيرت نه آهي. توهان وڃي گڏهه اٺ هڪليو.. چڱائي ته توهان سان ڪڌهن نه ڪجي."
"بس..!" پتائي رڙ ڪئي. "توڪي ڪو حق نه آهي ته تون سين ڪي گڏي ڳالهاءِ ۽ پوري قوم تي گند اڇلاءِ. مون ڪي منهنجو قصور ٻڌايو وڃي. مان تنهنجو ملازم آهيان مون ڪي ڳالهاءِ. قوم ڪي نه ڳالهاءِ." پتائي جو پارو چڙهي ويو.
سيٺ ڪرسي تان اٿي بيٺو.. "ڇا ڪندين؟ ... ماءُ جا... پيٺ ڪي..." هن جي گول تارن ۾ رت پيرجي آيو هو.

پتائي ٽپي ٻاهر ٿي ويو. هُن بدحواسي ۾ ويٽ پيپر ڪٽي سيٺ کي وهائي ڪڍيو. جيڪو هن کي اک جي هيٺيان لڳو. سيٺ ڪڇيون گاريون بڪڻ شروع ڪيون. تيز آوازن ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو. اک جي هيٺيان ڳٽي جو چپڙ چيرجي ويس. رت ڪپڙن تي وهي وڏا نشان ناهي ڇڏيا.

پتائي تيش ۾ اچي ويو. سڄي آفس جو سامان ڪٽي سيٺ کي چوٽڻ لڳو. جلدي ۾ آفيس جي حالت اجڙيل شهر جهڙي ٿي پئي. چوڪيدار، گارڊ ۽ پنجابي مينيجر اندر آيا. پتائي کي گارڊن سوگهو ورتو. سيٺ ۽ پنجابي مئنيجر هن کي زوردار ٺڏڙ هنيا. پوليس جهٽ ۾ آئي. جيڪا ڪتيندي پتائي کي ڪٽي هلي وئي.

پنجابي مئنيجر مسڪرائي رهيو هو. سيٺ وڏي پوليس عملدار کي پنهنجا ڏک ڏيکاريا. جيڪو هن جو ويجهو دوست بہ هو. پورا ٽي ڏينهن پتائي گلوب ٽائون ٿاڻي جي لاڪپ ۾ بند رهيو. لاڪپ ۾ هڪ هيروئني اڳ ۾ ئي بند هو. چوڏاري سگريٽن جا ٽوٽا ۽ ڪوڪا ڦهليل هئا. پئخاني کي در اڌ پڳل لڳل هو. پوري ڪمري ۾ ڪاڪوس جي بوءِ جو واسو هو. سو وولٽ جو ڳاڙهو بلب ڏم ڀري رهيو هو. پکو نہ هو. گرمي گهٽ ۽ موتمار بدبو.. مٿان پوليس جي مار تي پتائي بي ساهہ پيل هو ڪنهن اجائي سامان جيان...

***

سومر جي ڏينهن پتائي کي اوسيئڙو هو تہ ڪيس لاڪپ مان ڪڍي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو. "پوليس جيڪڏهن ڪورٽ کان رمانڊ ورتو تہ ڇا ٿيندو؟ مون ۾ ست ئي نہ آهي مار کائڻ جو."

هو ائين سوچي رهيو هو تہ هن لاڪپ مان پنهنجي پيءُ کي منشي جي ڪمري ۾ ويندي ڏٺو. هن رڙ ڪرڻ چاهي، پر آواز نہ نڪتس. همت ڪري رڙ ڪيائين.. "پائو.."

سندس پيءُ لاڪپ جي سلاخن کان اچي بيٺو تہ پتائي هن جي هٿ تي هٿ رکي ڪافي دير تائين هن کي ڏسندو رهيو ۽ سڏڪن کي ڳيت ڏئي پئي چڏيائين.

پاٽس.. سامان سان پريل ٿيلهي ڏنس، جنهن ۾ پارٽي بسڪوٽ، ڪولگيٽ ڏندن صاف ڪرڻ جي دوا، ڏندڻ، سرهو صابڻ لڪس ۽ چانهہ گرم گرم هئي.

هن جي پيءُ جي اکين ۾ حيرت هئي. هن کي يقين نہ ٿي آيو تہ هن جو معصوم پيءُ پتائي لاڪپ ۾ آهي. هن کان بس ايترو اڪليو. "هي وٺو سامان، چانهہ پيئي، برش ڪري تيار ٿي وٺو. هي توکي ڪورٽ وٺي ايندا. پاڻ وري ڪورٽ ۾ ملون ٿا." اهيو چئي هو هليو ويو.

پتائي ٽن ڏينهن بعد سرهي صابڻ جي خوشبو سان وڏا وڏا ساهہ کڻي هٿ منهن ڌوتو. ڏندڻ ڏنو. هيڏن ڏينهن بعد پتائي کي سٺي چانهہ ۽ بسڪوٽ کائڻ لاءِ مليا. هن کي ڪجهہ هلڪو محسوس ٿيڻ لڳو. پتائي هيروئني کي بہ چانهہ پياري. بچيل صابڻ، ڏندڻ ۽ دوا سڀ ان کي ڏئي ڇڏيائين. لاڪپ جو در کليو ۽ هن کي هٿڪڙيون هنيون ويون. هن من ئي من ۾ سوچيو:

"اوهہ... اڄ اهو موڙ بہ اچي ويو زندگي ۾..." هن جون اکيون پرجي آيون ۽ سڏڪن کي وري بہ ڳيت ڏئي ڇڏيائين.

ٽاٽي ٻاهر ايندي ئي هن آسمان ۾ ڏٺو. وقت ڄڻ گذريو ئي نہ هو. آسمان ۾ ڪڪر-ڪارونيار ڪيون بيٺا هئا. پر هن کي اهو احساس شدت سان ڪائي رهيو هو تہ هُو هاڻي ملزم آهي. خبرناهي هي آسمان جيڪو بہ هن کي قيدي لڳو، آزاد فضا هن لاءِ هڪ خواب بڻجي پئي.. هو هٿڪڙيون کڙڪائيندو، پوليس جي گاڏي ۾ چڙهي ويٺو. ڪاپي ۽ ساڄي پاسي بہ سپاهي سوگهو ڪري ويٺا. ٻاهر مينهن ڪٽيون پنهنجي مستي ۽ خوشي جو سڏ ڏي ئي رهيون هون ۽ سڏ جي موٽ ۾ سڀ پڪي فضا ۾، ماٺهو ڏامر جي روڊن ۽ سيمينٽ جي سرن جي رستن تي سرمست نظر اچي رهيا هئا.

پتائي جي من ۾ هو تہ پاٽس ڪيس ڪورٽ ۾ آزاد ڪرائي وٺندو. ان اميد تي هو پوري وات پنهنجي هٿڪڙي تي آيت الڪرسي شوڪاريندو آيو تہ اها هٿڪڙي وري هن کي جيئڻ نہ ڀڏي وچي ۽ اها ٽٽي پوي.

ڪورٽ پهچڻ شرط هن جي دل جي ڌڪ ڌڪ جا ڌڪ تيز ٿيندا ويا. هن ڏٺو تہ اڳ ۾ ئي هن جا عزيز ۽ ڪجهہ دوست ڪورٽ ۾ موجود هئا. هن جي چهري جي ڪل تي پيلاڻ ڦهلجي وئي.

هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪورٽ ڪچهري نه ڏٺي نه ٻڌي هئي. عجب مونجهه جو سايو مٿس ڇائي ويو هو. ڪورٽ جي فيصلن ۽ ڪيسن بابت ڪهاڻين، ناول ۽ جيل ڊائرين ۾ پڙهيو ضرور هئائين. پتائي جي من ۾ ڪورٽ بابت هڪ خيال اڀري آيو:

ڪورٽ ـــــ ڪ سان ڪانءُ ڪانءُ ڪندو وت!

و... سان ور وڪڙ ۽ وڪڙ ئي وڪڙ!

ر ـــــ سان رُل ۽ رولُ!

ٽ ـــــ آخر ۾ ٽ.. ٽ.. معنيٰ ٽانءُ ٽانءُ ڦش!!

هن جو وڪيل سليم هئو. جيڪو پير پاڳاري جو مريد هو. پاڳاري وانگر سندس شهپر ۽ ڏاڙهي سان هن جي شخصيت ڏاڍي پرُڪشش ٿي لڳي. ڪورٽ ۾ جج اڳيان پيش ڪرڻ ڪان پوءِ جج پتائي ڪي رمانڊ تي موڪلڻ بجاءِ لانڍي جيل موڪلي ڇڏيو. هن جو هيانءُ مڇي جي ڪلي جيان ڦسي پيو.

هن پاڻ کي هڪ نئين امتحان لاءِ تيار ڪري ورتو. جيل جنهن بابت هن ٻڌو هو ۽ پڙهيو هو. اڄ سندس اوڏانهن اڏام هئي. سٽي ڪورٽ ڪان لانڍي جيل تائين جي سفر ۾ هو بي سڌ گاڏي ۾ پيو رهيو. ان ڪان اڳ ۾ پتائي کي ٻن، ٽين مختلف ٿاڻن تي به پوليس وٺي وئي، جتي سندس فوٽو ڪڍي ڪيس ڪمپيوٽرائزڊ ڪيو ويو.

جيل جون تمام وڏيون ديوارون... هي شهر جيڏو وڏو هو ديوارون به اوڏيون هون. پر ان ديوارن اندر ڪو عزيز اوڏو نه هوندو. جيل جي جبل جيڏين پٿين ڪي ڳاڙهو رنگ ڏنل هو ۽ وڏو دروازو هو.

***

عجب شڪلين وارا پوليس عملدار... جيل جي وڏي اندرين دروازي ڪان قيدين کي اوڪوڙو ويهاريو ويو هو. هڪ پنجابي جمعدار انهن جي سخت جهڙتي وٺي رهيو هو. ان ۾ هو انهن جي پوري جسم کي ڇاڇولي شلوار ڪميز به لهرائي، ابداٽي مان اڳٽ به ڪولائي چڪاس ڪري رهيو هو.

پتائي اهو ڏنو ته منهن لهي ويس. هن کي جيل ۾ داخل ٿيڻ تي هٿ جي تري تي ٺپو هنيو ويو. پائو جي ڏيٽ وائٽ تي پتائي سڀ مرحلا جيل جا آرام سان اڪري جيل جو پيو وڏو دروازو ٽپي، ڪاٺ ۾ قابو ٿي چڪو هو. پائو ۽ هن هڪ ٻئي کي ويڳاٽپ مان آخري پيرو ڏنو.

جيل جي اندر هڪ الڳ نئون جهان هو. خوليون ٿهيل هون. قيدي اچ وڃ ڪري رهيا هئا. ڪي وڻن کي پاڻي ڏئي رهيا هئا. ڪن کي هٿن ۾ ٻهارا هئا. ڪي ڇٽڪار ڪري رهيا ها. ڪجهه پوچي ۾ لڳل ها. گار ڏيڻ عام ٿي لڳي، جهڙوڪ ڪو قانون يا ثواب جو ڪم هجي.

هن ڏنو جمعدار ڳالهه ڳالهه تان قيدين کي پٽي گاريون ٿي ڏنيون. گهڻي قدر قيدي خوش نظر پئي آيا. شايد هنن هتي رهڻ سکي ورتو هو. پتائي مئل نگاهن سان ڳورا قدم پئي کنيا. پائو جي سفارش سان

هن کي شام تائين بسترو ملي ويو ۽ هانڊي وال بہ... هو جنهن بئرڪ ۾ هو. ان ۾ ٽي وهنجڻ جا ڪمرا ها. اٽڪل 250 قيدي بئرڪ ۾ واڙيل هئا. بئرڪ ۾ ڪل ڇهہ پکا لڳ هئا. جيڪي نہ جي برابر هئا. پتائي وهنجي پنهنجي بستري تي پئجي رهيو.

"خبرناهي ڪيترو وقت هن دنيا ۾ هوندس." هو سوچي رهيو هو.

پوري بئرڪ چچ مچ آوازن سان وڃي رهي هئي، هن کي گهٽو مٿي ۾ سور هو. صديق. امير بخش، نجيب ۽ ٻيا هانڊي وال هيس. سيئي قيدي جن جا بسترا هن جي پير ۾ هئا. اهي پڇي رهيا هئا.

"ڪهڙي ڪيس ۾ آيا آهيو؟"

".......

"13-D ۽ سنڌي هجڻ جي ڏوهہ ۾." پتائي مختصر جواب ڏنو. هن کي اڌ مٿي جو سور هو.

ڪارا رڌ، پناڻ پورا، سنڌي شهپرن ۽ ٻچين ڏاڙهين سان، هيروئني، چرسي، ڏوهاري، قاتل، ڦورو، خوني، ويڙها سڀن قيدين جي ڏِک ڏاڍي پيانڪ هئي. ڪي مچ ڪتو، ڪي ملان، بندرا، ڏِگها، راڙي، مشڪي، پوڙها، جوان، ڇوڪرا، نوجوان ڪو اهڙو نمونو نہ هو، جيڪو ان بئرڪ ۾ نہ هو. سڀ جا سڀ منهن ۾ خوفناڪ پانسجي رهيا هئا. پتائي کي ڏسي اچرج ۾ ٿي پيا تہ "هي جهيڙي جي ڪيس ۾ جيل ۾ پيو آهي."

جيل ۾ ڪل 19 بئرڪون هون. اسپتال ۽ بند وارڊ الڳ هئا. جيڪو قيدي ٿي هن جي بستر تي آيو، هن کي جيل جي ماحول، جهيڙن، ظلمن ۽ زيادتين جو داستان ٻڌائيندو هليو. هو چپ جهڙو گونگو، ٻاالهائڻ تہ صفا وسري ويو هوس.

سج لٿي جي آذان مهل بئرڪ ۾ قيدين ۾ ٽرٽلو مچي ويو، سڀ قيدي اوڪڙو قطار ۾ ويهي رهيا. هن کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ائين ڇو؟ پر جڏهن جمعدار قيدين جي ڳڻپ ڪري هليو ويو تہ هو سڀ سمجهي ويو. اوڪڙو ويهندي ڪيس تذليل محسوس ٿي رهي هئي، ائين ڪرڻ سندس لاچاري هئي. صديق ماني ناهي کڻي آيو. "مرشد اٿو ماني ڪائو.؟"

"ماني جي بک ناهي، توهان مون کي مرشد ڇو چيو؟"

"توهان جو نالو پتائي آهي نہ ان لاءِ.." صديق مسڪرائيندي چيو. موٽ ۾ پتائي بہ مسڪرايو. پتائي جي اڳيان ماني پئي هئي.

ٽن ڏينهن کان هُن ماني نہ کاڌي هئي. ان باوجود بہ هن کي ماني جي خوشبو بہ محسوس نہ ٿي رهي هئي.

صديق جي ايلاز منٿن تي بہ پتائي ماني جو هڪ گرهہ نہ کاڌو. ها صديق کي چيائين: "جوس کولي ڏي، مان اهو پيئندس."

ڀِتائي ڀت کي ٽيڪ ڏئي جوس پيئڻ لڳو. صديق ۽ ٻيا ماني ۾ لڳي ويا ۽ پاڻ ۾ ڏوهن ۽ جيل جي ماحول بابت ڳالهيون به ڪرڻ لڳا.

امير بخش: "ڀِتائي کي پئٽر بسترو مفت ڏئي ويو. هونئن ته حرامي سنگل بستري جا 500سؤ ۽ وڏي جا 1000 رپيا وٺندو آهي. هڪ ٽڪو رعايت ناهي ڪندو."

صديق چيو "ڀِتائي ڏوهاري نه آهي ۽ هن سان ظلم ٿيو آهي پر لڳي ٿو وڏي پهچ ۽ سفارش وارو آهي."

بئرڪ ۾ اندر وڏن ڏوهارين ۽ سفارشين کي ٽي وي به هئي. ڀِتائي جي بستر پرسان هڪ پٺاڻ هو جنهن جي ٽي وي هوندي هئي. ڀِتائي کي ننڊ نه ايندي هئي. ڇو ته پٺاڻ ٽي وي جو آواز گهٽڻو وڌائي ڇڏيندو هو ڪير چوڻ وارو نه هو. پشتو گانا پيا هلندا هئا. ٻيا شايد ان ڳالهه تي هيري ويا هئا. ڀِتائي جون اکيون ڇت ۾ کتل هيون ۽ رات جي پوئين پهر ڪيس ننڊ آئي.

****

صبح جو سوير ملان آذان ئي نه ڏني ته قيدين جي ڳڻپ شروع ٿي وئي. سڀ اوڪڙو قطار ۾ ٿي ويهي رهيا. جمعدار آيو ڳڻي هليو ويو. ڳڻپ وقت هو جيڪي قيدي ٿورا به ٽيڙا يا ٿورو هيڏي هوڏي ٿي وينا انهن کي ڇهبڪ هڻندو ٿي ويو. ڀِتائي جون اکيون نه ٿي کليون هو وري سمهي پيو ته 9بجي اٿيو.

صديق چيس "صاحب مان توهان جي انتظار ۾ آهيان."

ڀِتائي بئرڪ جو در کليل ڏٺو. غسل خاني تي قيدين جي لٺ پئي لڳي. هر ڪو اڳ ۾ وهنجڻ جي چڪر ۾ هو.

"صبح جو 9 کان 12 تائين خولي کليل هوندي آهي. سڀني قيدين جي لاءِ." صديق ٻڌائيس

"اٿي ته ٻاهر هلي ٿا تڙ ڪيون." ٻئي ٻاهر نڪري آيا.

وڏو جهان هو. قيدي لٽا ڌوئڻ، وهنجڻ، حاجتون پوري ڪرڻ ۾ رُڌل هئا. ڪي قيدي ٻوٽا ڪٽي انهن کي سنواري رهيا هئا. ڀِتائي ۽ صديق پئخانن جي قطار وٽ اچي بيٺا. انهن کي تالا لڳل هئا. انهن سان گڏ باٿ روم به ها. ڀِتائي حيران ٿي پڇيو "هي تالا ڇو؟؟"

"ليٽرين گورنمينٽ(جيل انتظاميه) جي خاص ماڻهن جا تالا لڳل هوندا آهن. جن ۾ صرف اهي ئي وهنجي ڪاڪوس ڪري سگهن ٿا. ٻين عام قيدين کي ڪو به حق نه آهي." صديق چيو.

"جيل ۾ سياسي قيدين لاءِ الڳ خوليون آهن پر اهي به پئسي وارن قيدين کي لک ٻن لکن ۾ ڪپائي ڏنيون ويون آهن. جيل ۾ روز لکن رپين جي منشيات به وڪرو ٿئي ٿي. شهاب صديقي اثر رسوخ وارن قيدين کان پئسا وٺي انهن کي لونڊيون پهچائيندو آهي."

”پاڻ وارو هانڊي وال امير بخش آهي ني.. ان کي 14 مهينن کان ڪورٽ نٿا وٺي وڃن. پڪن قيدين کي وري وڏن آفيسرن جي گهرن ۾ وٺي اتي صفائي ڪرائي وڃي ٿي. امير بخش ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته سندس پير پيچي ناهوڪي مار ڏني وئي.“

”مرشد اڄا تائين اوهان کي هڪ رات ٿي آهي هتي، تون سڀ رنگ ڏسندين.“ صديق منهن تي عجب تاثرات ناهيندي چيو.

پتائي عجيب حيرت وارو منهن ڪٽي وهنجڻ هليو ويو. صديق ٻاهر انتظار ڪرڻ لڳو. وهنجي ٻاهر نڪتو ته هن ڏٺو، ڳاڙهين ٽوپين سان همراهه هڪ قيدي کي ڪتي ڪٽي وڃي رهيا هئا. اهي ڳاڙهين ٽوپين وارا هن ڪلهه به ڏٺا هئا.

”ڳاڙهين ٽوپين وارا به پوليس وارا آهن نه؟“ پتائي سواليه نظرن سان صديق ڏانهن نهاريو.

”ڳاڙهين ٽوپين سان جيل انتظاميه هڪ فورس ناهيو آهي. جيڪو قيدين جي نگهباني، وڙهڻ، ملاقاتين ۽ ٻين ڪم ڪارين جي اڳواٽي ۾ ڪم به ڪندا آهن. اهو سڀ ڊپٽي صاحب(ڊپٽي سپريڊنٽ) جي حڪم سان ٿيو آهي.“ هو ڳالهائيندا خولي ۾ اندر آيا ته پيا هانڊي وال چانهه تيار ڪيون ويٺا هئا.

”اچو سنگت چانهه تيار آهي.“ امير بخش جاءِ ناهيندي چيو.

”جيل ۾ جاچ جوچ تي ڪو به اعليٰ عملدار نه ٿو اچي، جي اچي ٿو ته ان کي وزني لفافو ڏئي ماڙي کان موٽايو وڃي ٿو.“

”هتي قيدين سان وڏو ظلم آهي.“ اظهر پناڻ اردو ۾ چيو.

”قيدين جي لاءِ ڪو ٽرسٽ يا ڪو امير ماڻهو امداد موڪليندو آهي ته انهيءَ جي چوٿين حصي جو چوٿون حصو قيدين کي نه ڏنو ويندو آهي.“ پتائي تون ضرور هنن ڳالهين تي لکجان.“ اظهر التجا ڪئي.

”ماڙي واري ملاقات جا غيرقانوني 500رپيا ورتا وڃن ٿا. جيل ۾ پتي خوري حلال ۾ شمار آهي.“ امير بخش چيو.

”جيل ۾ دڪان وارو هر شيءِ ٽيڻ تي مهانگي ڏئي ٿو.“

”ها يار! ڪلهه مون جوس ورتو ته 10 رپيا مٿي ورتائين.“ پتائي ارمان ۾ چيو.

”دوڪاندار 6 هزار پتو هر مهيني ۾ مسواڙ الڳ ڏيندو آهي.“ چانهه جو دور پورو ٿيو ته هر ڪو ٽڙي پکڙي ويو. پتائي آهلي پيو ڪيس ليٽندي ننڊ جيل کان ٻاهر ڪٽي وئي.

ٻئي ڏينهن جيئن ئي ڳٽپ ٿي ته هو ننڊ مان اٿيو. پوءِ هن کي ننڊ نه پئي آئي. ڀائو جيل سپريڊنٽ کان سفارش ڪرائي. چوري هن کي موبائيل ڏني هئي. پتائي جيل ۾ اثر رسوخ وارين قيدين کي موبائيلون هلائيندي ڏٺو هو. هُن اها موبائيل ڪنڊ جي دبي ۾ لڪائي ڇڏي هئي. قيدين کان اک ٽيت ڪري موبائيل ڪڍي مٿان چادر وجهي ۽ سقلتا کي هي اي ميل ڪيائين.

**To, Safalta@yahoo.com**

**30 جون 2009ع**
**اڱارو 12:10 منجهند**
**لانڍي جيل ڪراچي**

**وري يادگيرين ورايو اسان کي،**
**اچي پاڻ هاٽي بچايو اسان کي.**

**منهنجي پياري سڦلتا**
**سلام، پيرن تي هٿ..**

هن دنيا جو هڪ ٻيو روپ ڪجهه ڏينهن پهرين مون ڏٺو ۽ زندگي جو ڏکيو تجربو حاصل ٿيو. ان تجربي مون کي لوڏي ڇڏيو. مون کي پنهنجو فڪر ته نه هو، پر مون تنهنجي لاءِ پاڻ کي بچائڻ ٿي چاهيو. گذريل ڇهن ڏينهن کان اسان جو رابطو ڪٽجي ويو آهي. ڇو جو انهن ڇهن ڏينهن کان مون وٽ موبائيل نه آهي. ڇنڇر ڏينهن کان وٺي پوليس جي حراست ۾ آهيان. ويو هيس نوڪري ڪرڻ پر مليو ڇا، ڪجهه به نه...! نوڪري ته نه هلي ابتو مل مالڪ مون کي ڦڌرائي ڇڏيو. ان سبب توسان ڳالهائڻ نه ٿيو آهي. مون کي خبر آهي ته تون حد کان وڌيڪ پريشان هوندين! منهنجي لاءِ.. مون سان واعدو ڪر، هي جيڪو مان توکي ڦڌائي رهيو آهيان سڀ ڦڌي روئجان نه پليز...

مل مالڪ سان جهيڙو ٿيو. پوليس ان ڏينهن ٺاڻي تي وٺي آئي، مون کي ڏاڍو ماريو. منهنجي کيسي ۾ پگهار جا پئسا به هئا. جيڪي هاڻي خبر ناهي ڪٿي هوندا. موبائيل فون به پوليس وٽ هوندي. ڏاڍو وڙهيا. منهنجي ڪمزور جان هوندي به سڀ ڪجهه برداشت ڪندي رهي. پوليس ڇا ڪندي آهي اها خبر ان ڏينهن پئي هيم. پوليس ۾ ڪا به انسانيت نه هوندي آهي. خير ٻيو احوال توکي سامهون ڏيندس. ٽي ڏينهن زندگي جا تمام ڪٺن مختلف پوليس ٺاڻن تي گذريا. ڪلهه مون کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. اتي پائو جي موبائيل تان sms ڪري توکي ڪوڙ هنيم، ته منهنجي موبائيل گم ٿي وئي آهي. مون کي ڏاڍو شرم اچي رهيو هو توکي ڪوڙ ڦڌائيندي. مان توسان ڳالهائي نه سگهان ها روئي پوان ها. تنهنجي جدائي صفا نهوڙي ڇڏيو آهي. بس توسان ڪوڙ هڻڻو پيو ڇو جو تون چري آهين. جي توکي چوان ها ته گرفتار هان ته تون صفا گهڻي پريشان ٿي وڃين ها ۽ ڪائين پئين نه ها. ان ڪري پهريون دفعو توسان ڪوڙ ڳالهائڻو پيو. ان لاءِ معاف ڪجان پيرن تي هٿ... ۽ چپ..

جڏهن تنهنجو ميسيج تڪڙ ۾ آيو "مان تمام گهڻي پريشان هيم ۽ آهيان." ته سچ ان پل اکيون آليون ٿي ويم. مون کي ڪو به جواب سمجهه ۾ نه آيو هو ۽ موبائيل پائو کي ڏئي ڇڏي هئم. ڪورٽ ۾ جج اڳيان پيش ڪرڻ بعد مون کي جيل موڪليو ويو. هاڻي آءٌ سينٽرل جيل لانڍي ۾ آهيان. ٽن ڏينهن بعد اڄ هڪڙو ماني جو گرهه کنيو هو. وهنتو آهيان ۽ پاڻي پيتو آهي. سوچون ايتريون ته سوڙهيون ٿي ويون آهن

جو چري بہ نٿو سگهان. لاڪپ کان جيڪڏهن جيل نہ اچان ها تہ شايد نفسياتي مريض ٿي وڃان ها. ان سڄي حشر دوران منهنجي دماغ ۾ صرف سقلتا ڦري رهي هئي. مون کي تنهنجي ڏاڍي ياد اچي رهي هئي. پوليس جڏهن مون کي ماري رهي هئي تہ درد، بيهوشي ۽ رڙين ۾ سقلتا سقلتا سقلتا ٿي نڪتو. ايترو جلدي تون ۾ گم ويو آهيان. سقلتا مون کي تنهنجو ڏاڍو فڪر آهي. تنهنجي گهٽي سڪ لڳي آهي. مون چئن ڏينهن ۾ چار گرهہ بہ مشڪل سان کاڌا هوندا. منهنجون اکيون گهڙيال ۾ آهن. ڪڏهن نڪرندس جيل مان، ڪڏهن موبائل ملندي ۽ توسان ملندم. مون کي توکي گهٽيون ڳالهيون ۽ ڊائيٽيون آهن پر پليز پڙهي روئجان نہ ... مان ٺيڪ آهيان. پر ٿوري پريشاني ضرور آهي. ڇو جو توکان دور آهيان. بس دعا ڪجان پئي. مان سپاٽي تائين آزاد ٿي ويندس. ڇو جو تنهنجون دعائون ۽ پيار مون سان گڏ آهي. منهنجي توڏانهن هي پهرئين اي ميل آهي. جيڪا جيل مان لکي رهيو آهيان. اچا خبرناهي جدائي جو ڪيترو عرصو آهي. مون گهڻا خط رميسا کي لکيا هئا. تنهنجي لاءِ برقي خط لکان پيو پهريون دفعو مون کي عجيب پيو لڳي تہ ان ۾ رڳو جيل، پوليس جون ڳالهيون لکي رهيو آهيان. تون ڪيئن آهين؟ پنهنجو خيال رکندي آهين يا نہ؟؟ مون کان وڌيڪ نٿو لکجي. بس دعا ڪر تہ جلدي آزاد ٿيان.

**تنهنجو**

**پتائي—سينٽرل جيل لانڍي-ڪراچي.**

Sender: bhattia@yahoo.com

اي ميل ڪري هُو ٻاهر مسجد جي وضو ڪرڻ واري ٽوٽين کان اچي ويهي رهيو. هٿ ۾ عوامي آواز اخبار هيس. اخبار پاسي ۾ رکي. ٿڌي هير صبح سان سندس من لپائي وئي. سقلتا ساون لان جي ڪپڙن ۾ اڳيان اچي ويس. هو حيران ان کي ڏسندو رهيو. اوچتو هوءَ غائب ٿي وئي هن جو من ملول ٿي پيو. هن جي اڳيان رات جو قيدين جو نپي (نپي معنيٰ—قيدي قيدي سان پاسو ورائي لڳي/ملي سمهڻ) ۾ سمهڻ وارو منظر اکين اڳيان ڦيري آيو.

"ڪيڏو نہ ظلم آهي هتي بستري جا بہ پئسا.. انساني حقن جون تنظيمون ڪٿي هونديون آهن باقي؟؟" هن ائين سوچيو پي تہ ايتري ۾ مولوي صاحب بہ اچي ويو. "السلام عليڪم."

"وعليڪم السلام"

"هان جناب صبح ڪا مزا لي رهي هو؟"

"ها مولانا صاحب!" (تنهنجو وس پڄي تہ هتي ويهڻ نہ ڏين. پتائي دل ۾ چيو.)

"هون.." مولوي پاٽي جي ٽوٽين کي ڦيرائڻ لڳو.

"آپ ڪس ڪيس مين هو؟" مولوي پڇيو.

"تيرنهن ڊي ۽ سنڌ سان محبت هجڻ جي ڏوهہ ۾.." پتائي رکو جواب ڏنس.

”مولوي صاحب توهان هتي پيش امام آهيو؟ پڳهار ملندي هوندي توهان کي؟“

”نہ ادا مان قيدي آهيان. هڪ من چرس ڪيس هي مجھ پر.“

پتائي ڏنو ملان وڏي ڏاڙهي ۾ وڏو پيٽ لوڏيندو هليو ويو. اتان اٿي هو جيل جو سڄو چڪر لڳائي آيو، ٻئرڪ ڀِتو تہ چانھ بسڪٽ تيار پيل هئا. اچ چوٿون ڏينهن هو هِن ماني نہ کاڌي هئي. جيل ۾ اڪثر قيدين وٽ لڊو پيل هو. قيد ۾ وقت ڪٽڻ لاءِ لڊو راند وندر طور کيڏندا رهندا.. ڪي تہ جوا بہ کيڏندا هئا. شرطون رکندا. پتائي هانبڻي والن سان لڊو کيڏڻ ويهي رهيو هو. راند شروع ٿي، پتائي راند ۾ ٽنهي ساٿين کي مات ڏني، ڇڪن مٿان ڇڪا وجهندو رهيو. اچ هيترن ڏينهن پوءِ هلڪو خوشي جو احساس ٿيو هوس.

جيل ۾ وقت ڪمي پيير هلندو هو، هر وقت ڪونہ ڪو قيدي پنهنجي ڏوهن جي رام ڪٿا ڪوليو ويٺو هوندو هو. پتائي کي تہ سڀ شرطي ڪوڙا لڳندا هئا. 12 بجي ماني وارا قيدين ۾ ماني ورهائڻ اچي ويندا هئا، چانھ صبح جو ملندي هئي ۾ سڪل پاپا.. چانھ تہ نہ هوندي هئي جھڙو ڇڙيو پاڻي... هفتي ۾ ٻہ دفعا گوشت ڏنو ويندو هو. دال معمول هوندو هو. ڳاڙهي ۾ ڦڪي پاڻي واري دال جو رنگ هوندو هو. باقي دال نالي ۾ هوندي هئي. ماني ڪچي پڪي هوندي هئي. ان ڪري اڪثر قيدي خراب کاڌو کائڻ ڪري بيمار ٿي پوندا هئا.

گوشت جيڪو ڏنو ويندو هو ان لاءِ صديق چوندو: ”خبرناهي اهو گوشت مئل جانور جو آهي يا زندھ ذبح ٿيل جانور جو..“

ڪن قيدين جي مطابق:”پينس ڪالوني مان مئل مينهن اڏ پئسن تي وٺندا آهن. ان جو گوشت پاڻي ۾ اوٻاري قيدين کي ڏنو ويندو آهي. ان ۾ گيھ جي هڪ ٽنپ بہ نہ هوندي آهي.“

”جيل ۾ اسپتال جو وارڊ بہ آهي. ڊاڪٽر آهن پر اهي قيدين کي گاريون ڏيندا آهن. ڪنگھ واري مريض کي بہ ساڳيون ٽڪيون تہ بخار واري مريض کي بہ اها ئي دوا... ڪو بہ توجھ ناهي. ڊاڪٽر روز ايندو آهي، ڪمپائونڊر وري قيدي آهي. بشير ڪمپائونڊر جنهن تي منشيات ڪو ڪيس آهي، وٽس 20 ڪلو چرس برآمد ٿيو هو. ڊاڪٽر مزي سان ويٺو هوندو آهي اهو بشير قيدي ڪمپائونڊر نالي ۾ ڪمپائونڊر، مريضن کي دوا ڏيندو آهي. هر مريض جيڪو بہ تڪليف ۾ هوندو آهي، انهن کي ننڍ جون گوريون ڏئي ڇڏيندا آهن. جئين مريض سمهي رهي ۾ رڙيون وغيره نہ ڪري. دوائون ۾ پيا بيمار قيدين جا فنڊ، سڀ جيل انتظاميہ ۾ ڊاڪٽر ملي پڳت ڪري هڙپ ڪري ويندا آهن.“ اظهر هن کي ٻڌايو.

گلاب پٽيل، پٽيل يا پئٽر، جيل انتظاميہ يا جيلر جو چاڙتو هوندو آهي. ان کي جيل ۾ پيئٽر يا پٽيل چون. گلاب پٽيل هوندو هو. جيڪو غريب قيدين سان وڏو ظلم ڪندو هو. قيدين تي تشدد ڪندي ڪندي ماري بہ وجهندو هو. هڪ مظلوم قيدي جنهن ۾ پئسا ڏيڻ جي وسعيت نہ هئي. ان کي پيڻ جي سامهون گهرائي چيائين: ”هن پيڻ کي .... مون کي پئسا ڏي.“

2008ع جي شروعات ۾ جڏهن جيل ۾ قيدين ۽ انتظاميہ جو جهيڙو ٿيو تہ قيدين گلاب پٽيل کي شيخن سان ڪباب ڪري ڇڏيو هو.

صديق کي جيل ۾ ٽي سال ٿيندا. ڪيترائي موت جي سزا يافتہ قيدي بہ آهن. صديق جيل جي هر بي ايماني واري ڪم کان باخبر آهي. ڪيس عرصو ٿيو آهي. پٽائي هر وقت ڪائنس سوال پڇندو رهندو هُو بہ هر ڳالهہ کولي ڪندو تہ جئين پٽائي جيل کان ٻاهر وڃي قيدين جي زيادتين خلاف لکي ۽ آواز اٿاري.

”صديق اهي پئٽر پيو چا ڪن؟ مطلب...؟“

”قيدي شنوائي تان ڪورٽ کان حاضري ڪائي موٽندو تہ 50 يا 100 رپيا پيئٽر کي ڏيندو. جي ملاقات آئي تہ 200 سؤ رپيا وٺندا، نہ ڏيڻ جي صورت ۾ پادر قيدي جو مقدر هوندا.“

بئرڪ متائڻ جا پڻ هزارن کان 500 سؤ وٺندا آهن. قيدين جو سامان ايندو تہ وڏو اڌ گم. غريب جي هر شيءَ ختم، لاوارثي.. ڇڻ وڏا مائٽ هجن، جو حصيداري ڳنڍين..!

جيل ۾ لونڊي بازي جيل انتظاميہ جي سرپرستي ۾ عروج تي هلي ٿي. رضا ۽ اڪرم انهن جي سڌي جيل سپرينڊنٽ ۽ جيلر سان آهي. رضا تي چرس جو ڪيس آهي. جيل سپرينڊنٽ طرفان هنن کي کلي ڇوٽ آهي، ڇا بہ ڪن، ڪهڙي بہ ڇوڪري سان بدفعلي ڪن، ڪائي پڇڻ.

”مرشد تون ڏاڙهي رکي ڇڏ نہ تہ...؟؟“ صديق مرڪندي چيو.

”نہ تہ ڇا..؟“

”نہ تہ هم جنس پرست قيدي توهان جي خوبصورتي جي پويان پئجي ويندا.“ ٻئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا کلندا رهيا. پٽائي ڪيس تاڙو ملائيندي گار ڏنس.. ”گانڊو.“

”مرشد!“

جي مٺا.“

”هي جي بئرڪ تي چاٻي وارا ڏسو ٿا نہ.. جيڪي در کولين ۽ بند ڪن ٿا، اهي ڪي سرڪاري ملازم نہ آهن، اهي بہ قيدي آهن. 200 رپيا هفتو ڏيندا آهن. سگريٽ، پان، گٽڪو قيدين کان مفت ۾ وٺندا آهن ۽ مٿين ڪمائي پاڻ کٽن.“

”صديق چاٻي وارا قانونن پوليس جا سپاهي هجڻ گهرجن نہ..“ پٽائي منجهندي پڇيو.

”ها بلڪل سائين..“

”۽ ها بند وارڊ ۾ 5 خوليون آهن. بند وارڊ ۾ چپل نہ ڏيندا آهن ۽ ڪانچ ۾ اڳٽ ڪڍي ڇڏين ٿا. غريب قيدين جي ملاقات ئي نہ ٿا ڪرڻ ڏين ۽ پئسا ڏيڻ وارن کي سڀ سهولتون ڏنيون وڃن ٿيون. بند وارڊ جي قيدين کي بہ اها ئي جيل جي بچيل نريل ماني ڏني ويندي آهي.“

”او يار... پوءِ آخر اهو ڪيستائين ٿيندو؟“

”سائين آءُ سالن کان ڏسندو اچان پيو ائين هلي ٿو ۽ شايد هلندو رهندو.“

***

اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو. جيل جي ماحول ۾ روز جيان حرڪت هئي. قيدي جيڪي ڪجهه نه هوندي به سڄو ڏينهن ڪجهه نه ڪجهه پيا ڪندا هئا. گهٽا چانهه جا موالي، رڳو چانهه پيالي پرٻي ۾ خالي پئي ٿيندي هئي. پتائي سقلتا ڪي باٿ روم ۾ لڪي اي ميل ڪري رهيو هو ته سنتري رڙ ڪئي، "پتائي ولد نورالدين.. تنهنجي ملاقات آئي آهي.."

پتائي تڪڙ ۾ اچي موبائيل لڪائي ۽ خوشي مان ٽپ ڏئي اٿيو ۽ سڄو جيل لتاڙيندو اچي ماڙي تي پهتو. ماڙي تي سامهون پائو وينو هو. ٻئي پاڪر پائي ته مليا پر اکيون ملائي نه پئي سگهيا. پتائي ڪنڌ هيٺ ڪري وينو رهيو..

"امان ڪئين آهي؟" پتائي پڇيو

"امان کي اڃا ڄاڻ ناهي تنهنجي گرفتاري جي.."

"ضمانت جو ڇا ٿيو پائو؟ ڪو ڪيس اڳتي وڌيو يا نه؟؟" هن اداسي ۾ پڇس

"اڄ ۽ سڀاڻي ڪورٽ بند آهي. سومر تي ڪيس رکندا، اڳاري تائين حڪم نامو نڪري ويندو آزادي جو. گهبراءِ نه ..." پائو دلجاءِ ڏنس..

"اندر ڪا تڪليف ته ناهي.!؟"

پتائي ڪنڌ مٿي ڪري اکيون ملائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو: "نه.."

..... چپ چاپ ۾ ٻئي وينا رهيا.. ٻين ملاقاتين جي ڳالهائڻ جا آواز... ماڙي تي قيدين ۽ ملاقاتين تي نظر رکڻ لاءِ وينل عمر رسيده سپاهڻ ڪين گهوري رهي هئي. ۽ ائين ئي سپاهڻ حڪم ڪيو: "ملاقات جو وقت ختم." ٻنهي پاڪر پائي موڪلايو، پاڻس پيشاني چميس. هن جي دل ڀرجي آئي. پوءِ دروازي تي سامان ۾ پئسن بچائڻ لاءِ بيٺا رهيا، جيستائين پتائي اندر نه ويو.

خالد پنجابي جيل جي اندرين دروازي تي قيدين جي جهڙتي تي هوندو آهي. قيدين کي ڪچيون گاريون ڏيندو آهي. هزار ڪنهن قيدي کي مائٽن ڏنو ته ان تي 200 رپيا ڪٽي 800 سؤ واپس ڏيندس. 100 تي 50 ڪٽندو. سامان تي اگر قيدي خرچي نه ڏنس ته سامان روڪي ڇڏيندو. 60 هزار هفتو ۽ ادائي لک مهينو ڏيندو آهي جيل انتظاميه.. 2008ع جي شروعات ۾ جيل ۾ قيدين هنگامو ڪيو هو هن ماڙي تان چڙهي بي گناهه قيدين جي ٻئرڪن تي سڌيون گوليون هلايون هون. سپاهي مان ڦري جمعدار ٿي ويو. ترقي ان لاءِ ڏني وئي ته جيئن اجا قيدين تي تشدد ڪري.

خالد پنجابي کي پائو پتائي جي جهڙتي مان ڪجهه به ڪٽڻ نه ڏنو ۽ هو سامان جون ٿيلهيون لڙڪائيندو پنهنجي خولي طرف وڃڻ لڳو. اداس.. اداس.. مايوس... اڄ هن کي پڪ هئي. ته ضمانت جو خط ڪٽي پائو پڇندو پر اهڙو ڪجهه نه ٿيو.

هن سامان صديق کي ڏنو. ٻئرڪ ۾ هن جو دم پئي گهٽيو، هو ٻاهر تازي هوا کائڻ جي لاءِ نڪري آيو. ٿهل ڪندي هو حجم جي سيلون تي اچي وينو. حجم کيڪار ڪيس ته پتائي، هُن ڏانهن مسڪرائي ڏنو. حجم جنهن قيدي جي ڏاڙهي ناهي رهيو هو ان سان ڳالهائي به رهيو هو. هن ڪتي پڙهيو هو ته حجم گهٽو ڳالهائيندا آهن، اڄ هن کي يقين اچي ويو هو.

“هفتي ۾ 800سؤ رپيا ڏيان ٿو. هونئن ته قانونن قيدين جي سيرب مون کي مفت ۾ ڪرڻ کپي، پر جيل انتظاميه هفتو ڳنهي ٿي. مان ڪنهن قيدي جي مفت ۾ سيرب ڪئين ڪيان؟ پيو ته مان مظلوم قيدي آهيان.” حجم پنهنجي منهن ٻاهر ڏسندي پئي چيو..

پتائي کي غريب قيدين جا وار ۽ ڏاڙهي ياد پيا ته چو وڌايا اٿن. هن سوچيو ڏاڙهي ۽ وارن جو اِهو حال اٿن، ته هينيان سندن ڪهڙو حشر هوندو. هو اتان اٿي آيو ۽ سڦلتا کي اي ميل ڪرڻ جي لاءِ ڪنڊ جي دبي مان موبائيل ڪڍي مٿان چادر وجهي لکڻ لڳو:

To, Safalta@yahoo.com

**02 جولائي 2009ع**
**شام..**
**لانڍي جيل ڪراچي.**

سڦلتا جيل ۾ مون کي پنجون ڏينهن آهي. انتظار انتظار روز روز اهيو آسرو آهي ته اڄ نه سڀاڻي ضمانت ٿي ويندي پر اڄ پائو ٻڌايو ته اجا ٻه ڪان تي ڏينهن لڳي ويندا، پوءِ ضمانت ٿيندي. سوچيو هيم ته جيل ڪان آزاد ٿي لاڳيتو توکي فون ڪندس توکي سڀ احوال ڏيندس پر نه هاڻي ته اجا ٻه جدائي جي ڏينهن ۾ اضافو ٿي ويو. هاڻي توسان برقي خطن ذريعي ڳالهيون ٿينديون. چو ته هتي موبائل فون جي ڪنهن کي به اجازت نه آهي. مان ٻه ٽي ڏينهن اي ميل ان ڪري نه پئي ڪئي جو لکڻ وقت منهنجو جيءُ

ڀرجي ٿو اچي. هتي روئڻ واري تي سڀ قيدي ٽوڪون ڪندا آهن. روئڻ تہ ڏاڍو ٿو اچي ۽ پريشان حد کان وڌيڪ آهيان. مان توکي ڪيئن سمجهايان تہ مان ڪيئن جيل ۾ اچي ويس. بس جيڪو مقدر ۾ لکيل هوندو آهي. اهو ئي ٿيندو آهي. منهنجي مقدر ۾ پوليس جي مار ۽ جيل هئي. سو اچي وئي. مان هتي ڪنهن بہ لحاظ کان بهتر محسوس نٿو ڪيان. هتي گهٽي گهٽ پوست محسوس ٿئي ٿي.. هر هڪ پل ۾ تون ۽ امان ياد اچو ٿا. مون کي امان جي بہ ڏاڍي ڳڻتي آهي ۽ ٻيو ڪجهہ بہ ياد نہ آهي توکان سواءِ.. ڏاڍا ابتا سبتا خراب خراب خيال اچن ٿا ۽ عجيب سوچون بہ پريشان حال ڪن ٿيون.

سوچان ٿو تون ڇا سوچيندي هوندين تہ ڀيٽائي ڪٿي آهي؟ ۽ هيترا ڏينهن پنهنجي سڪلتا کي ياد نہ ٿو ڪري، فون نٿو ڪري، ميسيج نٿو ڪري. تنهنجو ڀيٽائي ڏاڍو مجبور آهي. ڀيٽائي تنهنجي لاءِ ڏاڍو بي چين ۽ بي قرار آهي. تنهنجي دعائن سان جلد اچي ويندس تو وٽ... مون کي ڪجهہ نہ ٿيندو. ڇو جو تنهنجو ڏاڍو پيار آهي مون سان. اڄ چاچو ننڍو ٻيو چاچو ان جو پٽ جاويد ڀائو وڏو منهنجي ملاقات تي آيا هئا. انهن جي اچڻ تي خوش بہ هيس ۽ اداس بہ... پر جڏهن هو سڀ موڪلائي وڃي رهيا هئا تہ دل ننڍڙي ٿي وئي. ڳورن ڳورن پيرن سان واپس بئرڪ ۾ اچي ويو هيم. جوس، بوتلون، انب، ڪپڙا ۽ نہ ڄاڻ ڇا ڇا ڏئي ويا پر مون ڪجهہ بہ نہ پئي ڏٺو، نہ ئي مون کي ڪجهہ وڻيو پئي. سڀ شيون اڳيان پيون آهن. اڄ همت ڪري توسان ڳالهائڻ وينو آهيان. باقي تہ ڪنهن بہ شي ۾ دل نٿي لڳي. جيل ڪمزور ڪري وڌو آهي مون کي.. تنهنجو ڀيٽائي ڪيترو معصوم ۽ حساس آهي اهو تہ تون چڱي طرح ڄاڻين ٿي. بس يار تنهنجي سر جو قسم توسان ڏاڍي محبت آهي. تنهنجي ان پيار ئي تہ من ۾ مانڌاڻ مچايو آهي. تنهنجون ادائون تنهنجا انداز، تنهنجي پريت ۽ تنهنجو ڏسڻ ۽ تنهنجون ڪيل مهربانيون، تنهنجي سادگي، تنهنجو چوڏهين جي چنڊ کان وڌ ڀڪندڙ چهرو ڏاڍو ياد ايندو آهي. هر لمحو.. هر گهڙي.. انهن يادن کي ياد ڪندي ڪڏهين اکين مان پاڻي ڪڏهن چهري تي مرڪ اچي وڃي ٿي. زبان تي سڪلي سڪلي سڪلي... ئي آهي. هاڻي اونداهہ ٿي وئي آهي. منهنجي وهنجڻ جو وقت ٿيو آهي. مان هاڻي فريش ٿي ڪري وري توسان ويهي ڳالهيون ڪيان ٿو. تون پليز هر پل مسڪرائيندي رهندي ڪر.

تنهنجي پيار جو قيدي

تنهنجو—ڀيٽائي

From: bhattia@yahoo.com

هو سڪلتا کي اي ميل ڪري، اخبار پڙهي سمهي پيو.

***

شام جو پتائي هانڊي والن سان لڳو پئي کيڏيو، هڪ قيدي آندو ويو. چيڙهه سان ڀريل وار، ننهن وڏا انهن ۾ مٽي ڪاري، ڪارا، ڪپڙن تي مٽي جا ڇو ڇڙهيل، اکيون ڏرا ڏئي ويل، نپل، ساٽو ساٽو فرش تي پيل هو ڪنهن بہ ڪيس ڏيان نہ پئي ڏنو. صديق اٿيو ۽ هن کولر مان پاڻي جو گلاس ڀري ان کي پياريو. پتائي حيران پريشان ٿي ويو. "پوليس تشدد ڪيو هوندس."

"ها ڪراٽين مان آيو هوندو." امير بخش چيو.

"ڪراٽين؟"

"ڪراٽين هن ڌرتي تي دوزخ جو ٻيو نالو آهي. ڪراٽين ظلم جو بہ ساڳيو نانءُ آهي. ڪراٽين= ظلم.. ڪراٽين ۾ گاريون ڏيندا آهن. تشدد ڪندا آهن. رشتيدارن کي گهرائي انهن جي سامهون ماري ڪٽي پئسن جي گهر ڪندا آهن."

"پهريان ڪراٽين 11 نمبر بئرڪ هئي. پر انتظاميہ کي ڊڄ هو تہ متان ڇاپو لڳي، انهن ان کي مٽائي 13 بئرڪ کي ڪراٽين بڻايو آهي. ڪراٽين ۾ قيدين کي پوپان ڏنڊا ڪٽي ماريندا آهن. ڀاريون ۽ پوڇيون مسلسل ڏياريندا آهن." صديق اکيون مهٽيندي چيو.. سڀ غور سان ڏسي رهيا هئا.

"ڪراٽين جو پئٽر رضا آهي ۽ ڪراٽين جا پئسا ونڻ جي لاءِ جيل سپرينڊنٽ سپاهي رکيو آهي. هشمت نالو اٿس. ڪراٽين ۾ هڪ مهيني تائين وهنجڻ نہ ڏيندا آهن. سنڌ جي هڏوڪي امير بخش کي ڪراٽين ۾ تشدد ڪري هن جو پير ڀڃيو ويو. چيف صاحب.. اختر بنگالي هن کي پير ۾ سريا هنيا ها." صديق امير بخش ڏانهن نهاريندي ڳالهايو.

"ان خالو کي ڇا ٿيو آهي، پيشي تان موٽيو آهي تہ اکيون ڳاڙهيون لعل اٿس ۽ اونڌو لڳو پيو آهي." پتائي امير ۽ صديق ٻنهي کان سوال ڪيو. ان تي ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا.

"خالو پيشي تي ويندو آهي تہ اوڏانهن ڪجهہ چرس جا ڳوڙها ڳتي ايندو آهي ۽ پوءِ هتي التي ڪري ڪڍندو آهي، جيل ۾ ٽيڻ اگهہ تي کپائيندو آهي." امير بخش چيو.

"اوهہ... ظلم... قهر... پوءِ هنن کي ڪجهہ ٿيندو ناهي؟"

"ماما هتي اِهو هر حرامي قيدي لاءِ معمولي ڳالهہ آهي." صديق کلي چيس.

پتائي ميرا ڪپڙا ڪڍيا ۽ صديق کي چيو "هي ڪٿي ڌوئجن؟"

"صديق هوندي مرشد ڪپڙا ڌوئيندو!"

"هل تہ ڌوٻي گهاٽ ٿا هلون."

"ڇا جيل ۾ بہ ڌوٻي گهاٽ آهي؟"

"ها استاد هتي ڌوٻي گهاٽ بہ آهي. جنهن ۾ اڪثر بنگالي ۽ هندوستاني مهاڻا ڪپڙا ڌوئيندا آهن."

ڏوبي گهاٽ ٻاهران ڏوبي گهاٽ جو ئي ڏيک ٿي ڏنو. صديق هڪ هندوستاني مهاڻي کي سڏ ڪري ڪپڙا ڏنا. جيڪو ڪارو رڍ هو. هو صبح جو ڪپڙا ڏيڻ جو چئي هليو ويو. اسان بنگالي کي پنهنجي ٻئرڪ ۾ بسترو پڌايو.

"ڏوبي گهاٽ ۾ به جيل انتظاميه پنهنجا ماڻهو ۽ قيدي بيماري چڙهيا آهن. جيڪي جيل منتظمين کي 2700 سؤ رپيا مهينو ڏيندا آهن. ان کان علاوه جيل سپرينٽنڊنٽ، جيلر، ڊپٽي جيلر، کان ويندي ايتري قدر جو سپاهين جا ڪپڙا به ڏوبي گهاٽ ۾ اچن ٿا ۽ قيدي اهي مفت ۾ ڌوئن ٿا." صديق پتائي کي ٻڌائي رهيو هو. هو ٻئي جيل جي ڪچڙي رستي تان هلندا پئي آيا. رستي جي ٻنهي پاسي نازبوءِ جا ٻوٽا پوڪيل هئا.

پتائي هاڻي جيل جي سڪي ماني کائڻ شروع ڪئي هئي. ٻاچي پنهنجي ٺاهيندا ها. ماني پچائڻ جي اجازت به نه هئي ۽ گهڻو خفو به هو. جيل جي سڪي پاپڙ ماني کائي هن جو وات پچي پيو هو. پر امير بخش ڪيس چوندو هو: "مرشد جيل جي ماني گهڻي کائيندا اوترو جلدي آزاد ٿيندا نه ته هي ماني توهان کي نه ڇڏيندي."

پٺاڻ پنهنجي ٽي وي تي پشتو گانا تيز آواز ۾ ٻڌي ذهني ٽارچر ڪري رهيو هو. آواز بلند هو. پتائي کي ننڊ پئي آئي. گوڙ ڪري نه سمهي سگهيو.. هن اٿي شيخن ۾ هٿ وجهي چنڊ کي تڪيو پئي.. ڏور جيل جي وڏين ديوارن جي ڪنڊن تي ٺهيل مورچن تي سپاهي بندقون ڪنيون چوڪنا بيٺا ها. هن جي اکين مان ٻه ڳوڙها ڪريا.. ۽ بعد ۾ لبن مان آواز نڪتو.. "سڦلتا.." پوءِ هو هيٺ ڪري منهن تي ٻانهن ڏئي ليٽي پيو.

***

To, safalta@yahoo.com

**03 جولاءِ 2009ع**

**لانڍي جيل ڪراچي.**

**<u>منهنجي راڻو سڦلتا</u>**

**سلام، جيئي لطيف**

تڙپ لڇ ڏاڍي ٿئي ٿي. قيد ڇا ٿيندو آهي اهو سڀ ڄاڻي ورتو اٿم. هر پل، هر سيڪنڊ ۾ اگر ڪوئي مون کي ياد اچي ٿو ته اُها تون آهين. تون ڪهڙي حال ۾ آهين ڪو علم نه اٿم. تون مون کان ايترو پري هوندي به جڻ ساهن ۾ شمار آهين ايترو پيار مون رميسا کي به نه ڪيو هو. توکي خبر آهي ته رميسا مون سان ڪيڏي ويساهه گهاتي ڪئي، ۽ شايد اڃا تائين ڪري رهي آهي. مان رميسا سان ڪيڏو پيار ڪيو! پر هن ان پيار کي نه سڃاتو. وري جڏهن تنهنجي لاءِ سوچيان ٿو ته هيانءُ ٿو ڦاٽي. ساهن ڪٽڻ ۾ مونجهه ٿئي ٿي. ڇو ته تنهنجو پيار ڏاڍو سگهارو آهي، تنهنجي پيار ۾ وڏي طاقت آهي. منهنجي پيار کان

وڌ تنهنجو پيار آهي. تنهنجي ان پيار جي گهرائي کي مان ڪيترائي ڀيرا پرکي چڪو آهيان. جنهن ۾ صرف مان آهيان، تون آهين ۽ اسان آهيون. اسان جي پيار جو هي مختصر سفر ۽ هي جدائي جو هڪ هڪ پل صدي جي برابر ٿو لڳي. سقلتا تون اداس نہ ٿجان. مان جلدي ايندس. جيل جو ماحول، عام زندگي جي ماحول کان گهڻو مختلف آهي. هتي شل دشمن بہ نہ اچي. جيل ۾ صرف پئسو ڳالهائي ٿو. ۽ هتي رڳو ڌوهاري، خوني، زاني، غنڊا، چرسي، هيروئني قسم جا قيدي آهن ۽ مان رهيس پڙهيو لکيو اديب ماڻهو. مان هتي ڪئين ايڊجسٽ ٿي سگهندس. بئرڪ ۾ لڳ ڀڳ 250 قيدي آهن. انهن 250 قيدين ۾ مان بہ شامل آهيان. مان ٻاهران جڏهن بہ جيل جي اڳيان گذرندو هيس، سوچيندو هيس شل ڪڏهين ان جو منهن نہ ڏسندس. پر نہ، قسمت چڪي آئي. سو بہ ڪراچي جي سينٽرل جيل ۾، هتي سڄو ڏينهن بئرڪ ۾ ويٺو هوندو آهيان، صبح جو صرف ڏيڍ ڪلاڪ ڪن در کوليندا آهن ۽ قيدي ٻاهر نڪرندا آهن ۽ مان ٿوري دير ٻاهر جي تازي هوا ۾ چڪر هڻندو آهيان. جڏهن وري سيٽي وڄندي آهي تہ وري در بند ٿي ويندا آهن. جيڪو پوءِ نہ کلندو آهي. پوءِ بس سواءِ سوچڻ جي ٻيو ڪو بہ ڪم نہ هوندو آهي.

جيل ۾ هيٺ سمهڻو پوندو آهي. مان هيٺ نہ سمهي سگهندو آهيان. مون کي ننڊ نہ ايندي آهي. چرسي قيدي رات جو دير تائين چرس پيئندا آهن. سڄو ماحول دونهون ڪري ڇڏيندا آهن. مان شريف ماڻهو اچي ڦاسندو آهيان. جيل جي ماني جي باري ۾ ٻڌندو هيس پر اها جڏهن پنهنجي اکين سان ڏٺي تہ التي اچي وئي. جيل جي ماني اگر ڪتي کي ڏني وڃي تہ اهو بہ نہ کائيندو. ان جو مثال اهو آهي تہ روز مان پنهنجي ماني هتي جيل ۾ پلي کي وجهندو آهيان پر اها نہ کائيندي آهي. مون کي پنهنجو پاڻ تي حيرت ايندي آهي. ڇو جو هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن مون کي ماني نہ وڻندي آهي صرف جوس پيئندو آهيان. بک جو احساس جنم نٿو وٺي. جيڪي سنڌي قيدي آهن اهي ٻانهون ٻڌي، پيرن تي هٿ رکي زوري ايلاز ڪري ماني کارائيندا آهن. چوندا آهن گهڻو سوچ نہ بس وقت گذري ويندو. انهن جون ڳالهيون ٻڌندي ئي اکين ۾ تنهنجي تصوير لهي ايندي آهي. امان جي هٿن جي ماني ياد ايندي آهي ۽ امان جيجل بہ ڏاڍو ياد ايندي آهي. منهنجي امان مون کي گهڻي پياري آهي. پر منهنجي نہ ان کي خبر آهي نہ وري توکي خبر آهي تہ مان جيل ۾ آهيان. هتي وندر جي ڪا بہ شيءَ نہ آهي مان بس چپ هوندو آهيان. ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندو آهيان. يا تہ لکندو رهندو آهيان. يا وري اکيون بند ڪري تنهنجو چهرو تصور ۾ آڻي ان کي چمندو رهندو آهيان. ان سان ڳالهيون ڪندو آهيان.

هڪ بئرڪ ۾ 250 قيدين جي لئہ هڪ باٿ روم ۽ 3 ليٽرين آهن. مان صبح جو سوير وهنجي ڇڏيندو آهيان. يا وري رات جو گهڻي دير بعد وهجندو آهيان. جڏهين باٿ روم واندو هوندو آهي. هتي قيدين کي ڪا بہ سهولت نہ آهي. بس سڙن ٿا پيا سالن کان... ۽ خبرناهي تہ مان اجا ڪيترو پوڄيندس. منهنجا ڪپڙا هندوستاني قيدي مهاٽا ڌوئي ڏيندا آهن. انهن کي پئسا ڏيندو آهيان. 150 رپيا. انهن کي استري ڪرڻ نہ ايندا آهن. هر شيءَ مهانگي آهي. پر پائو جي ڪري منهنجي لئي لڳي پئي آهي. پنڻ

قيدي آهي ان کي ماني پچائڻ لاءِ رکيو آهي. مون کي زور ٻه ڏيندو آهي. مون توسان ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي. پر ڪجهه سچ آهن.. جيڪي اجا ٻه مون کي پڌائيٺا آهن، ڪجهه ٻه لڪائڻ نٿو گهران. ڇو ته تنهنجي اچڻ سان ئي سچي خوشي ۽ محبت ملندي آهي. اها محبت مون کان ڪڏهن نه کسجان. منهنجو قسم اٿئي. جيل ۾ سڀ قيدي مون کي بي گناهه ۽ معصوم سمجهن ٿا. ۽ سيني قيدين کي منهنجو احساس ٿيندو آهي. سڀ مون کي پڙهيل ڳڙهيل سنو انسان مڃن ٿا. وري پوءِ ڳالهيون ڪيون ٿا. پنهنجو ڌيان رکجان ۽ پتائي لاءِ دعا ڪجان.

**تنهنجو قيدي**

**پتائي..**

Sender: bhattia@yahoo.com

نواز جمعدار عرف نواز بابا، جيڪو سنڌي آهي. جيل ۾ ڇاري واري ملاقات پاسي هوندو آهي. قيدين کي اگر ٿوري دير ٿئي ٿي ملاقاتين سان ملندي ته انهن کان 50 رپيا يا سؤ رپيا وٺي ٿو يا وري گولڊ ليف سگريٽن جو پاڪيٽ وٺندو. جيڪو پئسا ڏئي ته پلي تي ڪلاڪ وينو هجي ڪو مسئلو ناهي. جي پئسا نه ڏنا ته 10منٽ ٻه وڏا آهن. تڙي ڏيندو "اٿو ملاقات جو وقت ختم." سپريڊنٽ کي 10هزار هفتو ڏيندو آهي. 40 هزار مهينو ۽ وڌڪ ڪمائي پنهنجي بول ۾ هڻندو آهي.

***

To, safalta@yahoo.com

**04 جولاءِ 2009ع**

**لانڍي جيل—ڪراچي**

**منجهند 12 وڳي**

**دلبر جاني سڦلتا**

**جيئي لطيف، سلام**

ڪلهه شام پاپوءَ ٻلاول ملاقات تي آيا هئا. پاپو چيو ته اڳاري تي ضمانت جو آرڊر نڪرندو. سامان، جوس بوتلون ۽ پيو ڪوڙ الائي ڇا ڇا ڏئي هليا ويا ۽ مان رهجي ويس اڪيلو...! سڀ اردو ڳالهائيندا آهن. توکي ته خبر آهي منهنجو پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتي سان ڪيترو لڳاءُ آهي. هروڀرون ٻه انهن سان سنڌي ڳالهائيندو آهيان. ان جي اثر هيٺ اچي، اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. بور ايترو ٿو ٿيان جو ان جي ڪا حد ئي نه آهي. جيل زمين تي پيو دوزخ جو قسم آهي. قيدين تي هر لحاظ جو ظلم ڪيو وڃي ٿو، تنهنجا ڪهڙا حال احوال آهن؟ ڳوٺ ڪئين آهي؟ منهنجي سڦلتا جو خيال رکندي آهين!؟ مان بلڪل ٺيڪ آهيان. جيل جي ماحول ۾ ڏاڍو تنگ آهيان. هت وقت ڏاڍو آهستي ٿو گذري ۽ اهو وقت گذارڻ گهٽو ڏکيو آهي. تنهنجون سڀ ادائون، تنهنجا سڀ نخرا ڏاڍا ياد پون ٿا ته

اڪيون نم ٿي وڃن ٿيون. ڇا ڪيان، ڪيئن تنهنجو آواز ٻڌان؟ تنهنجي ڏاڍي سڪ لڳي آهي، بس اي ميل ئي ڪري سگهان ٿو. اڄ مون کي تنهنجي مرچن واري ماني بي حد ياد اچي رهي آهي. سڄو ڏينهن ڪجهه نه کائيندو آهيان. گهر جون ۽ تنهنجون ڳالهيون بار بار ذهن ۾ ڦرنديون رهنديون آهن. نيرن ۾ بسڪٽ ۽ جوس پئيندو آهيان. رات جو چانور پچرائيندو آهيان ۽ منجهند جو به ڪا نه ڪا سبزي هوندي آهي، گهٽ ڳالهائيندو آهيان. سڄو ڏينهن توکي اي ميل ڪرڻ جي لاءِ موقعو ڳوليندو رهندو آهيان. تنهنجي هڪ اي ميل آئي هئي. پڙهي روئي پيو هوس. سڀ قيدي مون کان خط ۽ درخواستون لکرائيندا آهن. ۽ مٺو کائي ويندا آهن. ڪافي سارا سنڌي دوست ٿي ويا آهن. پر جيل ۾ ڪهڙو گهر ٿاهڻو آهي؟؟ جلدي دعا ڪر ته آزاد ٿيان. ۽ اچي توسان ملان، تنهنجا پير چمان. چمڻ جي ڳالهه تان تون sms تي چڙي پوندي آهين. خبر ناهي ته تون منهنجي انهن ڳالهين کي ڪيئن سمجهندي آهين. پر مان تنهنجا پير چمندس اهو واعدو رهيو. پيار توکان به نه گهران ته پيو ڪير هوندو پلا منهنجو؟ هاڻي آءُ توکي ايترو چوندس، تون منهنجي آهين ۽ مان تنهنجو آهيان. خبر ناهي منهنجو توتي ڪيترو اختيار آهي اها توکي خبر.. باقي جيڪو آهيان. جيئن تنهنجي اڳيان آهيان. اهڙو ئي آهيان. منهنجي خوشين جو وقت هميشه مختصر رهيو آهي. هاڻي اچا تنهنجي ملڻ جي خوشين کي مڪمل طور انجواءِ نه ڪيو هئم. جو جيل منهن ڏسڻو پيو ۽ اسان جو رابطو ڪٽجي ويو جلدي اسين ملنداسين ۽ ميلا ٿيندا. سڀ ڏک سور ڏور ٿيندا ۽ تون ڏکاري نه ٿجان. ڇو جو توکي خوشيون ڏيندس. ڏک پري رکندس توکان، ۽ هڪ شعر ڏاڍو ذهن تي تري پيو اچي اهو لکان ٿو پوءِ وري ڳالهايون ٿا.

**يادون کي سلگتي رات مين هم دل تمام کي رويا کرتي هين،**

**بڙي حسرت تصوير تيري، اشکون سي بهگويا کر تي هين.**

تنهنجو

پتائي...

From: bhattia@yahoo.com

***

To, safalta@yahoo.com

**05 جولاءِ 2009ع آچر**

**سينٽرل جيل لانڍي۔**

**سهڻي سفلتا**

**سلام محبت..**

خبر اٿئي برداشت جو مادو پورو ٿيندو پيو وڃي، ڇو ته منهنجي روز مره جي زندگي تبديل ٿي وئي آهي. هتي هاڻي من نٿو لڳي. بوريت، بوريت بس رڳو بوريت... الائي ڇو لکڻ جي وسيت به ڇڏائي وئي اٿم. لفظن کي نچائيندو آهيان. پر لفظ به نخرا ڪرڻ لڳا آهن، پوءِ به انهن کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪيان پيو. شريف ماڻهو هتي سزا يافته ڏوهارين ۾ ڦاٿو آهيان. جڏهن هٿڪڙيون لڳيون هيم ته منهنجي ڪرائي تي نشان پئجي ويا هئا. گرمي آهي ڏاڍي.. رات جو بجلي ويندي آهي ته وڏو آزار ٿي ويندو آهي. جنهن پاسي نظر ڪٽندو آهيان ته نظرون توکي ڳولڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. پر رڳي اڇا، پورا، ڏاڙهين وارا، وڏن وارن وارا قيدي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جڏهن ٻئرڪ جو در کلندو آهي ڏيڍ ڪلاڪ جي لاءِ ته ٻاهر نڪري ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي تنهنجي ۽ پنهنجي باري ۾ ويهي سوچيندو آهيان. پراڻيون ڳالهيون، جهيڙا، ڪاوڙ، تنهنجو روئڻ، کلڻ سڀ خيالن ۾ آڻي پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان پو به ناڪام ويندو آهيان. ڇو ته منهنجو پنهنجو پاڻ تي وس نه ٿو هلي. ڪلهه 4 بجي عرفي ۽ سمي ملاقات تي آيا هئا. سچ پچ ته هيترن ڏينهن ۾ ڪلهه ڏاڍو کليو هيس. انهن ٽهڪن ۾ ڪا به سچائي نه هئي. ڪا خوشي نه هئي. اهو صرف ناٽڪ هو. سمي کي ڏيکارڻ جي لاءِ ته ٺيڪ ٺاڪ آهيان. منهنجي ٽهڪن ۾ لڪيل اداسي ۽ اونداهي کي سمي سمجهي ورتو هو، سمي جو منهن لهي ويو هو. هن جي چهري تي پريشاني جا چٽا پٽا آثار گهمندي ڏٺا هئا. زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا لمحا به اچي ويندا آهن ته انسان سمجهي نه سگهندو آهي ته هو ڳالهائي، کلي، روئي، يا وري چپ رهي. ڪلهه مون سان به اها ويڌن هئي. مان صمي ۽ عرفي کي گلي لڳائڻ پيو چاهيان. پر وچ ۾ جيل جون لوهي جاريون هون ۽ انهن جارين جي ديوارن مون کي نهوڙي ڇڏيو هو. ٻئي ڄڻا مون کي ٻجا ڏئي رهيا هئا. مون انهن جي دل جي الجهن کي پرکي ورتو هو. هنن کي منهنجي لاءِ ڳڻتي هئي. ڪوڙ ساريون ڳالهيون ٿيون ۽ هو هليا ويا. رهجي ويس هيڪلو آءُ... هيڏا ماڻهو هوندي به ائين لڳندو اٿم، ڄڻ ڪنهن ويران برپٽ ۽ صحرا ۾ اچي ويو هجان! اڳ ۾ تنها هئس. هت ته تنهائي پنهنجون سڀ حدون پار ڪري پهچي وئي آهي. مون تي به ڪيس آهن. جن مان هڪ جي ضمانت ٿي وئي آهي. باقي هڪ ڪيس رهيل آهي. اڄ آچر موڪل آهي ان ڪري اڄ جو ڏينهن فوڪٽ ۾... سڀاڻي سومر تي ٿيو ته ٺيندو يا نه ته وري اڱاري تي پڪ سان ضمانت ٿي ويندي.!! سوچيان ٿو ته سمي کي منهنجي لاءِ ايتري پريشاني ٿي وئي ته منهنجي سڦلتا ته ڏاڍي نازڪ دل آهي. اگر ان پنهنجي پتائي جي باري ۾ ٻڌو ته هو جيل ۾ آهي ته ان جي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ سڦلتا اهو سوچيندو رهندو آهيان ته اسان جي دلين ۾ جڏهن ايڏو پيار هو هڪ ٻئي جي لاءِ، ته اسين ڇو رميسا جي ڦنيان ڦچندا رهياسين. ڇو اسان حياتي جا هيترا خوبصورت پل وڃائي ڇڏيا.. ڇو اسان کي ڏٽي سائين ايترو وقت هڪ ٻئي جي محبتن کان اڻ ڄاڻ ۽ پري رکيو. هاڻي هي پيار، هي محبتون شل قيامت تائين قائم رهن. اڄ بجلي 11 بجي صبح کان وئي آهي 2 ٿي رهيا آهن ته نه آئي آهي. مون کي ذرو به سڪون نه آهي. مڇي وانگر ڦٿڪي رهيو آهيان. تنهنجي لاءِ گهر وارن لاءِ ۽ پنهنجي ننڍڙي پپائيتي لاءِ. آزادي آزادي آهي. ۽ قيد ته نسورو نياپڳ آهي. ڇا ڪيان؟ پريشان آهيان. پاڻي به نه آهي. وهنجڻ جي سهولت به

نہ آهي پيئڻ جو پاڻي تنڊو نہ آهي. اڄ سڄو ڏينهن بجلي نہ ڏني. ٿوري دير لڏو ڪيڏيو. وقت تہ جيئڻ ٻيهي رهيو آهي. خبر ناهي تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو؟ پر اميد آهيان نااميد ناهيان. توهان منهنجي لاءِ دعا ڪجو. وري پوءِ ڳالهائيندا سين. هي شعر تنهنجي لاءِ..

**اکين ۾ ٿي ويهہ تہ آءٌ واري ڍڪيان،**

**توکي ڏسي نہ ڏيهہ آءٌ نہ پسان ڪي پيو. شاهہ**

**تنهنجو پتائي..**

**قيدي—لانڍي جيل ڪراچي.**

**Sender: bhattia@yahoo.com**

****

سڦلتا جو صبح سان پتائي ڏانهن اماڻيل موبائيل ميسيج:

Safalta:
Main jewan tere naal, jewan din char pwae, Jewa so sal,
Tere kadmaoo wich mar jaw ate dinya deve msial.
Recived: 09:12AM
09/08/2008

***

پتائي جو سڦلتا ڏي فارورڊ ميسيج:

**”دوستن کان سواءِ زندگيون ۽**

**ويساهن کان سواءِ محبتون**

**بي مقصد هونديون آهن.“ اـــج**

**Sent: 11:48AM**

****

پتائي ڏينهن جي ڪمن، ٿڪاوٽ ۽ الجهن کان بي خوف سڦلتا جي فون جي انتظار ۾ هو تہ فون جي گهنٽي وڳي.. هن فون کنئي: ”سلام محبت جانان!“

”ايڏي دير ڇو ڪيئي فون ڪرڻ ۾، ها پائو جي ڪم ۾ هوس. ان ڪري.“

”هون..“

”پتائي! اڄ جا رشتا ڪوڪلا ڇو آهن؟ پورا.. پورا... ٻاهران سري لڳل ڪاٺ جيان مضبوط.. اندران خالي خالي..!! پوءِ اهي رت جا رشتا سڳا رشتا ڇو نہ هجن: رضا مون سان فون ميسيج تي روز ڳالهائيندو آهي. پڇي وٺندو آهي: ”ادي ڪئين آهين؟“

“پر ڪڏهين پنهنجي سڳي ڀيڻ کان فون ڪري نہ اوريو اٿس: “ڀيڻ تون ڪئين آهين؟ ڪهڙي حال ۾ آهين؟ سندس ڀيڻ ڇري ٿيڻ جي ڪگار تي اچي پهتي آهي!! اِهو ڇاهي؟ ائين ڇو ٿو ٿئي جانان! ڇو ڇو؟”

“سڳلي رشتا رت جا تہ نہ ٿيندا آهن، رشتا تہ احساسن سان جڙندا آهن. احساس ۽ جذبات هوندا تہ غير بہ پنهنجا لڳندا آهن. جيڪڏهن احساس نہ هوندو تہ پنهنجا رت وارا عزيز بہ غير لڳندا آهن ۽ ڪو اُجڪو نہ ايندو آهي. ها جانان تون سهي ٿي چوين..”

“اڳئي ماڻهو سڱابندي ٻڌي ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ ڪندا هئا ۽ اڄ ماڻهو سڱابندي خاندانن ۾ جهيڙا ڪرائڻ جي لاءِ ڪن ٿا.”

“هون.. اڄ جي زندگي ۾ رشتا گهڻو عجيب نہ ٿي ويا آهن، مون کي تہ الائي ڇا ٿو ٿئي سوچي ڪري..؟؟” سڦلي ارمان مان چيو.

روسو اڄ جي زندگي لاءِ چيو هو:

“پراڻي زماني جي زندگي، جديد معاشرن جي زندگي کان بهتر هئي.” جديد زندگي مصنوعي بناوت کان سواءِ ڪجهہ ناهي ۽ اها پنهنجي حقيقي پاڪيزگيءَ ۽ حسن وڃائي ويٺي آهي.”

“روسو ڇا آهي؟”

“روسو.. جان-جيڪس روسو فرانس جو فطرت پسند ڏاهو هو. جنهن صنعتي ترقي ۽ جديد سماج کي ڏاهي فطرت ڏانهن موٽڻ جو سڏ ڏنو هو. تون رڳو خاموش هوندي آهين، مان پيو ڳالهائيندو آهيان.” ڀٽائي ميار ڏني.

“نہ جانان! تون ڏاهو آهين ۽ وڏا وڏا عمده خيال ونڊيندو آهين. مان ٻڌي گد گد ٿيندي آهيان. تنهنجي آواز ۾ غضب جي ميٺاج آهي.” سڦلتا پاپوهہ مان چيس.

“نہ ڙي.. آواز تہ تنهنجو ريشمي آهي. تنهنجي خاموشي تي شعر آيو آ ذهن تي.. عرض ڪيان..”

“ها دلبر ارشاد.. ارشاد..”

ڪتني دلڪش هي اس ڪي خاموشي،
ساري باتين فضول هون جيسي.

“واهہ جانان واهہ... زبردست .. هاهاها.. ” سڦلتا جا خوشي ۾ ٽهڪڙا ڀيڻا ٽيڻا ٿي ويا.

****

To, safaltta@yahoo.com

**تنهنجي ياد سان شروع...**
**ٻڌيو طورسينا اسان جو هنيون،**
**اسان تي لٿون درد جون آيتون. س.م**

سڦلتا چوندا آهن. تہ ماضي ڪڏهن بہ مرندو نہ آهي. انسان ڪيترو بہ ڀڄي، ان جو پيڇو نہ ڇڏيندو آهي. منهنجو ماضي آهي ڏاڍو خراب خراب، ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندو اٿم تہ مونجهارو ٿيندو اٿم، سنپالي ويندو آهيان. محبتون جنهن من ۾ جنم وٺنديون آهن اهو من پاڪ هوندو آهي، نفرت ۽ حسد کان... ان ۾ محبوب جي لاءِ بي پناهہ محبت هوندي آهي ۽ پيون سوچون گهٽ ايندڙيون آهن. ها تہ ڳالهہ پئي ڪيم، ماضي جي تہ اهو ڪڏهن خوبصورت يادن جو روپ وٺي ايندو آهي تہ ڪڏهن ڀيانڪ سوچن جو پاڇو بڻجي پيو ڊڄاريندو ۽ اندر اندر ۾ پيو ماريندو آهي.

پنهنجي ماضي کي نہ سٺو ٿو چوان نہ ئي خراب، ها ان منهنجو گهڻو وقت وڃايو آهي. ان وقت ۾ تہ گهڻو ڪجهہ ڪري وڃان ها. ڪڏهن وري سٺو بہ لڳندو اٿم، اهو سڀ طبعيتن جو دارومدار آهي. زندگي ۾ آيل محبتن جا طوفان ڪجهہ خاص نہ رهيا ۽ محبت ۾ مون سواءِ ناڪامي جي پيو ڪجهہ ناهي ڏٺو.

سو ڇڏ انهن ڳالهين کي، اڄ جيڪو لکڻ وڃي رهيو آهيان ان تي هڪ وڏو داستان لکي سگهان ٿو، ان تي لکڻ جي لاءِ وقت ۽ ڪاغذن جي ضرورت پوندي. هن پن ڪاغذن ۾ جيترو سمائي سگهيم، رميسا جنهن جي اچڻ سان ائين لڳو هيو تہ هن ڪان سواءِ مون کي پيو ڪوئي بہ وڌيڪ پيار نہ ٿو ڪري سگهي، هن پيار ۾ ڏاڍو پيار سان مون کي ڌوڪو ڏنو. هن لاءِ فڪرمند ٿيندو ويس تان جو زندگي فضول لڳڻ لڳي ان ڪان بنا...!! هُن جي لاءِ اهو تماشو هو. شايد هن برقي خط ۾ ڪجهہ ڳالهيون ڀيهر ڀيهر چئي رهيو هجان.

ان ڏينهن جڏهن مون رميسا جي لاءِ توکي ايترو روئيندي ۽ پريشان ڏٺو، مون کي دوستيءَ جو هڪ عظيم مثال ملي ويو ۽ ان دوستيءَ جي عظيم سفر ۾ وڏي عظمت تنهنجي آهي. مون کي ڪڏهن ڪڏهن توتي حيرت ۽ ڪاوڙ پئي گڏ ايندڙيون آهن. تون ايڏي وڏي ڇو آهين؟ تو ۾ ڇو ايڏيون خوبيون آهن. رميسا جي ۽ تنهنجي دوستي جنهن جي باري ۾ تون ۽ رميسا مون کي اڪثر ٻڌائيندا آهيو. اوهان جي دوستي ايڏي گهري هئي! سوچان ٿو، رميسا جڏهن پنهنجي رت جي رشتن کي ڌوڪو ڏئي سگهي ٿي، هوءَ پنهنجي رت جي رشتن جا ڪوڙا قسم کڻي سگهي ٿي تہ دوستي ۽ پيار اهي هن لئہ ڇا هوندا؟؟

توکي جڏهن بہ رميسا جي بابت ٻڌايو تہ ان جي هر ڳالهہ کي وساريل ڪهاڻي بڻائي ختم ڪري ڇڏيو، ڪڏهن بہ هن سان پنهنجو رويو تبديل نہ ڪيو، نہ ئي رنجش پيدا ڪئي، ساڳيو پيار ۽ بهتر روش برقرار رهي. ليڪن اڄ جي دنيا ۾ ڪنهن کي تو جهڙو دوست ملڻ ڏاڍو مشڪل نہ پر ناممڪن بہ آهي. الائي ڇو گهڻن ڏينهن کان توکي هي اي ميل نہ موڪلي رهيو هوس، نيچرلي مونجهہ ٿي پئي هئي، ذهن تي، سوچيان ٿو ڪهڙيون ڳالهيون لکان، ڇا لکان؟ ڪهڙي ڳالهہ لکڻ بهتر هوندي!

رميسا سان تنهنجي پيار ۾ ڪڏهن بہ وڇ ۾ نہ ايندم، ان سان تنهنجي عظمت منهنجي اڳيان اڃان بہ وڏي وئي آهي،منهنجو هي پتر شايد عام قسم جو آهي. ڇو جو پاڻ خاص نہ آهيان. ڇا تون بہ ڪڏهين مونکي هن اي ميل جو جواب لکندين؟ پيو ڇا چوان سوچيم گهڻو لکندس پر الائي ڇو منجهي پيو آهيان.

توکي پاڻ جڏهن منهنجو ايترو فڪر آهي تہ حساب لڳايو تہ مون کي ڪيترو هوندو؟ سقلتا جي بابت ڇا چوان؟ اها تہ منهنجي لفظن کان مٿي اوچي آهي ۽ مان...؟ مان بس سمپل سادڙو آهيان.

رواجي ڳالهيون لکڻ نہ ٿو چاهيان. زندگي تہ اڳ ۾ ئي هنن ريتن رسمن جي ور چڙهيل آهي، جن مان اسان جند ڇڏائي ڪونہ سگهنداسين. ڪاش اهي ريتون رسمون ۽ رواج نہ هجن ها تہ جيڪر پيار ڪرڻ وارا سک سان جيءَ سگهن ها، هاڻ ان شرط سان موڪلاڻي تہ وري جلد ملنداسين. اسان جو پيار تا قيامت رهندو ان سان پڇاڻي، پنهنجو ڌيان رکجان.

**تنهنجو پتائي..**

From: bhattia@yahoo.com

****

فون جي گهنٽي وڄي ٿي. سقلتا جي فون آهي. پتائي فون ڪٽڻ کان ڊڄي ٿو. اڄ سڄو ڏينهن هو ڪمن ۾ مصروف رهيو. هن سقلتا کي جنم ڏينهن جي مبارڪ نہ ڏئي، مصيبت ڳنهي ورتي هئي.

ڊڄي ڊڄي فون کڻي ٿو: "هن مهل تائين مصروف آهين؟"

"نہ ڪم تہ ڪونهي."

"تہ ڇو پيو جاڳين.؟"

"توکي فون ڪرڻ وارو هيس."

"ناهي ضرورت، نہ ڳالهائيندو ڪر مون سان. فون ڪٽيان ٿي پنهنجي سنڀال ڪجو."

"پر ڇو جانان! منهنجي وهنوار ۾ ڪا ڪمي ٿي ڇا؟"

"نہ بس ننڊ ٿي اچيم." فون ڪٽجي وڃي ٿي.

پتائي وري فون ڪري ٿو، گهنٽي وڃي ٿي، پر فون نہ ٿي کڄي، ڪٽجي وڃي ٿي. پتائي هن کي ميسيج ڪري ٿو: "مان مڃان ٿو، منهنجي غلطي آهي، مون کان تنهنجو جنم ڏينهن وسري ويو پر توهان تہ نہ وسريا آهيو نہ وسرندا." پتائي کي رضا فون ڪري ٻڌايو تہ تون سقلتا جو سالگرهہ ڏينهن ڀلجي ويو آهين.!

"اهو تہ ڪو ڊرامي يا فلم جو منظر ٿي ويو جو مون کان تنهنجو حقيقت ۾ جنم ڏينهن وسري ويو، حيرت آهي!"

"هل هاڻي هل رولٽا.. توکي ڪهڙي پرواهہ.." سقلتا جو جوابي ميسج.

هاڻي هوءَ گهڻ منٽن ايلازن ۾ عازي نيازين سان ٻه نه ڳالهائي رهي هئي. آسمان ۾ چوڏهين جو چنڊ ائين ڪڙيل هو. جيئن ستارن جي جهرمٽ سان سجيل آسمان ۾ ڪو وڏو سيور ٻري رهيو هجي. سڦلتا جي مرڪ جون بجليون بار بار فون تي ٻڌڻ ۾ پئي آيون. پوءِ ٻه هوءَ ناراض ضرور هئي. پتائي هر هر معافي تي گهريس. ان تي هن کي سنو لڳي رهيو هو.

"اڄ ڪاش! توسان تنهنجو جنم ڏينهن ملهائي سگهان ها!" پتائي حسرت مان چيو.

"ها جانان! پر تون ڪنو رلٽو آهين. حيدرآباد ويٺو آهين."

"ها جانان" پوءِ محبتن ۾ مٺين جي ڏي وٺ تي. رات گذري رهي هئي. پتائي تي سڦلتا کي ٻڌڻ ۾ عجب سُرور ۾ سکون واري ڪيفيت طاري ٿيندي پئي وئي.

"جانان، ڪريم مقصود جو دوست هوندو هو. هُو اسان جي گهر ايندو هو. مقصود ۾ اسان ڪڏهن هن کي ڊاراٿپ محسوس ٿيڻ نه ڏني هئي. هو جڏهن ٻه ايندو هو. در ڪڙڪائيندو هو، مان در تي ويندي هئم، مون کان پڇندو هو: "سڦلتا مقصود آهي؟" هن جون اکيون هميشه جهڪيل هونديون هون. هو ڪڏهن ٻه نگاهه مٿي ڪري نه ڳالهائيندو هو. اسان، مان ۾ رميسا جڏهن اسڪول وينديون هيوسين. ته ٻه اگر گهٽي ۾ نظر اچي ويندو هو ته هن جا نيڻ سدائين زمين کي سجدا ڪندا ها، بجاءِ اسان جي جسم تي پوڻ جي... مان جڏهن چوندي هيس، نه ڪريم مقصود ٻاهر ويل آهي. هو انهن ئي پيرن تي واپس ٿيندو هو. مٿي نظر نه ڪٽندو هو. مان پڇي اچي امان کي چوندي هيم، "امان.. امان..! ڪريم ڪيڏو نه اخلاق وارو ڇوڪرو آهي نه.. امان چوندي ڇو امان ڇا ٿيو؟ چوندي هيم: امان ڪريم هميشه نگاهون زمين تي رکي ڳالهائيندو آهي. امان ٻه هن جون تعريفون ڪندي نه ٿڪبي هئي."

خاموشي....

"ڇا ٿيو چپ ٿي ويا؟" سڦلتا پڇيو.

"ها توکي ٻڌان پيو.." پتائي چيو..

"ننڊ ٿو ڪرين..؟"

"نه نه ننڊ نٿي اچيم، جانان! ڏاڍو شرمسار آهيان."

"ڪا ڳالهه ناهي منهنجا دلبر جاني.." سڦلتا پيار مان چيس.

هنن جون ڳالهيون ڪٽڻ جون ئي نه هون. رات ڪٽندي ڪٽندي باقي وڃي بچي هئي. هو ٻئي ائين گفتگو ۾ محو هئا جڻ اجهو ئي فون ملايو اٿن ۾ پوءِ ڪيڏي مهل رات جي آخري پهر ۾ سڦلتا کي ڳالهائيندي ننڊ وٺي وئي. پتائي ٻه پاسو ورائي فون ڪٽڻ بنا ئي ائين سمهي پيو، پاڻ کي اهيو محسوس ڪرائيندي ته هوءَ ان سان گڏ ستي پئي آهي.

**

ٻتائي پنهنجي لائبريري واري ڪوٺيءَ ۾ صوفي تي ڪمبل ويڙهيو پيو هو. پوري ڪوٺيءَ ۾ هن ڪي سقلتا جو ريشمي آواز پرندي محسوس ٿي رهيو هو. سقلتا پنهنجي گهر جي ورانديءَ ۾ اڪيلي کٽ تي سوڙ ۾ سونگڙي پئي هئي. پرسان وارن ڪمرن ۾ گهرڀاتي سمهيا پيا هئا.

“ٻتائي مون ڪي ڏاڍو ڏڄ ٿو ٿئي؟ سيءُ به گهٽو ٿي رهيو آهي.”

زونگ موبائيل جي رات واري پئڪج ۾ ٻئي ڳالهائي رهيا ها. ٻنهي جي ڪنن ۾ هيڊفون پيل هو. پهرين ته ٿڌن ساهن ۽ لڙڪن جو سلسلو هليو. پوءِ ٻڳل ٽٽل فقرا ۽ تنهن کان پوءِ اڌورا سوال جواب ٿيا.

“اها محبت ڪهڙي جيڪا بد دعائن عيوض ملي.” ٻتائي ٿڌو شوڪارو ڀريو. سقلتا ڳالهائيندي رهي.

“ڇا اسان سڀن جون بددعائون وٺي پنهنجو پيار حاصل ڪري خوش رهي سگهنداسين. پيار ته خوشي جو پيو نالو آهي.”

“سقلي تنهنجي پيار مون ڪي ڪلڻ ۽ روئڻ سان گڏ جيئڻ به سيکاريو آهي. پوءِ آءُ هن زندگي، پيار کي ڪيئن ختم ڪري سگهندس. ڇا جن جا اخبارن ۾ اٿ اٿ فوٽو اچن ٿا. اهي خوش رهي سگهندا هوندا. سنڌي ڇوڪري پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ڀائرن جي عزت جو سودو ڪري پنهنجو پيار حاصل ڪري خوش رهي! اهو ڪڏهن نه ٿي سگهندو؟”

“ساهه! مون ڪي سنوارڻ ۾ تنهنجو وڏو هٿ آهي. اها سونهن، سوڀيا، اهو عشق جو درد ۽ فراق، اهي هجر ۽ وصل جون ساعتون، اهي راحتون، اهي سڙڻ ڀڇڻ جا تجربا... انهن کي ڪيئن وساريان. اهي سانڀرون ڪيئن ختم ڪيان؟ ان جو حل هڪ ئي آهي آءُ پاڻ کي ختم ڪيان.”

“ٻتائي پيارا.. عشق موت کان وڌيڪ زروار آهي.”

“مون کي بدنام محبت نه گهرجي! محبت اها هجي، جنهن ۾ سڀن جو دعائون هجن، مائٽن جون بددعائون وٺي اسين ڪڏهن مسرتون نه ماڻي سگهنداسون.”

“محبت دماغ جو خلل آهي ۽ ان خلل جو هڪ ئي علاج آهي، محبتن جي حاصلات. باقي محبت ڪڏهن به ريتن رواجن جي غلامي نه ڪئي آهي، جي ڪندي ته اها محبت نه هوندي.” ٻتائي ڇئي چپ ٿي ويو.

“جانان! انهن جون اکيون ته نه وهنديون آهن، جن جا ڳوڙها ڪوئي پيئندو آهي. منهنجا لڙڪ به تون ڪڏهن هيٺ ڪرن، ان کان اڳ پنهنجي چپن جي پاڪرن ۾ ڀري ڇڏيندو هيئن.!”

“جڏهن به منهنجي اکين جو سنڌو وهندو هو تنهنجا چپ بند ٻڌجي ويندا هئا، منهنجي لڙڪن اڳيان.”

“پوءِ ڇو منهنجي نيڻن مان اڃا به لڙڪن جو آب ختم نه ٿو ٿئي.” سقلتا تڙپندي ڇيو.

هُو چپ هو، جهڙو رات ۾ ڳوٺ خاموش هوندو آهي.

“ڇا جي لاءِ مان روئان ٿي ٻتائي.!” هوءَ ڦتڪندي چوندي رهي.

“چو آخر منهنجا ڳوڙها رڪجندي نٿا رڪجن!؟” مان ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان؟ قسمت تي... توتي.. ابي امان تي.. يا پنهنجو پاڻ تي.. جيڪو توکان مون کي الڳ ڪري رهيو آهي.!” سقلتا ائين چئي وڏو سڏڪو ڀريو ۽ پوءِ ڊُڊڪر ڀري روئڻ لڳي، پتائي ٿڌو ساهہ ڀريو.. ۽ بہ ٿلها ڳوڙها سندس ڳلن تان رڙهندا ڪمبل ۾ ڪري پيا، جن کي ڪمبل چوهي لڪائي ڇڏيو.

“ساهہ! ٻڙيڙيا پلي ٿوري دير لاءِ جئيندا آهن، پر درياهہ ۾ سپ ڪان اوچا ۽ مٿي ويندا آهن.”

“محبت، موت، حسن ۽ زندگي...! اهي ڳجهارتون ڪڏهن نہ پيڇٽيون آهن، ڪير نہ ٿو سمجهي سگهي تہ محبت ڇا آهي؟ ان جو معراج حاصل لاحاصل، لامتناهي.. سپ اورڻ اهوئي آهي جيڪو توهان هن پل ڳالهايو پيا..”

سقلتا مسلسل روئي رهي هئي. پتائي جي من ۾ آريون وهي رهيون هون. موبائيل جي بئٽري بہ موڪلائڻ تي هئي، هن سقلتا کي چيو “منهنجو قسم اٿئي رؤ نہ، ڳوڙها اگهہ..”

سقلتا روئڻ بند ڪري هُن کي چميون ڏيندي رهي... موٽ ۾ پتائي بہ چمين جي آوازن کي وڌائي ڇڏيو ۽ فون هلندي هلندي اوچتو بند ٿي وئي.

****

سقلتا جي هٿن پيرن کي ميندي لاتي وئي هئي. صبح جو هن جي ڄڄ ايندي. سقلتا ۽ پتائي جي محبت جو اهو آخري انجام هوندو. جيڪو هميشہ پيار ڪرڻ وارن سان ٿيندو آيو آهي. سقلتا جي شاديءَ ڪري گهر ۾ سڀئي گهٽي ڪم ۽ جاڳڻ ڪري اونگهہ لڳا پيا هئا.

هن پتائي ڏانهن فون ڪئي.

“جاڳين پيو؟”

“ها هاڻي ننڊون حرام هونديون.” وڏو سڏڪو ڀيٽندي پتائي چيو.

“تون هينئر چؤ مان هن محل توڙي اچڻ لاءِ تيار آهيان.”

“نہ سقلي هاڻ دير ٿي چڪي آهي ۽ آءُ رسمن ۽ رشتن ۾ اڳ ۾ ئي ڳنڍيل آهيان.”

“پو تون روئين ڇو ٿو؟”

“مونکي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي مان ڇا ڪيان؟ منهنجو دماغ ڦاٽي پوندو، مان زهر کائي مري ويندس.”

“تون مون کي پنهنجو نہ ڪيو پتائي!”

“آءُ پنهنجو ئي نہ رهيو آهيان ساهہ..”

“تون ڪنو آهين، توکي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو. مان ان گهر ۾ ڪئين رهي سگهندس.! اهو گهر نہ پر جهنم آهي. پتائي هي سڀ ڇا ٿي ويو؟؟؟”

“ڏينهن رات ۾ 24ڪلاڪ ٿين ٿا، اڄ جي مصنوعي دؤر ۾ هن ملڪ ۾ ماڻهو جي وڏ ۾ وڏ عمر 60 سال ٿئي ٿي. 60 سالن ۾ 30 سال راتيون 30 سال ڏينهن...!! راتيون تہ ماڻهو سمهي موت جي آغوش ۾ گذاري ٿو. باقي 30 سال ڏينهن بچن ٿا. انهن 30 سالن ۾ پڙهڻ ۽ ننڍپڻ ۾ 18 سال اُڪري وڃن ٿا، پوئتي ماڻهو وٽ ڇڪي ڇڪي 12سال بچن ٿا...”

“جتي زندگي جا هي هيترا سال گذري ويا آهن تہ هي ڏينهن بہ ڪتجي ويندا.. جانان.”

“پتائي”

“جيءُ”

“تون ڪڏهن ڪمزور نہ ٿجان، منهنجي پتائي جي پارٽ اٿئي! ان کي خوش رکجان.”

“ها خوش نہ پر ٺيڪ رکندس.”

“س..سرهہ... سڏڪڻ جا آواز.. “پتائي هڪ ڳالهہ پڌايان ناراض بہ نہ ٿجان، ڏک بہ نہ ڪجان.”

“جيءُ جانان.. ڏک ڪهڙو بہ هجي مون کي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندو.. تنهنجي جدائي جو ڏک سڀن کان ڳورو هوندو.”

“پتائي.. مون پنهنجون پينٽنگز ڪيڏي رکيون آهن، جيڪي سپاٽي رميسا توڏي ڏياري موڪليندي. مون پنهنجا سڀ رنگ نلڪي ۾ هاري، برش پيچي ٽڪرا ٽڪرا ڪري رديءَ جي ٽوڪري ۾ اڇلي ڇڏيا آهن.”

...... خاموشي...

...... گهري خاموشي....

پتائي سڏڪا ڀري ڀري ساٿو ٿي پوي ٿو..

“توکي تہ خبر آهي جنهن گهر ۾ مان وڃي رهي آهيان، اتي ڪتاب، قلم ۽ برش جي ڪا اهميت، ڪا جاءِ نہ آهي. منهنجي زندگي هاڻ ختم آهي، مان ختم آهيان صفا.. تو بنا مان اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪري سگهندس.”

“مون کي پيگل برش بہ گهرجن..” پتائي روئيندي التجا ڪئي.

“ڪاڏي ڪندين يار..”

“ساهہ ۾ سانديندس..” ۽ پينٽنگز جيڪي اسان شاديءَ کان بعد پنهنجي گهر ۾ هڻڻ چاهيون هون، اهي بہ ڦاڙي ڇڏيون.. تون گهڻو زور ڀريو هو ان لاءِ پنتنگز نہ ساڙيم.”

“مان اهي فريم ڪرائي پنهنجي ڪمري ۾ لڳائيندم.”

“مان تہ نہ هونديس نہ..” سڦلتا هاراپل انداز ۾ چيو..

“مون کي سيءُ ٿو ٿئي پتائي! مان سمهان ٿي.”

”تون ڀلي سمهه جانان، مان سمجهي نه سگهيو هيس توکي..“ اها رات ڀٽائي تارا ڳڻيندي.. اونداهه ۾ روشني ڳوليندي، زندگي کي ٻئي پاسي موڙڻ جا رستا ڪڍندي گهاري هئي.

****

اسين درد جي
ان ديس
جا رهواسي آهيون
جن وٽ ونڊ ۾
خوشين جي بڇيل
اها
پاڇي به ناهي!
جنهن تي
ڪنهن جو ڪوڙو لڳي!!

ان شام رضا جي ڪال آئي هئي. ان ڪان اڳ ۾ هن سڦلتا بابت Chatting پئي ڪئي.

”ادي سڦلتا گريٽ آهي. هن جا جذبا، هن جو پيار، سچو پوتر آهي.“ هڪ ڳالهه چوان ڀٽائي!“ رضا اجازت گهري هئي.

”جيڪڏهن مون کي ادي سڦلتا توکان اڳ ۾ ملي ها ته ان سان شادي ڪري ڇڏيان ها. سوري- پر مان چئي ويس پنهنجي دل جي ڳالهه... پوءِ به مون کي فخر آهي ته هوءَ منهنجي ادي آهي.“ اهو پڙهي ڀٽائي تي سڪتو طاري ٿي ويو هو.

”هان- هون -“ ڪري هو نٽائي ڇڏي ٿو.

”پيو چوڪرا! ادي سڦلي رابطو ڪندي اٿئي نه...؟“ رضا هن کان پڇي ٿو.

”يار! اسان جي سماج ۾ عورت جي جواني جو سفر ويم گهر تائين هجي ٿو. باقي واري زندگيءَ ۾ سواءِ عذابن جي ڪجهه ئي ڪونهي!“ ڀٽائي چوي ٿو ۽ چپ ٿي وڃي ٿو.

“عيسائيت چوي ٿي: <پاڻ کي ٻين جي لاءِ، ٻين خاطر وساري ڇڏيو.> تون به ائين سمجهه هوءَ خوش آهي ته تون به ان جي خوشيءَ ۾ راضي رهه.”

“اها ئي ڪار رضا توسان ٿئي ته پوءِ..؟”

“متان آءُ برداشت نه ڪري سگهان.”

“پوءِ مون کي برداشت ڪرڻ جي لاءِ ڪئين پيو همٿائين.؟” پتائي کي رضا جون ڳالهيون صفا نه آئڙين ٿيون ۽ هن کي شادي واري ڳالهه هضم نه ٿئي ٿي. چارج جو بهانو ڪري هو فون ڪٽي ڇڏي ٿو.

****

سڦلتا جي شاديءَ ڪان محبتن جي ورڇ ٿي چڪي هئي.

سڦلتا جون ترجحيون بدلجي رهيون هون، هوءَ پتائي جي نه پر لوڪ رڪا، سماج ۽ ماڻهن جي پرواهه ڪندي هئي. پتائي سڦلتا جي شادي بعد چوندو: “سڦلي منهنجي نه رهي آهي. هن پاڻ کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هڪ حصو منهنجي لاءِ ۽ ٻيو حصو مهدي لئه...”

سڦلتا جڏهن به فون تي پتائي سان رابطو ڪندي ته ٻئي سواءِ روئڻ ۽ سڏڪڻ جي ٻيو ڪجهه نه ڪري سگهندا.

“سڦلي توکي رشتن جا زنجير جيئن پوءِ تيئن جڪڙيندا مضبوط ڪندا پيا وڃن، مان توکان ڏور ٿيندو پيو وڃان.”

“توکي چيو هو، مجبور آهيان، مون کي رشتا نڀائڻا پوندا..” سڦلتا ٻيوسيءَ ۾ چوندي روئيندي رهندي.

“تون پاڻ ئي مون کي پاڻ کان ڏور ڪيو. اسان جي محبت جي ورهاست ڪري تون ان وقت ڪنهن به لحاظ کان مايوس نه هئين.”

“هي مون ڇا ڪري ڇڏيو، مون کان غلطي ٿي وئي، پو ڇا ٿيندو؟ تون واپس اچ يا طلاق وٺ.. ته شادي ڪريون..” پتائي رانياٽ، پروڙت ڪندي چيس..

“تون رؤ نه، مان تنهنجي آهيان، طلاق وٺندس، مون کي به پريشان نه ڪر نه روئار.. پاڻ کي سنڀال جانان!”

هوءَ دلاسو ڏيندي پوءِ هلي ويندي. هن جي زبان تي رڳو مهدي جو نالو هوندو هو. هر ڳالهه ۾ مهدي اچي ويندو، مهدي لاءِ ماني موڪليان، مهدي جا ڪپڙا استري ڪيان.. وغيره

سڀ شيءِ سقلتا لاءِ نارمل هئي. جيئن ڪجهہ ٿيو ئي نہ هجي! وڪري ويو هو تہ پتائي. اهو پتائي جنهن جي وجود ڪي سقلي ميڙي سيهڙي جوڙيو هو. اهو وري ان جي ڪمن ۾ ڳالهين تي ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيو هو. عذاب ۾ دوزخ هو تہ پتائي لاءِ، هوءَ تہ سڀ قبول ڪري چڪي هئي. پتائي جو ذهن اجا تسليم نہ ڪري رهيو هو.

مهدي جڏهن بہ سقلتا سان وڙهندو، هوءَ ننڍ پتائي کي فون ڪندي ان کي پٽيندي...

ان منجهند سقلتا جي فون آئي. پتائي سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي چوڻ لڳي:

“مهدي تنهنجي سوچڻ سان ملندڙ جلندڙ سوچ جو مالڪ آهي. پتائي! تنهنجي ۽ مهدي جي خيالن ۾ ڪيتري نہ هڪ جهڙائي آهي، هن کي اهو ئي پسند آهي، جيڪو توکي پسند آهي.” پتائي پڇرندي بہ ٻڌندو رهندو.. ڳوڙها وهندا موبائيل ۾ پوندا تہ هو ڇرڪي ويهي رهندو.

“جيئن توکي سنڌ ڌرتيءَ سان عشق آهي ۽ سوچيندو آهين، چوندو آهين پهريان ديس پو پيون ڳالهيون.. مهدي کي بہ تو وانگر پويان پاڪر پائڻ پسند آهي. جيئن تون پاڪر پائي چوندو هئين: “سقلي هي انداز مون کي بي حد وڻندو آهي. مان تو کان پڇندي هيم: “توکي ائين پاڪر پائڻ ڇو وڻندو آهي.؟”

“تون چوندو هئين: ڇو جو ان پل، ان پاڪر سان تنهنجو سڄو وجود منهنجي پاڪرن ۾ هوندو آهي ۽ تون صرف ئي صرف منهنجي هوندي آهي.”

پتائي ايترو جواب ڏنو، “ها جانان.”

سقلتا جي انهن روين سبب هن جي اندر ۾ دردن جا گل ٽڙي پيا هئا. درد جي خوشبو سان سڄو وجود واسجي ويو هيس. پر انهن درد جي گلن جي خوشبوءَ سقلتا کي محسوس نہ ٿيندي هئي. سقلتا مهدي ۾ پتائي کي ڳولي رهي هئي ۽ پتائي هن کان کسڪي رهيو هو، اهو شاديءَ جو دستور هو.

پتائي سڏڪا پئي پريا... فون بند ٿي وئي. پريان آواز آيو هو. “مهدي آيو آهي..” پتائي منهن ڌوئي پنهنجي منهن چوڻ لڳو:

**“جيڪي ڏنائون سو، سر ڏيئي سهہُ جندڙا..”**

****

مينهن ڪٽيون جسم جو ٻاهريون حصو پچائينديون آهن ۽ پيار جسم جو اندريون حصو آلو ڪندو آهي. پيار ۾ اکيون پسي وينديون آهن، تہ محبوب جي بي رخي ۽ بي پرواهي تي دل بہ رت روئيندو آهي. جنهن سان جسم جو اندريون حصو پسي ويندو آهي.

ماڻهو غلط فهمي جو شڪار ڪئين ٿيندا آهن؟ بلڪل ائين جيئن پتائي سڦلتا جي شادي ڪان پوءِ به اهيو سوچي رهيو هو ته هوءَ هن جي ٿيندي! وقت ڦيرو ڪائيندو، پتائي جون غيرضروري اميدون ۾ آسون هن جون وڏيون دشمن ٿي ويون هون. جيڪي هن ڪي سمجهه ۾ نه اچي رهيون هون.

پيار ۾ عورت هميشه دوڪانداري ڪان ڪم وٺندي آهي ۽ مرد ڪنهن بي سمجهه وائڙي گراهڪ جيان هر دوڪو خريدي برباد ٿيندي به خوش هوندو آهي. سڦلتا سمنڊ وانگي هئي. ان جي هر چولي پتائي ڏي اچڻ چاهيندي هئي، پتائي جو بدن ان چولي ڪي ٿر جي واريءَ جيان چوهڻ چاهيندو هو، پر اهو سڀ ممڪن نه هو حالتون بدلجي چڪيون هيون، وقت وڏو ڦيرو ڏي مات ڏئي ويو هو.

اها ڊسمبر جي چٽي منجهند هئي. پتائي پنهنجي مطالعي ۾ محو هو، ته سڦلتا جو ميسيج آيس..

safalta:
Pakge kry call kaya?
05-12-2008

هن جيئن ئي فون ڪيو پتائي ڪئني.. ٻئي پاسي ڪان سڦلتا جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. هوءَ ڊڪر ڏي روئي رهي هئي.

”ساهه ڇا ٿيو؟“ پتائي پريشان ٿي پڇيو.

”مهدي ڪلهه رات مون ڪي ٿڦ هئني، منهنجي ڳل تي ڳاڙها، ڪارا نشان ٿي ويا آهن.“ هوءَ ڳالهائي گهٽ روئي گهڻو رهي هئي.

”مهدي جو توسان ڪڏهن پيار نه هو ۽ نه آهي!! هن بس توکي ائين چيو هو ته هُو توسان پيار ڪري ٿو، ڇو جو ان جي زندگي ۾ ڪا ڇوڪري نه هوندي. هُو توکي پنهنجي زندگي ۾ آڻڻ چاهيندو هوندو. ۽ اڄ جي دؤر ۾ لازم ٿي ويو آهي ته توهان ڪي هڪ اڌ گرل فرينڊ هجي، موبائيل فرينڊ هجي، نه ته ماڻهو احساس ڪمتري جو شڪار رهي ٿو.“

”هُن مون ڪي چيو هو مان توکي خوش رکندس، تنهنجي اکين ۾ لڙڪ اچڻ نه ڏيندم، اڄ چوي ٿو مڙس سان ائين ڳالهائبو آهي ۽ .....!؟؟ سڏڪندي هوءَ چپ ٿي وئي.

”چوڻ سان ڪجهه نه ٿيندو آهي، جيسيتائين توهان ڪنهن ڪي دل سان قبول نه ٿا ڪيو اهو پيار ڪهڙو ٿيو جانان!“

”تون مهدي ڪي چيو منهنجي والدين ڪان رشتو گهر. بس مهدي اهو ڪيو، جيڪو تون ان ڪي چيو، باقي ته هُن توسان ڪهڙا پيار جا قسم ڪنيا هئا، ڪهڙا خواب ڏنا ها تولئہ؟ پيار جا اهي لمحا.. هن توکي ڪهڙو وقت ڏنو آهي؟ جيڪو توکي شادي ڪان اڳ ۾ به نه ڏيندو هو. هن توکي ڪهڙي اهميت ڏني آهي؟“ پتائي ڳالهائيندو رهيو.. هوءَ چپ ڪيون ٻڌندي رهي.

”ڪي ماڻهو اندر ۾ ڏاڍا ضدي ٿيندا آهن. پنهنجي ڳالهه ڪي سهي ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه ڪري ويهندا آهن. مهدي جو توسان پيار صرف جنسي خواهش پوري ڪرڻ هو. باقي هن جو حقيقي پيار توسان نه هو. تون ته هن جي نفسياتي خواهش جو ضد ٻڻجي چڪي هئين. هن اهو ضد پورو ڪيو. ڪنهن

بہ طريقي سان، هن توکي جهڪائي وڌو، پوءِ معطمن ٿي ويو. ۽ اطمينان سان پنهنجي ڪمن ۾ لڳي ويو. تو هن لاءِ هڪ فارملٽي آهين.”

فون ڪٽجي وئي، روئڻ ڪري پتائي جو آواز ڳرو ۽ اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون هون. “هن پڌائڻ بہ ضروري نہ سمجهيو ۽ فون ڪٽي ڇڏي..” پتائي پڻڪيو ۽ سڦلتا ڏانهن پيغام اماڻي ڇڏيائين..

**تون چنڊ ڇيو جنهن ڪي، سو چنڊ پري آهي،**

**امداد پري ڪان ئي ديدار ڪري ڇڏجان!**

**Sent: 1:23PM-05-12-2008**

###

پتائي! اڄ مهدي مون کي گهر کان ٻاهر اماڻي ڇڏيو هو. آءُ سڄو ڏينهن امان جي گهر هئم.”

“ڇو ڇا جي ڪري؟”

“هو هفتي ۾ هڪ ڏينهن موڪل ڪندو آهي اڄ هن جي موڪل هئي ڪم جي.”

“جڏهن سج لهڻ ڪري دير ٿي ۽ هن جو نمبر بہ نہ لڳي رهيو هو آءُ پاڻ گهر هلي آيس.

“ڇا؟ پنهنجي گهر اچڻ لاءِ بہ پڇڻ جي اجازت هوندي آ ڇا؟”

در ڪليل هو پر ڪمري جو در پيڪڙيل هو. مون در کي ٿڏو هڻي کوليو...

هوءَ روئي پئي... ڪي گهڙيون وهامي ويون...

پتائي پڇي ورتو “پوءِ ڇا هو پڌاءِ؟”

“مهدي ۽ ان جو ساٿي الف هئا...! ۽ اتي هن مون کي بجا ۽ گاريون ڏيڻ شروع ڪيون...”

.....

“مهدي Sodomite آهي. هڪ تہ هو لواطت ڪري رهيو هو شرم بجاءِ گاريون...؟”

“ها جيون ۾ ايڏي گهٽتائي مون ڪڏهن محسوس نہ ڪئي آهي. هو ڇوڪرو بہ مون اڳيان الف بيٺو هو مهدي نشي ۾ الائي دنيا جون سڀ بي حيايون ڇئي رهيو هو...”

“ Sodomy ـ هڪ خلاف فطرت عمل آهي. اهو بہ گهر ۽ گهر واري ...” اهو بنهہ هڪ ذاتي شيءَ آهي. پر ان جا اثر اسان جي زندگين تي گهرو اثر وجهن ٿا.”

سڦلتا ندامت ۾ فون ڪٽي ڇڏي.

###

“سقلتا! تون واپس هلي اچ ته شادي ڪيون. مان رهي نه ٿو سگهان. اسان جيڪو رچيو هو ته سڀ خوش رهندا. اُهو اسان جي منشا موجب نه ٿيو. جڏهن اهو سڀ نه ٿيو ته تنهنجو ۽ منهنجو الڳ رهڻ فضول آهي. سڀ ڇڏي هلي آ.. هاڻي ڪو ڏڳ پيو آهي ئي نه...!! پتائي فيصلو ڏيندي چيو.

“پتائي اِهو سڀ آسان نه آهي! پڇي هلون؟” سقلتا سوال ڪيو.

“پڇي هلڻ ايترو سؤلو نه هوندو سقلي. سڌي رستي تون طلاق وٺ... تنهنجي زندگي ۾ اهم ڪير آهي؟”

“تون وڌيڪ آهين پتائي ۽ منهنجو توسان اهُوئي پيار آهي. پر مان ڇا ڪيان؟”

“طلاق وٺو.. طلاق..”

“مان طلاق جو چوان ٿي ته هُو پسٽل ڪڍي ويهي ٿو ۽ چوي ٿو مون کي مار يا توکي مرڻو پوندو. پوءِ طلاق جي ڳالهه ڪر.. پتائي هي انسان نارمل نه آهي. سڀ چون ٿا مهدي نارمل آهي پر مان ڪنهن کي ٻڌايان، منهنجي ڳالهه تي ڪوئي يقين نه ٿو ڪري!! مهدي بلڪل عجيب روش جو مالڪ آهي. آءُ برباد آهيان.”

“پو اهڙي انسان سان رهڻ جو ڪو مطلب يار تون ان کي ڇڏي ڏي نه..”

“ڪيئن ڇڏيان، سڀ مون کي غلط ٿا سمجهن سهٽا ۽ روجي جو ڇا ٿيندو؟”

“طلاق.. پوءِ اها توکي ملي ٿي ته ان کي پاڻ وٽ رکنداسين يا بس پنهنجي پيءُ سان هجي!”

“مان ائين ڪيئن هن کي ڏيندم، ان کي اڪيلو ڪيئن ڇڏيندس ۽ طلاق بعد مون کي ڪڏهن نه ڏيندا.”

“پلي نه ڏين. توکي روجي وڌ ٿي وئي آهي ڇا؟”

خاموشي...

“ها جواب ڏيو توهان کي روجي...” پتائي جي نڙي ۾ لفظ اٽڪي پون ٿا.

“روجي مون کي وڌيڪ عزيز آهي. هاڻي منهنجي زندگي هي آهي. مان واپسي جو ڪجهه نه ڪري سگهندس.. تون سمجهين ڇو نه ٿو؟..”

“هان.. پوءِ ته ڪجهه ڳالهائڻ لاءِ بچي نه ٿو..!”

خاموشي ڇانئجي وڃي ٿي... چند گهڙين بعد فون ڪٽجي وڃي ٿي.

پتائي سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو.. ماءُ جي اولاد لاءِ محبت روحاني احساس هجي ٿي. جيڪو هن ٻڌو هو ته ماءُ جي محبت دنيا جي هر محبت کي مات ڏئي ٿي. اهو پنهنجي اکيان ٿيندو ڏسي ٿو. هڪ مڙس، هڪ زال هڪ پيرو ميلاپ ڪن ٿا. انهن جا روح به ان وقت ملن ٿا. يا مان به هڪ مرد ۽ سقلتا هڪ عورت ڪجهه گهڙين لاءِ ئي ملون ٿا ۽ انهن ڪجهه گهڙين ۾ اسين هڪ ٿيون ٿا. پر ماءُ ۽ اولاد جو رشتو ته ڳرڀ ۾ 9 مهينا اندر رکڻ جو آهي. اولاد هڪ ماءُ جي وجود جو اٽوٽ حصو ٿي وڃي ٿي.

گهر وارو يا محبوب بہ تہ جسم جي سطح تائين ملن ٿا ۽ ڪجهہ ساعتون ميلاپ هلي ٿو. اهو جيڪو تعلق ماءُ جو اولاد سان جڙي ٿو. اهو نہ تہ مڙس سان جڙي سگهي ٿو نہ اهڙو رشتو محبوب يعني مون سان ٿيڻ ممڪن آهي. اهو ڪڏهن بہ ٿي نہ ٿو سگهي. اولاد ماءُ سان گڏ ساهہ کڻي ٿي، کاڌ خوراڪ هڪ هجي ٿي، رت ست هڪ ٿين ٿا، پوءِ ماءُ ۽ اولاد ۾ ڪو مفاصلو نہ رهي ٿو. جيڪو مڙس ۽ محبوب ۾ رهي ٿو. مان تہ هُن کان گهڻي مفاصلي تي ٿي ويو آهيان. ڪيڏيون وڇوٽيون پئجي ويون آهن. هوءَ پنهنجي وجود جي حصي کي ڇڏي مون ڏي ڪيئن ٿي اچي سگهي!؟ ڪو بہ محبوب يا عاشق ماءُ جي تڪميل نہ ڪري سگهندو. ماءُ جي گهري رشتي جو جيڪو هن جو اولاد سان ٿئي ٿو اهڙو ڪو بہ عاشق اوهڙو جذبو نہ ٿو جاڳائي سگهي. ماءُ بڻجڻ هڪ اعليٰ ترين معظمن هجڻ جو مرحلو آهي.

سڦلتا جي ماءُ بڻجڻ سان جنس ۾ دلچسپي گهٽجي چا.. پر رهي ئي نہ هئي! هن پنهنجي وجود ۾ جنهن کي 9 مهينا پاليو هو سانڍيو هو، ڌڙڪنن ۾ سمايو هو، سڦلي تون منهنجي محبت جي نشي کي هوا ۾ ڌوڙ جيان اڏائي ڇڏيو هو. ها تون ممتا جي نشي ۾ انڌي ٿي وئي هئين. اولاد مڙس لاءِ بہ ڪو خاص ڇڪ جو سبب نہ هجي ٿي! ڇو جو ان جي وجود جي بناوت ۾ ان جو ڪو ايڏو عمل دخل نہ هجي ٿو. مان تہ وري بہ هڪ عاشق هئم. مون کي تہ روجي جي لاءِ ڪا نفرت ڪا چڙ نہ هئي. پر ڇڪ بہ تہ نہ هئي! مان تہ بس سڀ سمجهي رهيو هوس. سڀ ڳالهيون جيڪي تون دل تان لاهي ڇڏيون هون.

مون کي الائي ڇو ائين لڳي رهيو هو تہ اسان جي محبتن جو بنياد جنس هئي ۽ تنهنجي ماءُ بڻجندي ئي اهي بنياد ڊهي پيا ها. ماءُ بڻجڻ بعد جيڪي رمزون تون ۾ نروار ٿيون هون اهي پنهنجي محبت جون دشمن ٿي بيٺيون هون. اسان جي محبت جنس جي ڪشش ختم ٿيندي هڪدم هوا ٿي وئي هئي.

مغرب ۾ تہ عورتون شادي نہ ٿيون ڪن اگر ڪن بہ ٿيون تہ ماءُ بڻجڻ کان نابري واري ويهن ٿيون. ڇو تہ ان سان سندن جنسي ڇڪ ختم ٿي ويندي.

هڪ عورت ماءُ بنجي ايڏي پرسڪون ڇو ٿي وڃي ٿي؟ شايد عاشق جي جنسي رشتي کان، يا محبت کان اولاد جو رشتو اٽنت ٿي پوي ٿو. هوءَ مون کي اڦٽ ماري ڇڪي آهي. پر هوءَ پنهنجي اولاد کي ڇڏڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهي. ماءُ ۽ اولاد جو سڱ آفاقي آهي ان گهرائي تائين پهچڻ ڪنهن جي سوچن کان بہ پري آهي.

عشق موت کان زور آهي
پر ممتا موت ۽ عشق کان وڌيڪ ڏاڍي آهي.

***